# سر ڪاھوڙي جو مطالعو

مرتب: حميد سنڌي

شاھہ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز

# سُر ڪاهوڙي

## جو مطالعو


مرتب

حميد سنڌي



شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي،

ڀٽ شاهه: حيدرآباد سنڌ

١٩٩٤ع



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاهہ جي ٢٤٩ عرس جي موقعي تي تيل

سيمينار جا مقالا

شاهہ جي ادائي سو سالہ عرس جي' موقعي تي خصوصي اشاعت


| | |
|---|---|
| ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: | اڪبر خشڪ، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ |
| ڇاپيندڙ: | عبدالحميد آخوند، سيڪريٽري،<br>ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهہ |
| ڇپيندڙ: | آزاد ڪميونيڪيشن، ڪراچي. |
| تعداد: | هڪ هزار |
| اشاعت جو سال: | جولاءِ ١٩٩٤ع |
| قيمت: | ١٠٠ |

ISBN: 969-81009-13-X



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| مون سي ڏنا ماءِ | حميد سنڌي | ۷ |
| تصوف ۽ سر ڪاهوڙي | رقيہ غلام النبي شاهاڻي | ۱۳ |
| سُر ڪاهوڙيءَ ۾ ڪردارن جا جدا جدا نالا | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | ۲۹ |
| سُر ڪاهوڙي ۾ ٺيٺ ٻوليءَ جا لهجا ۽ الفاظ | پريتم پياسي | ۳۳ |
| ڪاهوڙي ڪرا.... | ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو | ۴۵ |
| سڪ نہ سٽا ڪڏهين | خادم عباسي | ۵۳ |
| شاهہ جو ڪاهوڙي | ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر | ۵۹ |
| سر ڪاهوڙي ۾ لاهوت جو سير | سيد اسدالله بخاري | ٦۵ |
| ڪاهوڙڪي ڪير | حاجي عنايت الله زنگيجو | ۷۱ |
| سُر ڪاهوڙي ۾ الله لوڪ فقيرن جا اوصاف | پروفيسر الهڏنو سومرو | ۷۷ |
| لطيف جو سُر "ڪاهوڙي" | حافظ احمد بخش | ۸۵ |
| سُر ڪاهوڙيءَ ۾ زندگي گذارڻ جا روحاني راز | رضيہ شيخ | ۸۹ |
| سُر ڪاهوڙي ۽ شاهہ جي منزل | نصرت حسين ابڙو | ۱۰۳ |
| ڪاهوڙين خفي سان | محمد حسين ڪاشف | ۱۰۹ |


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حميد سنڌي

# مون سي ڏنا ماءِ

انسان پنهنجي وت آهر هن ڌرتي تي پنهنجو رنگ ڇمائيندو پيو رهيو آهي. جيتوڻيڪ سندس جسماني ساخت ۽ جياپي لاءِ گهربل بنيادي گهرجن ۾ ڪا به تبديلي نه آئي آهي. سندس هڪ ئي حالت، جسماني توڙي خارجي صورتحال ۾ ساڳي آهي. ڌرتي به ساڳي ڪيفيت ۽ هيئت ۾ آهي، رڳو ڳالهه انسان جي شعور جي آهي. جيئن انسان عقل کان عقل ڪُل تائين سفر ڪري ٿو ته وڏا مشاهدا ماڻي ٿو. انساني علم ۾ واڌارو اچي ٿو ته سندس آڏو اسرار اوترو کلندا وڃن ٿا. حقيقت ۾ جسماني طور منجهن تبديلي نه اچي پر هو علم ۽ تجربي جي زور تي ساخت ۽ هيئت جي تبديلي کان سواءِ پنهنجي اندر ئي اندر وڏيون معرفت جون منزلون ماڻي ٿو. اهو ادراڪ، اها سمجهه ۽ حرڪت جو معراج هر انسان کي هڪٻئي کان مختلف بڻائي ٿو:

ماڻهو سڀ نه سهڻا، پکي سڀ نه هنجهه،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه، اچي بوءِ بهار جي.

اهي کهڙيون ڪيفيتون آهن، اهي کهڙيون انسان جي اندر تبديليون آهن؛ يا تضاد آهن، جيڪي ڪيس ڪٿي، بني آدم جو اڳواڻ بڻائين ٿا. ڪٿي ڪيس رهبري جو علم ملي ٿو، ڪٿي هو پنهنجي اڳواٽي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿاڪي انسانن کي تاراج ڪري ٿو. ڪٿي ڪيس اهو معراج ملي ٿو جيڪو ڪيس منفرد ڪري بيهاري ٿو. اِهو سڀ ڪجهه انسان جي اندر جي تحرڪ تي ٿي مدار رکي ٿو.

منهنجي نظر ۾ پيغمبر ولي، مفڪر انسان جي مادي اندر ٿيندڙ تحرڪ جا وڏا امين ۽ ساکي آهن. هر ماڻهو ۾ مٽيا پيدا ٿئي ٿي پر هر تحرڪ لاءِ اتان جو ماحول، اُتي جون حالتون تڪڙين تبديلين وارو معاشرو اصل ۾ اُهي ئي سبب آهن. جتي سقراط پيدا ٿين ٿا اُتي ڪيس زهر پيارڻ وارا بہ هجن ٿا. جتي حق ۽ سچ لاءِ سِر ڏيڻ وارا سرمد پيدا ٿين ٿا، اُتي سندس سِر لاهڻ وارا بہ پيدا ٿين ٿا. جتي سر ڏيڻ وارا آهن اُتي سر وٺڻ وارا بہ آهن. اهو انسان جي سوچ جو مثبت يا منفي معراج آهي، جنهن هيٺ هيءُ ڌرتي ڪائنات جي خوش رنگي سان رڱيل پئي رهي آهي. اُتي سندس رت ورنو رُخ بہ ڪنهن کان ڳجهو نہ آهي.

انهيءُ ڌرتي تي تغير واري ڪيفيت صدين کان انساني ردعمل جو نتيجو آهي نہ تہ ڌرتي تہ اُها ئي آهي جيڪا صديون اڳ هئي، انسان بہ اُهو آهي جيڪو صديون اڳ هو. اڄ جڏهن بہ هن ڌرتي تي ڪئين چمر جا پاڇا رقص ڪن ٿا تہ اَسين مڙي ماضي ڏانهن نهاريون ٿا ۽ اُنهيءَ روشني لاءِ واجهايون ٿا جيڪا تاڪن تي رکيل ڪتابن ۽ ورثي ۾ مليل مفڪرن جي فڪر ۾ غرق آهي. اسين ور ور ڪيو اوڏانهن نهاريون ٿا. اسان لاءِ هر پيغمبر، هر مفڪر، هر ولي روشني جو پيامبر آهي:

وڏا وڻ وڻڪار جا، جت نانگ سُجهن نيلا،

اُتي عبداللطيف چي، ڪئا هيڪلين حيلا،

جت ڪڙم نہ قبيلا، اُت رسج رهبر راهہ ۾.

اسان جي سنڌ جي ڪُڪ مفڪرن، ولين ۽ رهبرن ڪان ڪنهن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

طرح به خالي نه رهي آهي، جيئن ڌرتي جي گولي تي ڪئين سماجي سياسي انقلاب آيا ۽ اُنهن جا سرواڻ اڀريا پيدا ٿيا. سنڌ تمام گهڻن انقلابن مان گذري آهي. هيءَ اُها ئي ڌرتي آهي جت شاه عنايت شهيد ڪيو ويو. نادر شاه جي حملي سنڌ کي تاراج ڪيو ۽ سنڌ ڀاڱا ٿي اُن کان اڳ سرمد شهيد ٿيو. سنڌ جو محب وطن ڪلهوڙو حاڪم ميان دين محمد، دغا سان پنهنجي ساٿين سميت شهيد ڪيو ويو. هيءُ سڀ اسان جي مفڪر ۽ سنڌ جي صوفي شاعر شاهه عبداللطيف جي سامهون ٿيو. هيءَ اُهو مفڪر رهبر هو جنهن اُن وقت جي سنڌ ۾ ڏاڍ ۽ ڏمر خلاف ڪجهه اهڙي نموني سان احتجاج ڪيو جو سنڌ تي جڏهن به ڏکيو وقت آيو آهي ته نوجوان نسل لطيف سائين جي فڪر کي اُٿلائي پٿلائي ذهن سان محسوس ڪرڻ جي ڪئي آهي. اَڄ به لطيف سائين ڌرتي سان ڪيل قولن کي ورجائيندو رهندو آهي پر هر دور ۾ سنڌ جو نئون نسل نڪري نروار ٿيندو آهي.

ويهه نه وساريج، متان مات ڪري وهين،
قول اِهو پاريج، هو جو ڪيڙُي هوت سين.

شاهه سائين جو فڪر ڪو ائين پيدا نه ٿيو ته هو رڳو پيٽ تي ويٺو رهيو، هو ماڻهن جي من کي ڦولهڻ، اُن اندر مادي جي قوت ۽ ذهني مشاهدي جا ماپا ڪٿي نڪتو هو. هُن نه ڇڏي سنڌ نه ڇڏي هند. هُن هر هنڌ انسان ذات کي ڳوليو اُن لاءِ ته هر ماڻهو ۾ مٽيا جو راز ڪيس ملي ويو. هُن اُهي ڀاڻ ڀيٽيا جت مارئي هئي، اُهي جبل ٽاڪيا جتان سسئي لنگهي هئي، هُن اُن لاءِ ويراڳين ۽ جاڪوڙين سان گذاريو. ڪٿ هُن کي ڪجهه پئلو پيو ڪٿ ڪجهه به نه. ڪٿ مٽيا جا مٽ ته ڪٿ ڪاري وارا ڪک. سندس هيءُ ڳولا ۽ جاڪوڙ تاب پئي ۽ هُن انسان جي اندر جي تبديلي، مادي جي هير ڦير کي محسوس ڪري ورتو. سُر ڪاهوڙي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ چئي ٿو:

کهڙو اٿئي ڪام، گنجي ڏنگر ڳامرَ ۾؟
پسي تنهن پهاڙ کي، اچي نه آرام،
متان ڏونگر ڏوريين، اُجهين ڪوهُ عوام،
هڻُ ڪر حرام، ڪامرُ ته ڪاهوڙي ٿيين.

شاه سائين گنجو ٽڪر، مڪران ڪناري ڪان ڪراچي، مياڻي، هنگلاج جا پنڌ ڏنا اُنهن سيلانين ۽ ڪاهوڙين سان بکون ڪاٽيون ۽ ڏک ڏنا تڌهن چيو:

ڪٿن نه کهڪان پنڌ پراهين هليا،
ڏوٿيڙا ڪه ڏٿ کي جنبيا ڏي جابان،
ڪاهوڙي اُهڃاڻ انگ نه سڄي اڱڙي.

شاهه سائين جو سُر ڪاهوڙي هڪ هنڌ ويهڻ يا ويهارڻ جو سُر نه آهي. نه جسماني طرح سان نه وري ذهني طرح سان. شاه سائين جي سفرن جي ڪيفيت عجيب آهي. اِها انسان جي انسان لاءِ ڳولا ۽ اِهي ڳولا ۾ اُن حق حقيقي هيڪڙي جي حقيقت ۽ ڪائنات جي اسرارن جي ڳولا آهي. شاهه جي شاعري ۾ سندس ڳولا جا هنڌ به عجيب ملن ٿا. هنگلاج جيڪو مڪران ڪناري تي آهي اُن جو ته ذڪر آهي ئي آهي پر اُن سان گڏ قنڌار، ڪابل، بنارس جو به ذڪر ملي ٿو. لڪپت، گرنار، جيسلمير، لس ٻيلو، پورب بندر، جهونا ڳڙهه، هالار، دوارڪا، لڳي ٿو ته انهن مان گهڻين جاين تي هو ويو به آهي.

نانگا ناني هلئا، هنگلاج جا هلي،
ديکي جن دوارڪا، مهيسين ملهي،
آڳه جن علي، آئون نه جيئندي اِن ري.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لطيف جي سُر ڪاھوڙي کي انھيءَ ڪري ڳولا جي لحاظ کان اھميت آھي جو انھن درويشن، سنياسين، الله لوڪ فقيرن جي ڳولا بہ شامل آھي. ھيءُ دنيا ڇڏي جبلن ۾ سفر ڪندي خدا جي عبادت ڪندا ھئا تہ اُن سان گڏ روزي جي تلاش ۾. شاھ صاحب ھن سُر ۾ ڪاھوڙين جي اوصاف ۽ اخلاق جو ذڪر ڪيو آھي ۽ ائين لڳي ٿو تہ ھو دنيا کان ھٽي جبلن ۾ "ڳولا" ۽ "ڳولا" جي ھڃ ھچان ۾ ھئا.

ڪاھوڙين خفيءَ سين، سوجھي لڌو سبحان،
عاشق اھڙين اڪرين، لنگھيا لامڪان،
ھوءِ ۾ گڏجي ھوءِ ۾ ٿيا بابو سي بريان،
سيوئي سبحانُ آيو نظر اُن جي.
(شاھ)

شاھ صاحب اُنھن فقيرن ۾ جيڪي پسيو اھو ڏسڻ وٽان آھي.

مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرين کي
ڪري نہ سگھان ڪاءِ، اُنين سندي ڳالھڙي.
(شاھ)

ھيءَ آھي اصل ڳالھہ انسان جي اندر جي اِدراڪ سمجھہ ۽ معراج جي، جنھن جو مون منڍ ۾ عرض ڪيو ھو. لطيف سائين ۽ اھڙا مفڪر وقت بہ وقت انھيءَ مٿيا ڏي اشارو ڪندا رھن ٿا. پر اسين اڄ نہ اِنھيءَ "ڳولا" ۾ آھيون نہ وري ڪير اسان مان ڪنھن کي ڳولي ٿو. ھيءَ ڪيفيت تڏھن ماڻي ٿيندي، من اندر جيڪي آھي اُھو تڏھن مطمئن ٿيندو جڏھن اسين اُنھن ماڻڪن، مفڪرن کي ڳوليندا سين ۽ سندن فڪر سان گڏ گھاريندا سين تڏھن ئي من مطمئن ٿيندو.

مونَ سي ڏٺا ماءِ! جنين ڏٺو پرينءَ کي،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رهي اڇجي راتڙي، تن جنگن سندي جاءِ،
انهين جي ساڃاءِ، ترهو تئي تار ۾.

هِن سِرَ جا مقالا بہ اِنهيءَ ڏس ۾ هڪ وک آهن.

اديب ساٿين جي هن ست جو ٿورائتو آهيان جيڪي اڇيو ادبي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿين. مان ٿورائتو آهيان ساٿي حميد آخوند، دوست ممتاز مرزا جو جيڪي هن ادبي ڪانفرنس جي ڪم ۾ نہ رڳو هٿ ونڊائيندا آهن پر سندن صلاحون مون لاءِ وڏي وٿ آهن.

مون وٽ هنن ساٿين ۾ ادبي ميلي ۾ شريڪ ٿيندڙن ۾ مقالا لکي ڪٺي اچڻ لاءِ مون وٽ ٻيو ڪجهہ تہ ڪونهي پر هيءَ سوکڙي ضرور آهي.

اول آخر آهہ، هلڻ منهنجو هوت ڏي،
پورهئو سندو پورهيتن والي! ڪي مَر وڄاءِ،
سو مون ٿورو لاءِ، جٺري ملان جت ڪي.
(شاهہ)

دعاگو

حميد سنڌي

مددي ڪتاب

The Poetry of Shah Abdul latif, Dr. Durr-e-Shahwar Sayed.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رقيہ غلام النبي شاهاڻي

# تصوف ۽ سُر ڪاهوڙي

تصوف جو نظريو ڪنهن تلخيق ڪيو ۽ ڪڏهن تخليق ٿيو؟ ان ڳالهہ تي اڄ تائين ڪو بہ مُحقق پختي ۽ ثابتيءَ واري راءِ ڏئي نہ سگهيو آهي. ڪن محققن جو خيال آهي تہ تصوف جي پهرين جُوءِ يونان جي ڌرتي آهي. يونان جي فلسفين سياست، رياضي، فلسفي، حيوانات ۽ نجوم جهڙن موضوعن تي ڪتاب لکڻ سان گڏ مذهب تي بہ ڪتاب لکيا ۽ تصوف جو نظريو بہ پيش ڪيو.

موهن جي دڙي مان هڪ ڏاند جي مورتي هٿ آئي جيڪا سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتابن تي مونو گرام جي صورت ۾ موجود آهي. اسان جي وڏڙن کان اها ڪهاوت هلندي اچي ٿي تہ هڪڙو وڏو مهان ڏڳو آهي جيڪو پنهنجي سڱن تي ڌرتي کي جهليو بيٺو آهي. جڏهن هن جو هڪڙو سڱ بار سبب ٿڪجي پئي ٿو تڏهن ڌرتي ٻئي سڱ تي ڪٽي ٿو. انهيءَ عمل سبب ڌرتي ڏڏِي پوي ٿي. اهو ديو مالائي ڏڳو جنهن جو عقيدو يونان وارن وٽ هو. اُهو ”مُهين“ (موئن جو دڙو) تائين ڪنهن پهچايو؟ اها سوچڻ جي ڳالهہ آهي.

هندستان جي هڪ عظيم انسان مهاتما ٻُڌَ ڪيترا سال ٻَڙ جي وڻ هيٺان ويهي گيان ۽ ڌيان جو سلسلو جاري رکيو ۽ پنهنجي شَرير کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شڪتي ڏني تڏهن هن کي پورن چاليهن سالن کان پوءِ نرواڻ مليو. گوتم ٻڌ جون اهي مورتيون جيڪي سندس گيان ۽ ڌيان کي خيال ۾ رکي بڻايون ويون سي ظاهر ڪن ٿيون ته هو ڪنهن مراقبي ۾ ويٺل آهي. هن ايتري ته تپسيا ڪئي آهي جو هُن جو پيٽ پُٺيءَ سان لڳي ويو آهي. مهاتما ٻُڌ جون ڳالهيون ۽ تعليمات جيڪي انسان ذات تائين پهتيون انهن ۾ تصوف جي جهلڪ نظر اچي ٿي. بسنتي ۽ گيڙو رنگ جيڪو هندو سامين، سنياسين ۽ ڪاهوڙين پاتو سو اصل ٻڌ ڀڪشُنِ جو رنگ هو. انهيءَ رنگ کي دنيا جي بيوفائي، بدمزگيءَ ۽ ناپائيداريءَ جو اهڃاڻ تصور ڪيو ويجي ٿو. جيو ويجي ٿو ته هندو ڌرم وارن تصوف جو خيال ٻڌ مذهب کان حاصل ڪيو. هندستان جي جين ڌرم جي باني مَهاٻير جي مت جا پوئلڳ پڻ بسنتي ۽ گيڙو رنگ استعمال ڪن ٿا ۽ تصوف سان ملندڙ جلندڙ ترڪ دنيا جا خيال رکن ٿا.

تصوف لفظ جي بڻ بڻياد جي باري ۾ پڻ وڏو جهيڙو آهي، ڪي چون ٿا ته تصوف اصحاب صفحه کان ورتل آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته "صُوفَ" (اَنَ) مان اخذ ڪيل آهي ڇو ته اڳئين زماني جا صوفي اَنَ جي پشم مان ٺهيل گودڙي پائيندا هئا. قرآن پاڪ جي آيات تي غور ڪبو ته مقدس ڪتاب جون ڪيتريون آيتون تصوف جي نقطن کي بيان ڪن ٿيون. اسان جي پياري نبي حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي سنت جي ساٿارين کي غور سان ڏسندي معلوم ٿئي ٿو ته ڪيترا اصحاب سڳورا جهڙوڪ حضرت ابوذر غفاري، سلمان فارسي، بلال حبشي ۽ صُهيب رومي صوفين جهڙا لڳن ٿا.

ڪن عالمن جو خيال آهي ته حضرت رسول الله صلعم کان پوءِ جڏهن خلافت ۽ جمهوريت جي جاءِ اِمارت، ڊڪٽيٽرشپ ۽ شهنشاهيت ورتي تڏهن ماڻهو اِمارت جي ظلمن جي چَڪيءَ ۾ پيسجڻ لڳا. هو زبان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سان ڪجھ بہ نہ ٿي ڪُڇي سگھيا. آخر مجبور ٿي هُنن شهر، آباديون ۽ وسنديون ڇڏي ويرانن جي واٽ اختيار ڪئي. اُتي پنهنجا آستانا قائم ڪري ويهي علم جا سلسلا جاري رکيائون ۽ جعلي انسانن کي چڱائيءَ جي واٽ ڏسڻ شروع ڪيائون. هِن خيال مطابق تصوف جو اِدارو اِمارات کان فرار ذريعي وجود ۾ آيو.

ٻيءَ صديءَ هجريءَ ۾ اسان کي باقاعده Formalنموني ۾ صوفي خانقاهون نظر اچن ٿيون. صوفين جي سرواڻ خاتونِ بيبي رابعہ بصري تصوف جي لاٽ ٻاريندڙ نظر اچي ٿي. سُفيان ثورِي، معروف فرخِي، جُنيد بغدادي، ابوالقاسم قُشيري ۽ عبدالڪريم جيلي جهڙا وڏا وڏا صوفي پنهنجي خانقاهن ۾ باقاعده تصوف جو مَتَنَ ۽ اصولن جي تعليم ۽ تربيت ڏيندڙ نظر اچن ٿا.

ٽين صدي هجريءِ ۾ عباسي دور حڪومت ۾ هڪ اهڙو شخص پيدا ٿيو جنهن خانقاهن ۾ لڪي ويهڻ بدران امارت ۽ اقتدار سان سڌو سنئون ٽڪر کاڌو ۽ پنهنجي نظريي کي وڏيءِ دليريءِ سان عوام تائين پهچايو. انهيءَ شخصيت جو نالو منصور حَلاج هو جنهن کي آخر حامد بن ابوالعباس وزير سازشون سٽي سُوليءَ تي سينگاريو هو. منصور حَلاجُ، حضرت جُنيد بغداديءِ جو شاگرد هو. اسان جي سنڌ ۾ تصوف جو نظريو منصور حلاج جي ڏهاڙن ۾ ئي پهتو هو. محققن جو خيال آهي تہ هو پاڻ سنڌ ۾ آيو هو ۽ ديبل (ڀنڀور) شهر ۾ بہ اچي رهيو هو. شاهہ ڀٽائيءِ سندس ذڪر سُر سهڻي جي ٻن بيتن ۾ هن ريت ڪيو آهي:

جَر ٿَر ٽِڪَ ٽَنوار، وَڻِ ٽِڻ وائي هيڪڙِي
سَيئي شيءِ ٿِيا، سُوريءَ سَرَا وارَ
هَمَہ مَنصُور هَزار، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهِئين؟

سَيت پَچارَ پرينءَ جِي، سَيَتِ هوتَ حُضُورَ
مُلِڪَ مِڙيو مَنصُورُ، ڪَهِي ڪُهندي ڪيترا؟*

تصوف جي باري ۾ اسان کي جيڪو پهريون سنڌي بيت مليو آهي سو صوفي عبدالجميل جي درگاهه ۾ چيل سنڌي ذاڪر جو هي بيت آهي:

ڪو جو ٿهر ڪَلاچ ۾ جو گهِڙي سو نِئي
خبر ڪونہ ڏِئي - رَڇَ ڪُڄاڙي رَندِيا؟

بيان العارفين جي صاحب هي بيت شاه ڪريم بلڙي واري ڏانهن منسوب ڪيو آهي مگر جڳ مشهور محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق موجب هي بيت شاه ڪريم کان گهڻو آڳاٽو آهي.

قاضي قادن (قاضن) جي ڪلام ۾ هي بيت پڻ تصوف جا نقطا بيان ڪري ٿو:

لوڪان نَحو صرف، مون مطالع سُپرين
سو ئي پڙهيو سو ئي پڙهان سوئي سو صرف

حضرت مخدوم نوح سرور هالائيءَ جي هن بيت مان بہ صوفي عقيدي جي ڳالهہ نروار ٿئي ٿي:

پيئي جا پريات، سا ماڪ نہ پانيو ماڻهئان
روئِي جُڙي رات، ڏسي ڏکوين کي.

سنڌ سونهارِيءَ سان هميشہ هاڃا ٿيندا رهيا آهن. هندستان ۽ سنڌ تي مغلن جي ڪاهن ۽ فتوحات جي نتيجي ۾ ڪابل، تنڌار، ماوراءُ

* هي بيت سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان، لواري واري جو آهي.
ايڊيٽر.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

النَهر، سمرقند ۽ بخارا جي عالمن جو ڏاڪو ڄميو ۽ دين اسلام جي باري ۾ انهن جون تشريحون اسلام جي عقيدي طور سنڌ ۾ پهتيون. چنگيز خان ڪان وٺي اڄ تائين، هن ڌرتيءَ جي اها ساڳي هڪ ئي ڪهاڻي آهي. انهن علائقن جا ماڻهو پنهنجي گذر سفر لاءِ اچي سنڌ ۽ هند جي مسلمان جي ديني ڪمزوريءَ جو بهانو وٺي، اسلام جي نَوَن نعرن سان هتِ پير ڄمائڻ ۾ ڪامياب پئي ٿيا آهن. پنهنجي حملا آوري، لشڪر ڪَشي ۽ ڦرلٽ کي جائز مڃائڻ لاءِ ڪيتريون تاويلون ڪيون اٿائون. چنگيز خان ڪان وٺي حڪمت يار مجددي ۽ ربّاني تائين هنن جو مقابلو مسلمانن سان پئي ٿيو آهي. مثال طور تيمورلنگ مسلمان هو. چيو وڃي ٿو تہ هو شريعت جي ظاهري احڪامن جو پختو پابند هو. سفر ۽ سواريءَ ۾ بہ قرآن پڙهندو هو ۽ پنج ئي فرض جماعت سان ادا ڪندو هو، پر پوءِ بہ هُن نہ ڪي دهلي وارن کي بخشيو ۽ نہ ئي ترڪن کي معاف ڪيو.

چيو وڃي ٿو تہ محمود غزنوي هند ۽ سنڌ تي سترهن ڪاهون ڪيون ۽ هر ڪاهہ ۾ سوڀارو ٿيو. اهو سوال اڃا تائين باقي آهي جڏهن پهرين ئي ڪاهہ ۾ هن هي ملڪ فتح ڪيو تہ پوءِ هت مسلمان حڪومت ڇو نہ قائم ڪيائين؟ منهنجي خيال ۾ هر وقت مال غنيمت جي لاءِ هن اهو جواز باقي رکيو تہ جيئن هو ڪاهون ڪندو رهي ۽ مالِ غنيمت گڏيندو رهي.

محمود غزنوي جي عالمن ابو ريحان البيروني، حاجي خليفہ، ابن اثير ۽ شهاب الدين، محمد غوري جي عالمن سان گڏ شاهہ بيگ ارغون جي مولانا عبدالعزيز اَبَهَرِي، يار محمد اَبَهَري، سيد شڪر الله شاه شيرازي، سيد محمد اَچِي ۽ ان قسم جي عالمن جون دين جي باري ۾ تشريحون، ڪابل، قنڌار، ثمرقند ۽ بخارا وارن جي ڏاڏي ۾ هيون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اھڙن ئي عالمن جي فتويٰ جي نتيجي ۾ سنڌ جي مجاھد ۽ ولي الله عالم مخدوم بلاول کي ڪافر ۽ واجب القتل قرار ڏنو ويو ھو. ثمرقند ۽ بخارا جي عالمن جون دين بابت تشريحون جڏھن سنڌ ۾ پھتيون تڏھن سنڌي مقامي عالم دربار جي دٻدٻي وارن عالمن ۽ سرڪاري قاضين مفتين کان مرعُوب ٿيا.

جيئن تہ مسلمان حڪمران گھڻو ڪري مذھبي استحصال ذريعي اقتدار جي محل ۾ پئي گھڙيا آھن، ھنن پنھنجي اقتدار کي ڊگھي مدت تائين قائم رکڻ لاءِ اسلام جا جذباتي نعرا ھڻي عوام الناس کان پنھنجي تائيد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آھي. ڪلھوڙا حڪمران جيڪي اڳ ۾ فقيرائي چولي پائي سنڌ ۾ آيا ھئا ۽ مذھبي پرچارڪ بڻجڻ ۾ ٿي آيا، تن پڻ سنڌ جي ماڻھن جي دين سان محبت مان فائدو وٺي اقتدار حاصل ڪيو ۽ مغلن کان موروثي مليل مذھبي تعصب ۽ تنگ نظري کي جاري رکيو. ھنن حڪمرانن جا ڪيترائي اھڙا فرمودا ۽ فرمان ملن ٿا جن مان پڪي ثابتي ملي ٿي تہ انھن مذھبي جذبات کي پنھنجي اقتدار بحال رکڻ لاءِ ڍال طور ڪتب آندو. مثلاً انھن ڪيترن ئي مسلماني عملن کي عوام مٿان زوري مڙھڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڌارئي مذھبي عقيدي وارن کي تبليغي جنون ۾ اچي زوري مسلمان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جن سببن ڪري ماڻھو، ھڪڙي سنڌي قوم ھجڻ بدران ٻن حصن ۾ ورھائجي ويا. ھنن جو ايڪو ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. ھنن جي وطني ايڪائي جو جذبو ڀور ڀور ٿي ويو. مجبوراً ھو ھندو يا مسلمان بڻجي سوچڻ لڳا.

حضرت شاھہ عبداللطيف ڀٽائي اِھڙي ئي سياسي جنون، مذھبي تعصب ۽ تنگ نظري واري ماحول ۾ پيدا ٿيو ھو. اھڙي ئي ماحول جو اک کوليندي مشاھدو ڪيو ھئائين. تڏھن کان ئي اُن وقت جي نندڙي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لطيف سوچيو هو تہ هو ديس واسين کي هڪڙي خيال ۽ هڪڙي مرڪزي محبت واري نقطي تي گڏ ڪندو. هندو کي هندو رهندي ۽ مسلمان کي مسلمان رهندي، ايڪي ۽ اتحاد واري سوچ ۽ لوچ لاءِ گڏ ڪندو. انهيءَ ڪري ئي هن پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي مڙني ڪردارن کي عظيم سمجهي انهن کي واڪاڻيو ۽ سنڌ واسين تائين پهچايو. لطيف سائين ميهار مسلمان جي تعريف ڪئي تہ غير ڌرم جي راڻي ۽ راءِ ڏياچ جي سٺي ڪردار کي بہ ساراهيو. هُن جي نظر ۾ فقط اهو ماڻهو برو هو جيڪو بد ڪردار هو، ڦورو هو ۽ لَڄُن ۽ ننگن تي نظرون رکندڙ هو يا ديس واسين کي ميري نظر سان ڏسندڙ هو. هن سنڌ جي مسلمان بادشاهہ عمر سومري کي ننديو ۽ هندو راجا راءِ ڏياچ کي صد بار ساراهيو. شاه سائين فقط نيڪي جو ساٿي آهي، مثبت ڪردارن جي عظمت جو مداح ۽ قائل آهي. ان ڪري ئي لطيف سائين جڏهن تصوف ۽ صوفين جي ڳالهہ ڪئي، تڏهن ان جو اهو مرڪزي جذبو ڪار فرما رهيو تہ هر صوفي کي ساراهجي جيڪو وجود مطلق جو قائل آهي. جيڪو هيڪڙائي جو قائل آهي. جيڪو دوئي ۽ نفرت کان بيزار آهي، پوءِ اهو ڀلي نہ ڪهڙي بہ دين ۽ ڌرم سان واسطو رکندڙ هجي. شاه صاحب مذهبي ڀيد ڀاوَ جي خلاف آهي. هن جي سرچ ۽ هن جو عقيدو اجتماعي انساني مفاد تي ٻڌل آهي. ان ڪري هو سنڌديس لاءِ دعاڳو آهي تہ ان سان گڏ هو هن ڌرتيءَ تي وسندڙ هر انسان لاءِ بہ ساڳي دعا جا هٿڙا کڻي ٿو:

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مِٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

سُر ڪاهوڙي شاهہ سائين جي ان بلند خياليءَ ۽ وسيعُ القلبيءَ جو ڪليل نمونو آهي. هن سُر ۾ هن مڙني علامتي ڪردارن، ٿانن ۽ ماڳن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪي محبت واري نظر سان ڏٺو آهي، پوءِ پل چو نہ اهي ڪنهن ڌاريءَ ڌرم وارن جا هجن. هو فقط ان ڳالهہ تي عقيدو رکي ٿو تہ جيڪو بہ پانڌيڙو پريَنءَ جي ڳولا ۾ آهي لطيف انهيءَ جي قافلي جو ساٿي آهي.

شاهہ ڀٽائي جيئن تہ سيلاني صوفي هو، هُن پنهنجي اندر جي سر کي جاري رکڻ لاءِ ڪيترن ئي ظاهري ماڳن جو مشاهدو ماڻيو هو ۽ اهي ماڳ اکئين گهمي ڏٺا هئائين. اهي ماڳ ۽ مشاهدا شاه سائين جي هڪ جاگرافي دان، سياح ۽ سيلاني هجڻ جي ساک ڀرين ٿا. ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ شاهہ سائين پنهنجي رسالي ۾ سنڌ ڌرتي جي حقيقي ۽ پوري جاگرافي بيان ڪئي آهي. توڙي جو اڄ سنڌ جي جاگرافي بدلجي چڪي آهي ۽ سنڌ جا ڪي علائقا بلوچستان، پنجاب ۽ هندستان ۾ هليا ويا آهن پر سَوَن سالن پڇاڻان بہ شاهہ سائين جي ڏسيل جاگرافي جو ڏس پتو ڏين ٿا. اڄ بہ سنڌ کان ڌار ڪيل انهن علائقن ۾ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي رهڻي ڪهڻي جو ڏس پتو چٽيءَ طرح ٿو پوي، ڀٽ، هاڙهو، جَرَ، جَهَرَ، ٻيلو، نانئي، هنگلاج ۽ لاهوت لامڪان مڙيئي سنڌي ساميين ۽ صوفين جا روحاني مرڪز هئا ۽ سنڌ ڌرتيءَ جو حصو هئا. توڙي جو سياسي طرح انهن علاقن تي نوان نوان نالا رکيا ويا آهن تڏهن بہ سنڌ جي سڃاڻ ۽ سرهاڻ اڄا بہ ان مٽيءَ مان اچي پيئي.

سُر ڪاهوڙي ۽ سر رامڪلي جو مرڪزي خيال هڪ ئي آهي. منهنجي خيال ۾ سر ڪاهوڙي ۽ سر رامڪلي شاهہ سائين جي پوئينءَ عمر جا چيل بيت آهن. جڏهن هو چاليهن سالن جي عمر کان مٿي چڪو هو. سر مارئيءَ ۾ جيئن مارئي جو عمر جي ڪوٽ مان آجو ٿي ٿر ڏانهن ورڻ جو ذڪر آهي تيئن محققن جو خيال آهي تہ لطيف سائين جي وچڙيل روح جو هن عارضي دنيا کان حقيقي وطن "ٿر" ڏانهن ورڻ جو استعارو آهي. منهنجي خيال ۾ سُر ڪاهوڙي، سر مارئي کان ڪي سال اڳ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ چيل شاه جا بيت آهن. سُر ڪاهوڙي جا سمورا بيت روحاني سفر جي ڳالهه ٿا ڪن جنهن ۾ انساني آتما هڪ اڻ ڏٺو ڏونگرن ۽ ڏولائن وارو سفر طئي ڪري ٿي. هن سُر ۾ لطيف سائين ڪن علامتي ماڳن مڪانن جو به ذڪر ڪيو آهي جيڪي هن جي سفر جا نشان ڏيکارين ٿا. اهي ماڳ حيدرآباد جي ڏکڻ طرف گنجي ٽڪر ۽ ناني ڪان شروع ٿي آخري منزل هنگلاج تي اچي پورا ٿين ٿا.

هنگلاج جو ٿان هاڙهي جبل جي پاڙ وٽ هڪ غار آهي. اهو غار گهڻو هيٺ لاهيءَ تي نه پر مٿاهين، تي آهي ۽ اهڙو ڪشادو آهي جو منجهس ٽي چار سَو ماڻهو آرام سان رهي سگهن ٿا. هنگلاج جي ٿان جي ويجهو جيڪي ٻيا غار آهن تن کي سَرنُ چوندا آهن. هنگلاج کي هندو، ديوي، انبا (امان)، ماتا ۽ ٻين نالن سان ڪوٺيندا آهن. هنگلاج جا مجاور مسلمان آهن ۽ هنن جو چوڻ آهي ته هنگلاج حضرت عليءَ جي دائي هئي. هنگلاج ۾ حضرت عليءَ جي قدمن جا نشان به ڏيکاريا وڃن ٿا. حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي به ٻيرا هنگلاج ويو هو. هندن جي مذهبي ڪتابن پراڻن ۾ ڄاڻايل آهي ته سري رامچندر جڏهن سيتا ۽ لڇمڻ سان گڏجي چوڏهن ورهيه بَنواس ڀوڳڻ لاءِ نڪتو هو تڏهن اِن عرصي ۾ هنگلاج به ويو هو. رامچندر جي اِن سفر جا اهڃاڻ ان مان به ملن ٿا ته رام جي نالي تي اڄ سوڏو ڪراچي ۾ هڪ باغ آهي جنهن کي رام باغ سڏيو ويچي ٿو. هن نئين دور ۾ ان جو نالو قيرائي آرام باغ ڪيو ويو آهي. رام باغ جي ويجهو هڪ تلاءُ به هو جنهن کي راماسَرُ سڏيو ويندو هو. اهو تلاءُ موجوده سعيد منزل جي سامهون هو.

ڪاهوڙي لفظ جي معنيٰ ڪلياڻ آڏواڻي "ڏٿ ڏوريندڙ" ۽ "جبل جهاڳيندڙ" لکي آهي. جڏهن ته شاهه جي رسالي جي انگريزي شارح آغا محمد يعقوب "Snake Charmer" (مارُ (نانگ) مُنڊِيندڙ) ۽ "ڏٿ

ڏوريندڙ" ٻئي معنائون لکيون آهن. آغا صاحب وڏيڪ ڄاڻايو آهي ته گنجو ٽڪر ڪاهوڙين جي روحاني سفر جو پهريون نشان هو جتان هو لاهوت لاءِ روانا ٿيندا هئا.

سُر ڪاهوڙي ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائي گنجي ٽڪر کان لاهوت جي سفر جو وَستار هنن بيتن سان ڪيو آهي.

پيو جن پَرو، گنجي ڏونگر ڳامَ جو
ڇَڏي ڪِيٽُ ڪرو، لوچي لاهوتي ٿِيا.

---

پيئي جن پَرکَ، گنجي ڏونگر ڳامَ جي
واري سڀُ ورَقَ، لوچي لاهوتِي ٿِيا.

آغا محمد يعقوب لکيو آهي ته شاه عبداللطيف ڀٽائي هي سُر مخدوم محمد زمان لواري واري جي شان ۾ چيو آهي. هو صاحب تصوف جي سلسلي ۾ نقشبندي طريقي سان مُنسلڪ هو. نقشبندي الله جي وحدانيت جي درياءَ ۾ ٻُڏڻ جا قائل آهن ۽ فنا في الوجود جو عقيدو رکن ٿا. هو حضرت محمد صلعم جي شريعت تي پوريءَ طرح پابند رهڻ جا قائل آهن. خاص ڪري هي بيت ڳهڻ ٺي عالمن مخدوم محمد زمان جي لاءِ چيل مڃيو آهي:

مون سين مليا ماءِ، جنين پسيو پرينءَ کي
تني سندي ڪاءِ، ڪري نه سگهان ڳالهڙي.

هن ساڳئي بيت جي پڙهڻي شاه جي ڪن شارحن هن طرح سان به لکي آهي.

مون سي ڏٺا ماءِ! جنين ڏِٺو پرينءَ کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪري نہ سگهان ڪاڻ، اُنين سندي ڳالهڙي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ڪاهوڙين جون خصلتون ۽ خوبيون، وصفون ۽ وايون هن طرح بيان ڪيون آهن.

(١) هُو سادا سُودا ميرڙا ۽ ڀيوت آهن. ڏيک ويک، ڇنڊ ڦوڪ، درشن ۽ ديدار ۾ ويساهہ ڪونہ ٿا رکن. هنن کي ڪنهن جي واهہ واهہ جي ضرورت ئي ناهي. پنهنجيءَ ۾ ئي پورا آهن. مالڪ سان لنءُ لڳائي اٿن، ڪنهن جي نيٽن ۽ نظرن جي داد جي وصوليءَ کان آجا ۽ اڳيرا آهن.

يَڪَنيا يُوٽَنِ، ڏَڙَ کي گَڏِيو ڏوڙِ ۾
ڳالهيُون ڳُهلِي لوڪ سِين، پَڌَرِ پَئي نَہ ڪَنِ
ڪَامِلُ آهي تَنِ، مُون پِريان جي ڳالَهڙِي.

(٢) ڪاهوڙي هر دم ڏٽيءَ جي ياد ۾ رهن ٿا. پنهنجي مالڪ جي ڏِيل ۽ ڏهڪاءَ کان ۽ اڳو تر جي ڀچاٽي کان اکين مان آب ۽ جل جام هارين ٿا. قرآن پاڪ ۾ اهڙن ماڻهن جي ساراهہ ۾ چيو ويو ۽ کين صلاح ڏني وئي ”تہ پوءِ ٿورو کِلو ۽ گهڻو روئو.“

ون ڪاهوڙي لِڪيا، گهرين نہ گهارِينِ،
واحِدَ لڳُ وِلهنِ ۾، رويو جَرُ هارِينِ،
گوندَرِ گذارِينِ، جُهہ ڏوتِي ڏُٺَ گَڏِ ٿيا.

(٣) ڪاهوڙي آرام ۽ سُک جا طالبو ناهن. هو محلن ۽ ماڙين ۾ رهڻ جا عادي ناهن، اَجها اَڏي آرامي ٿيڻ جي آس ئي نہ ٿا رکن. هو ڏکن جا هيراڪ آهن ۽ سختي سهڻ کي ماڳ رسڻ ۽ منزل ماڻڻ جو ذريعو سمجهن ٿا. سختيون ۽ سُور، مردانگي ۽ همت پيدا ڪن ٿا ۽ انساني جذبن کي تازو توانو ڪن ٿا. آرام پسند انسان سست، ڪاهل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ ڪم چور ٿيو پون ٿا. اُهي منزل کي ڪڏهن بہ رسي نٿا سگهن.

مون ڪاهوڙي لَڪيا، آين نہ آرام
ڪيائون تَنُ تمام، جُهہ ڏوٿي ڏُٿَ گَڏ ٿيا.

---

مون ڪاهوڙي لَڪيا، سمهن ڪين پَئِي
سَير ڪيائون سُجَ ۾، ڏوري ڏُٿَ لِهي
ويا اُت وَهِي، جِت نهايت ناهہ ڪا.

(۴) ڪاهوڙين جي رسائي ۽ پهچ ان منزل تي آهي جتي سڀ ڪنهن جو پهچڻ مشڪل آهي. جتي مال اسباب وارن جي سفر جي پڄاڻي ٿئي ٿي، ڪاهوڙين جي سفر جي پهرين منزل اتان شروع ٿئي ٿي. هو ڪهڙي منزل تي ۽ ڪٿي رسندا اهو ڪو بہ نہ ٿو ڄاڻي سگهي. هو اِن سچ جي سفر لاءِ سبب ۽ ثمر ڪٺي وجڻ جا قائل نہ آهن. هو جذبن جي آڌار تي اڳتي وڌن ٿا. هنن جو ارادو ئي انهن جو توشو آهي.

جِت نہ پکِيءَ پير، تِت تَمِڪي ٻاهِڙي
ٻيو ٻارِيندو ڪير، ڪاهوڙِڪِيءَ کيرِ رِيءَ

---

ڪَٿِين نَہ ڪَيڪانَ، پَنڌَ پَراهين هلِيا
ڏوٿيڙا ڪنهن ڏُٿ کي، جُنبِيا ڏَنهَن جَابَانَ
ڪاهوڙِيَنِ اُميڄاڻُ، اَنگِ نہ سَڄِي اڳڙي.

(۵) سندن پنجين وصف اِها آهي تہ هو اڙانگي پنڌ، ڏورانهين سفر ۽ ڏور منزل لاءِ هر وقت تيار رهن ٿا. هُو هن مانجهاندي جي ماڳ کي منزل سمجهي ڪڏهن بہ ننڊ نٿا سمجهن. هنن جي ننڊ آرام لاءِ نہ

پر سفر جاري رکڻ جو ذريعو آهي. هو گهٽي سفر ۽ گهٽي اوجاڳي سبب جسماني طور ڪمزور ٿي ويا آهن، پر هنن جي آتما ۽ هنن جو روح سگهارو ۽ پلوان آهي:

ڪَرڪِٽا لاهي، سُکِ نہ سُتا ڪڏهين
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو

---

سُڪا منَهن سَندِنِ، پيرين پُراٽا ڪيتڙا
سا جُوءِ ڏوري آئِيا، سُونهان جِتِ مُنجَهنِ
ڳجها ڳُجهون ڪَنِ، تِهان پَرامين پَنڌَ جُون.

(٦) ڪاهوڙين جي ڇهين خصلت هيءَ آهي تہ هو ڏٺي سڳوري کي مَن ئي مَن ۾ ياد ڪن ٿا. هنن جي دل جي ڏکِ ڏکِ ڏٺيءَ جي ياد سان ٿئي ٿي. پنهنجي مالڪ کي اندر ۾ ئي اورين ٿا. ظاهري ڏيک ۽ رِيا کان هر دم پري رهن ٿا ڇو تہ ريا واري عبادت خلق لاءِ ٿئي ٿي. مالڪ کي اها عبادت وڻي ٿي جيڪا لوڪان لِڪي ڪجي ٿي:

ڪاهوڙين خَفِيءَ سِين، سُوجهي لَڌو سُبُحانُ
عاشِقَ اَهڙي اَڪَرين، لنِگهيا لاَمَڪانُ
هُوءَ ۾ گڏجي هُو ٿيا، بابو جي بريانُ
سَيوئي سُبُحانُ، آيو نظِر انهن جي.

شاهہ جي خيال موجب مٿي بيان ڪيل صفتن وارا سچا ڪاهوڙي آهن. اُهي سچ ضرور پسندا. شريعت، طريقت، معرفت جون منزلون ماٽي حقيقت کي رسندا. اُهي ئي صراطِ مستقيم جا پانڌيئڙا آهن ۽ لاهوت انهن جي ئي آخري منزل آهي:

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جَهنگل هَليا سي نہ پُليا، راهَ هَليا ڦرجَنِ
اوَ جهڙِ سي نہ پونِ، ٻيئي جنين ڇڏيُون.

---

ڪاري راتِ اچو ڏينهن، اِ يَ صفتان نُور
جتي پرينءَ حضُورُ، تِتي رَنگُ نہ روُپ ڪو.

شاهہ سائين جو خيال ۽ عقيدو آهي تہ اهڙا نورَي صفات وارا صوفي هن دنيا لاءِ ضروري آهن جيئن روشنين جو سلسلو جاري رهي. اونداهيون ختم ٿين ۽ حق جي ڳولائن جو سفر سدائين جاري رهي. اهڙن ئي سچن انسانن جي ڪري هيءَ دنيا قائم آهي. اهڙن ئي چڱن جي پنيان هلجي ۽ انهن جي ساٿ ۾ سهاڙيل رهجي. جڏهن اهڙا انسان دنيا ڇڏي ويندا آهن تہ پوءِ دنيا سُڃَ لڳندي آهي، جهنگل ۽ شهر سيئي ويران نظر ايندا آهن.

ڪُتَا نہ ڪُوڪارَ، نہ سي سڏ شڪارِيين
پِٺيو ڪٿي پارَ، جهنگلُ آهيڙيُن ڪي.

---

وَر سا سُڃِي ويڙهہ، جنهن ۾ سَجَڻُ هيڪڙو
سو ماڳُ ئي ڦير، جِتي ڪوڙ ڪُماڙُ هِيئَن.

حضرت شاهہ ٻڌائي فرمائي ٿو تہ انسان جي من اندر جڏهن گناهن جا جهنگل ناس ٿيو پون ٿا ۽ ڪاهوڙي پنهنجو اندر اُجاري پاڪ صاف ڪن ٿا تڏهن دل جي چور جا سيئي لِڪَ ختم ٿي وڃن ٿا. انهيءَ آدم جي ويريءَ جي ٻيٺڪ پيڇي پورَ ٿي پوي ٿي. پوءِ سچي ڪاهوڙيءَ جي دل ۾ سندس سچو دوست اچي ديرو دمائي ٿو. انهيءَ دوئي پيدا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪندڙ جي پڇي وڃڻ بعد عبد ۽ معبود هڪ ٿيو پون ٿا. سيڪڙو ۽ سڪ گڏجي وڃن ٿا. موجود وجود جي ساگر ۾ اهڙي طرح ملي وڃي ٿو جيئن قطرا سمنڊ ۾ گم ٿي وڃن ٿا:

جهنگ ڪامِي پَٽُ ٿيو، پڳِي چوران لِڪَ
سيڪڙو ۽ سِڪَ، ٻَئي گڏيا پاڻَ ۾.

## مددوُ ڪتاب:

(١) قرآن شريف

| | |
|---|---|
| (٢) شاهه جو رسالو | ڊاڪٽر گربخشاڻي |
| (٣) شاهه جو رسالو | پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي |
| (۴ ) شاهه جو رسالو | آغا محمد يعقوب |
| (۵) لطيفي سَير | ڪاڪو ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي |
| (٦) لنواري جا لعل | ڊاڪٽر گربخشاڻي |
| (٧) ڪريم جو ڪلام | ڊاڪٽر عمر بن محمدد دائود پوٽو |
| (٨) مخدوم نوح سرور | عبدالله ورياهه |
| (٩) بيان العارفين | ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو |
| (١٠) قادن جو ڪلام (هندستان ۾ ڇپيل) | هيرو ٺڪر |
| (١١) وحدت الوجود | اشرف علي ٿانوي |

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

# سُر ڪاهوڙيءَ ۾ ڪردارن جا جدا جدا نالا

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي هر سُر ۾ مضمون جي نواڻ موجود آهي. ڪيس ڳالهه ڪرڻ جو به نئون ڍنگ اچي ٿو. مختلف مضمونن ۾ ڳالهين کي جدا جدا نمونن سان شعر ۾ سموهي ٿو.

ڪاهوڙيءَ ۾ محنت ڪشن جو ذڪر آهي. جيتوڻيڪ سُرَ جي تمثيل ۾ روحاني معنيٰ ۾ اشارو سلوڪ جي راهه ڏانهن آهي، پر ظاهري معنيٰ کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. شاهوانيءَ صاحب مجموعي معنيٰ موجب هِنَ سُرَ جي ڪردارن کي سيلاني فقير سڏي ٿو. اِن لحاظ کان هي فقير پيٽ پاليندڙ سيلاني ٿيا. ممڪن آهي اهڙن فقيرن کي به شاهه صاحب ڏيان ۾ رکيو هجي.

هي ڪردار محنت ڪش، ڏٿ ڳڏ ڪري اُن تي گذران ڪندڙ آهن. غريب، محنت جا مجسما. جاڪوڙ ڪندڙ يا ڪاهوڙ ڪندڙ آهن. جامع لغات سنڌي ۽ رسالي جي مرتب حضرات جي خيال موجب هنن فقيرن جا ڪيترائي ڪم آهن. جن ۾ ڦيٽائي، نانگ جو منڊ رکندڙ، جهاڙ رکندڙ، ڏٿ ڳوليندڙ، اُن تي گذران ڪندڙ، منترياز، ارادي جا پڪا ۽ ڪاهوڙي يعني ڪاهيندڙ وغيره اهم آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهن. پنهنجي زندگي کي سڦل بنائڻ لاءِ جدوجهد، جاکوڙ ۽ ڪاهوڙ ڪن ٿا. پيٽ پالڻ لاءِ هٿ پير هڻن ٿا.

سُر ڪاهوڙيءَ جي ڪردارن جي برابريءَ ۾ سر سارنگ ۾ سنگهار آهن:

هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار،

يا

مکڻ پرين هٿڙا، سنگهاريون سايون.

هي ته ٿيا مينهن جي آسري. هوڏانهن سر مارئيءَ جا مارو ۽ ڌوتي به آهن. انهيءَ حال ۾ آٿين چاڙهين، ڌٽ ڏينهاٽي سومرا، يا سرتين ڌٽ سبيل ڪيو، اگڻ ڍوئي ڍير ـ سر مارئيءَ جو اتون داستان خاص طور هن جاکوڙ ۽ ڪاهوڙ ڪان اسان کي واقف ڪري ٿو. سر گهاتوءَ وارا ڄڄير ۽ ملاح به رزق جي ڳولا ۾ سرگردان رهيا ۽ مڇَ جو ڪاڄ بنيا. هي سر ڪاهوڙي به جن ڪاهوڙين ۽ ٻورهيتن جي واڪاڻ ۾ آهي، تن کي شاهه صاحب مختلف نالن سان ياد ڪيو آهي.

پهرئين داستان جي پهرئين ٽي بيت ۾ ڪين تن نالن سان سڏي ٿو. ڪاهوڙي، عاشق ۽ بابو:

ڪاهوڙين خفيءَ سين، سوجهي لڌو سبحان،
عاشق اهڙي اڪرين لنگهيا لا مڪان،
هوءِ ۾ گڏجي هُوءِ ٿيا، بابو جي ٻريان،
سيوئي سبحان، آيو نظر اُنن جي.

هڪڙي ڪردار کي مختلف نالن سان سڏڻ مان اِهو ظاهر ٿئي ٿو ته شاعر، انهن جي حيثيت ۽ خصوصيت ٿو ڏَسي. يعني هي ڪاهوڙي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عاشق آهن ۽ پنهنجي ارادي جا پڪا آهن. پاڻ کي عشق ۾ پچائي بريان ڪيو اٿن.

شاهه صاحب ڪاهوڙين کي جُنگ به سڏي ٿو. هي لفظ هوندي به وسيع معنيٰ ۾ ڪم آيل آهي، پر شاهه صاحب ان کي خاص معنيٰ ۾ ڪم آندو آهي. لغوي معنيٰ بهادريءَ ۽ ويرتا جي اٿس:

مون سي ڏٺا ماءُ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،
رهي اڇجي راتڙي، تن جنگن سندي جاءِ،
تنين جي ساڃاهه، تُرهو تئي تار ۾.

عام مقبول لفظ ڏوٿي به ڪن بيتن ۾ آيو آهي. اُنهن ڏوٿين لاءِ شاهه صاحب وٽ سڪ جو سمر سرس آهي. اُنهن جون توليون پٻ جبل ۾ پڌجن ٿيون. شاهه صاحب فرمائي ٿو:

وييون پٻ پيهي، ڪيرون ڪاهوڙين جون،
آئون تن ڏوٿين جو، پچان پير پَهي،
رَجن رات رهي، ڏونگر جن ڏوريا.

سُر رامڪليءَ ۾ جوڳين جي مختلف نالن کي به سر ڪاهوڙيءَ ۾ ورجايو اٿس. هتي ڪاهوڙين کي به آڏوتي، آديسي ۽ لاهوتي وغيره سڏي ٿو. آڏوتي آهي جوڳي آهن، جيڪي پراڻين ڪفنين ۾ ملبوس ۽ پنهنجي ظاهري صفائيءَ جي معاملن کان بي نياز ۽ بي خبر رهن ٿا. ظاهري ناهه نوهه کي اهميت نٿا ڏين:

تون ونءُ ويهي آءُ، اگڻ آڏوتين جي،
جوش ڏنائون جيءَ کي، لڪائي لوڪاءَ،
ڏوٿين ڪنهن ڏڪاءُ، سمهي سک نه ماڻيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لاهوتي رسالي ۾ تصوف جي حوالي سان هڪ عام لفظ آهي ۽ گهڻو مقبول آهي. روحاني معنيٰ ۾ وڏيڪ واضح آهي:

پيئي جن پرڪ، ڳنجي ڏونگر ڳام جي،
ورائي ورق، لوچي لاهوتي ٿيا.

---

ائين هڪڙي وائيءَ ۾ آديسي ٿو سڏين. جيڪا به سر رامڪليءَ ۾ اچي ٿي:

اويُون آديسين جون، پريان ساري رات.

اهڙي ريت شڪاري ۽ آهيڙي به سڏين ٿو:

ڪُتا نه ڪوڪار، نه سي سڏ شڪارين،
پِٽئو ڪٽي پار، جهنگل آهيڙين ڪي.

جيتوڻيڪ ڪردارن جا نالا جدا جدا آهن، پر ڳنڍر سفر لاءِ جدوجهد ڪندڙ انسان هن سُرَ جو بنيادي ڪردار آهي. جنهن ريت شاهه صاحب اَن جو بيان ڪري ٿو، تنهن مان اَن جي اهميت پروڙي سگهجي ٿي.

حقيقت ۾ ڪنهن به ڪردار جي تخليق پٺيان هڪ مقصد هوندو آهي. شاهه صاحب به ڪاهوڙيءَ ۾ هڪ بامقصد انسان جو وجود پسي ٿو ۽ اَن جو ذڪر ڪري اُن مقصد ڪان اسان کي آگاهه ڪري ٿو جو حقيقت توڙي مجاز ۾ اعليٰ ۽ ارفع آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پريتم پياسي

# سُر ڪاهوڙي ۾ ٿري ٻوليء جا لهجا ۽ الفاظ

شاهه سائين جو ڪلام سنڌي ٻولي جو اڻکٽ خزانو آهي. ان جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي جو لطيف سائين جنهن به علائقي يا خطي جو سير ڪيو آهي ته ان خطي جي ٻولي جا لفظ پنهنجي ڪلام ۾ شامل ڪيا آهن. جنهن جا مثال گهڻو ڪري شاهه سائين جي هر سُر ۾ نمايان نظر اچن ٿا. اِهوئي سبب آهي جو هر اُهو شخص ٻوءِ اُهو ڪٿي ڪهڙي به خطي جو ڇو نه هجي هڪ جيترو مستفيض ٿئي ٿو.شاهه سائين جيئن ته پنهنجي سڄي شاعري ۾ مختلف ٻولين جا لفظ ۽ لهجا استعمال ڪيا آهن ان ڪري سندس ڪلام ۾ به خوبصورتي ۽ رنگيني آهي. شاهه سائين مختلف ٻولين جا لفظ اهڙي نموني استعمال ڪيا آهن، جو اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به مها ڪوي يا ڄند وديا جا ماهر ان ۾ ڦير ڦار ڪري نه ٿا سگهن. شاهه سائين جي ڪلام بابت مرحوم سيد نجف علي شاهه ”ڪمتر“ نقوي صاحب سچ چيو آهي ته:

”شاهه صاحب جي سنڌي ٻولي جي ٻماڙ ۾ ڪابه هڪ پُراڻي سِر ڪڍي ان جي جاءِ تي اوهين ڀلي سنگ مرمر جي سِر هڻو ليڪن يقين ڄاڻو ته اوهان جو اهو سنگ مرمر انهي پُراڻي سِر جو نه ڪي مقابلو ڪري سگهندو ۽ نه ڪي انهي نڪتل سِر جي جاءِ تي خوبصورتي جي جاءِ ڀري سگهندو.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اِها آهي شاهه صاحب جي ڪلام جي خوبي ۽ ڪاريگري جنهن جي دائري ۾ شاهه صاحب آسپاس جي علائقن جي ٻولين وغيره جا الفاظ ڪٺي انهن کي پنهنجي ڪلام ۾ اهڙي طرح استعمال ڪري ڇڏيو آهي جو اُهي هينئر اسان کي نج سنڌي پيا معلوم ٿين.

اڄ آئون هن مقالي ۾ سُر ڪاهوڙي ۾ آيل ٿري ٻولي جي لفظن جو ذڪر ڪندس. هن مقالي جي لکڻ جو هڪ مقصد اهو به آهي ته هر شخص پنهنجي پنهنجي علائقي جي ٻولي مان چڱي طرح واقف آهي هتي اسان هر سال گڏ ٿيندا آهيون ۽ ڪنهن به هڪ سُر تي بحث ڪندا آهيون. جيڪڏهن هر ليکڪ پنهنجي پنهنجي علائقي جي مخصوص لفظن ۽ لهجن تي مقالا لکن ته شاهه سائين جي هڪ مستند ڊڪشنري به تيار ٿي سگهي ٿي ۽ ڪئين نيون صحيح معنائون به سامهون اچي سگهن ٿيون ۽ شاهه سائين جي بيتن جو غلط مفهوم ۽ معنيٰ ڪيڻ ۾ به ڪنهن قدر ٻنجو اچي سگهي ٿو.

مثال طور هڪ شاهه سائين جو مشهور بيت آهي ته:

هني متان هتڙا، لاکو نه لاهي،
"ڪريڙا" ڪيل ڪريو، اَيو ئي آهي،
وڃيو سي ڪاهي، جي "ڪيڙي" هيٺ ڪنگهار جي. (١)

مٿين بيت ۾ "ڪيڙو" لفظ نيٺ ٿري آهي ۽ ٿر جي جيسلمير واري علائقي ۾ ڪثرت سان رائج آهي. هن لفظ کي مرزا قليچ بيگ "لغات لطيفي" (٢) ۾ نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي. ڪلياڻ آڏواڻي (٣) غلام محمد شهواڻي (۴) ۽ علامه آءِ آءِ قاضي (۵) به پنهنجن رسالن ۾ هن بيت کي نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي. البت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سُر سسئي کان شروع ٿيندڙ رسالي ۾ هي بيت ڏنو آهي مگر لفظ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”ڪيڙي“ جي جڳهه تي ”خاصيون“ (٦) لکيو آهي ۽ برٽش ميوزم جي قلمي نسخي واري شاهه جي رسالي ۾ به هي بيت خارج ڪيل آهي (٧) محمد عثمان ڏيپلائي پنهنجي پاڪيٽ رسالي ۾ هن لفظ کي ”ڪيلو“ لکيو آهي (٨) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ”جامع سنڌي لغات“ ۾ هن لفظ جي معنيٰ ڏال جو قِسم، سپر ۽ تراڙيون وغيره (٩) لکي آهي ۽ ڊاڪٽر سنڌيلي صاحب هن لفظ جي معنيٰ ”ڳوٺ“ (١٠) لکي آهي جيڪا ڪنهن حد تائين ٺيڪ آهي.

حقيقت ۾ جيسلمير واري ٿر علائقي ۾ ”ڪيڙو“ هڪ مخصوص حد يا علائقي کي چوندا آهن هر ”ڪيڙي“ ۾ ڏهن ڪان پندرهن ڳوٺ اچي وڃن ٿا، هر ”ڪيڙي“ جو هڪ چڱو مڙس هوندو آهي جنهن کي ”پنچ“ چوندا آهن هو پنهنجي ”ڪيڙي“ جا مسئلا حل ڪندو آهي ۽ فيصلا ڪندو آهي. ”ڪيڙي“ جو هي رواج اڄ به جيسلمير ٿر ۾ رائج آهي. جيسلمير کان لڏي سنڌ ڏانهن آيل ماڻهن تي اڄ به انهي جو اثر آهي ۽ انهن جا ڳوٺ اصلي ڪيڙن جي نالن سان سڏجن ٿا. خود اسان جو ”ڪيڙو“ به آهي جنهن جو نالو ”ڪِراڀ“ آهي، تڏهن ته شاهه سائين به چيو آهي ته:

”وڃيو سي ڪاهي، جي ”ڪيڙي“ هيٺ ڪنگهار جي“

ڪن عالمن هن لفظ کي ”ڪيلو“ ڪري به لکيو آهي سو غلط آهي. ٿري ٻولي جيتوڻيڪ سنڌ جي ريگستاني علائقي جي ٻولي آهي ۽ اُها سنڌي ٻولي جو هڪ لهجو هئڻ ڪهرجي جيئن سنڌي ٻولي جا ٻيا لهجا آهن جهڙوڪ: سِري جو لهجو، لاسي لهجو، وچولو لهجو ۽ لاڙي لهجو وغيره پر جيئن ته ٿري ٻولي ٻين ٻولين جي اثر جي ڪري لهجو نه بلڪ هڪ خاص زبان ٿي پئي آهي ۽ انَ جا مختلف لهجا ٿي پيا آهن

جيڪي آهن، پارڪري لهجو، ٻائر جو لهجو، ڪاهڙ جو لهجو، ڍاٽڪي لهجو ۽ جيسلميري لهجو وغيره ان ڪري آئون ٿري ٻولي ڪي لهجو نه بلڪ هڪ ٻولي ڪوٺيندي سُر ڪاهوڙي ۾ آيل ڪن لفظن جو ذڪر ڪندس.

ٿري ٻولي جي هڪ هيءَ به خاصيت آهي ته اها ڪن ڪن اکرن جي ڪٿي ڪٿي مٽا سٽا به ڪندي آهي مثال طور: "ت" کي "ٿ" ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي جيئن ٽڪاٽو = ٺڪاٺو، ٽوڙ = ٺوڙ، ٽاپ = ٺاپ وغيره اهڙي نموني ڪنهن ڪنهن هنڌ "د" کي "ت" ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي جيئن ڏند = ڏنت، تند = تنت وغيره "و" کي "ب" ۾ تبديل ڪندا آهن جيئن ـ ور = بر، وٿ = بٿ، وٿو = بٿو وغيره "ه" کي "س" ۾ جيئن ڦاهي = ڦاسي، ڪوهه = ڪوس، ڏوهه = ڏوس، ماهه = ماس ۽ گاهه = گاس وغيره "ش" کي "س" ۾ جيئن شر=سر، شينهن = سينهن = خوش = کس وغيره ۽ "ذ"، "ز"، "ض" ۽ "ظ" کي "ج" ۾ تبديل ڪندا آهن جيئن مثال طور ذوق = جوق، ذرو=جرو، ظهور = جهور، ظلم = جُلم = زنجير = جنجير، زور = جور ۽ مضبوط = مجبوط وغيره.

مٿيان مثال شاهه سائين جي ڪلام ۾ به نمايان نظر اچن ٿا مثال طور ڪجهه بيت هيٺ ڏجن ٿا:

هن پر سُيم هوءِ، سُتي سنپارن جي،
چت چڙن چوريو "جونڪ" ٽيڙم جوءِ،
محبتي ميهار جي با الله پيم بوءِ،
وڃي روبرو، ديکان دوست ميهار کي. (١١)

---

سنگ ڪري سين "سينهن" ڪنڌ مَ قيرج ڪيڏهين،
رمج راتي پَٽ ۾، نرتئون منجهان نينهن،
ايئن مَ وَسج عام تي، جيئن مومل وسن مينهن،
سندي حشر ڏينهن، سوڍو سارينديِن گهٽو. (١٢)

---

ڪندا مون پيرن ۾، توٽي لڪ لڳن،
آگر آڱوٺي نہ مڙي، چپون پير چڙن،
ويندي ڏانهن پرين، جُتي "جات" نہ پائيان (١٣)

متين بيتن ۾ "جونق" معنيٰ "ذوق"، "سينهن" معنيٰ "شينهن" ۽ "جات" معنيٰ "ذات" آهي ۽ اِهي ڍاٽڪي لهجا آهن. اهڙي طرح شاهہ سائين سُر ڪاهوڙي ۾ بہ هڪ وائي ۾ "ذات" کي "جات" چئي ڳايو آهي فرمائي ٿو تہ:

وائي

آئون جيهائي "جات" تون پاڻ سڃائج سپرين،
پانهي چونم پاجهہ سين تہ ڪر لڌم ذات،
اويون آري جام جون، پيريان پنڙي رات.

سُر ڪاهوڙي ۾ ٿري ٻولي جي جيسلميري لهجي جا بہ ڪيئي اکر ملن ٿا. بيت هن طرح آهي تہ:

گنجي ڏونگر گام ۾، کهڙو اتي ڪام،
پسي تنهن پهاڙ کي، اچي نہ آرام،
متان ڏونگر ڏورين، اُجهين ڪوهُ عوام،
ڪٿي ڪر حرام، ڪامُ تہ ڪاهوڙي ٿيين.

مٿئين بيت ۾ ڳام = ڳوٺ ۽ ڪام = ڪم جيسلميري لهجا آهن جيئن ڪن = ڪان، رن = رانڌ، ڪڍ = ڪاڍ وغيره ان کان علاوه ٿري ٻولي جا لفظ به سُر ڪاهوڙي ۾ ملن ٿا مثال طور هڪ لفظ آهي.

۱ـ ڪٿا = ڪٿان

هي هڪ جيسلميري لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ڪٿان" مثال طور:

۱ـ ڪهاجائي تو= ڪيڏانهن وڃين ٿو.

۲ـ ڪٿا گيو = ڪيڏانهن ويو.

۳ـ ڪها لايو = ڪٿان آندو.

۴ـ ڪها ڪران = ڪٿان ڪيان وغيره.

شاهه سائين هڪ اهڙوئي لفظ سُر ڪاهوڙي ۾ ڳايو آهي فرمائي ٿو ته:

تون هڏ ڪچاڙيا، سنجهي سعيو نه ڪرين،
سوارا سَنڌ ڪٿي، ڪاهوڙي ويا،
آٿيندين "ڪيا"، ڏٿ ڏوراٿي ڏيهه جو،

هي لفظ "ڪيا" "ڪها" ۽ "ڪٿا" به لکيو ويو آهي.

۲ـ گهرين يا گهري = گهر

هي هڪ ٿري ٻولي جو "ڍاٽڪي" لهجو آهي. ڪجهه مثال هن طرح آهن.

۱ـ گهري ٻيٺو ايهه = گهر ويٺو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢ـ گهري گيو = گهر ويو.

٣ـ گهري ڪوڻ ايهہ = گهر ڪير آهي؟

۴ـ گهري جا = گهر وچ

گهرين ”لفظ“ کي پڻ ڏٺي ٻين سُرن ۾ بہ ڪافي هنڌن ڳايو آهي، هتي سُر ڪاهوڙي جو هڪ بيت مثال طور پيش ڪجي ٿو:

مون ڪاهوڙي لکيا، ”گهرين“ نہ گهارين،
واحد لڳ ولهن ۾، رويو رت هارين،
گوندر گذارين، تن ڏوٿي ڏڪوئي نہ لهي. (١٧)

مٿئين بيت ۾ لفظ ”لکيا“ بہ ٽري ٻولي جو آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”پرکڻ“ يا ”سڃاڻڻ“، ٽري ٻولي ۾ ماڻهو کي ”ماڙهو“ چوندا آهن. شاهہ سائين ”ماڙهو“ اسم عام ڪافي هنڌن ڳايو آهي. سُر ڪاهوڙي ۾ پڻ هڪ هنڌ شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ:

”ڪپيري ۾ پير، ڪني پاتو پيرئين،
جٺائين منجهڻ ”ماڙهين“ سڄڻ تهائين سير،
ان پيون سندو پير، ڪوڙن منجهان ڪولهي. (١٨)

٣ـ مَ = نہ

شاهہ سائين ”مَ“ اکر کي گهڻو ڪري هر سُر ۾ ڳايو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”نہ“ هي لفظ سنڌي ٻولي جي ٻين لهجن ۾ بہ اڃي ٿو پر ٽر ۾ خاص استعمال ٿئي ٿو، مثال طور:

١ـ مَ ڪر = نہ ڪر،

٢ـ روءِ مَ ڏِڪرا = روءِ نہ پُٽ،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۳۔ ائين مَ ڏيک = ائين نہ ڏس،

۴۔ مَ ڪاڻ = نہ ڪاڻ وغيره. شاهہ سائين سُر ڪاهوڙي ۾ پڻ فرمائي ٿو تہ:

ويڄهو وان ”مَ“ واٽ ڪي، ڪهڄ ڏونهن ڪواٽ،
اُجهي منجهان آٽ، اويسي ٿي آءُ تون. (۱۹)

۴۔ او = هو

ٿري ٻوليءَ ۾ ”هو“ يعني ضمير کي ”او“ چوندا آهن مثال طور

۱۔ او آئي تو = هو اچي ٿو.

۲۔ او گيو = هو ويو.

۳۔ او ڪوڻ ايهہ = هو ڪير آهي.

۴۔ او آيا = هو آيا وغيره.

هي لفظ لطيف سائين سر ڪاهوڙي کان علاوه ٻين سرن ۾ بہ ڪتب آندو آهي فرمائي ٿو تہ:

جهنگل هليا سي ٻُليا، راهہ هليا ڦرجن،
او جهڙ ”او“ نہ ٻرن جني ٻئي چڏيون. (۲۰)

ان کان سواءِ هيٺيان لفظ سُر ڪاهوڙي ۾ ٿري ٻوليءَ جا آهن.

۱۔ ڪيٽرا = جوتا، موزا، پيزار

۲۔ ڪيت = ٻني، پوک

۳۔ اَپو = پيئو ۔ بيئل

۴۔ ڪرا = ڏاڍا، سخت، وغيره

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# حوالا

١ـ نواز علي شوق "سُر ڏهر" مقالو معمور يوسفاڻي صفحو ٢٨ ڇاپو پهريون سال ١٩٨٩ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه.

٢ـ مرزا قليچ بيگ "لغات لطيفي" ڇاپو ٻيو. هن لغات ۾ سُر ڏهر ص ٢٩٦ تي آهي ـ ڇاپو ٻيو سال ١٩٦٧ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

٣ـ ڪلياڻ آڏواڻي "شاهه جو رسالو" سُر ڏهر صفحو ٣٧٧ ڇاپو پهريون سال ١٩٧٨ سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد.

٤ـ غلام محمد شاهواڻي "شاهه جو رسالو" سُر ڏهر صفحو ١٢٤٥ ڇاپو ٻيو سال ٦١ـ١٩٦٠ آرر ايڇ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد.

٥ـ علامه آءِ آءِ قاضي "شاهه جو رسالو" سر ڏهر صفحو ٦٤٥ ڇاپو ٻيو سال ١٩٨٦ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ.

٦ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "شاهه جو رسالو" سر سسئي ڪان شروع ٿيندڙ صفحو ٣٧٣ سال ١٩٧٧ ڇاپو پهريون ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه.

٧ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ " شاهه جو رسالو" سُر ڏهر صفحو ٢٣٠ ڇاپو پهريون سال ١٩٦٩ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه.

٨ـ محمد عثمان ڏيپلائي "شاهه جو پاڪيٽ سائز رسالو" صفحو ٥٠٣ ڇاپو پهريون سال ١٩٦٣ع ڇپائيندڙ شيخ غلام علي اينڊ سنس حيدرآباد.

٩ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع سنڌي لغات" جلد پنجون صفحو ٢٢٧٢ ڇاپو پهريون سال ١٩٨٨ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

١٠ـ مرحوم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلو "تحقيق لغات سنڌي" صفحو ٢٢٠ ڇاپو پنجون سال ١٩٨٠ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

١١ـ ڊاڪٽر گربخشاڻي = شاهه جو رسالو ـ صفحو ٢٦٥ سال ١٩٨٥ دفعو ٽيون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه.

۱۲ـ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي "شاهه جو رسالو" صفحو ۴۳۹ ڇاپو ٻهريون جلد ٻيو سال ۱۹۵۱ بشير احمد اينڊ سنس جهونا مارڪيٽ ڪراچي.

۱۳ـ علامه آءِ آءِ قاضي "شاهه جو رسالو" صفحو ۴۲۵ ڇاپو ٻيو سال ۱۹۸٦ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

۱۴ـ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي "شاهه جو رسالو" جلد ٻيو ڇاپو ٻهريون صفحو ۴۷۵ سال ۱۹۵۱ بشير احمد اينڊ سنس جهونا مارڪيٽ ڪراچي.

۱۵ـ علامه آءِ آءِ قاضي "شاهه جو رسالو" صفحو ۲۱۸ ڇاپو ٻيو سال ۱۹۸٦ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

۱٦ـ ڪلياڻ آڏواڻي "شاهه جو رسالو" صفحو ۳۷۷ ڇاپو ٻهريون سال ۱۹۷۸ع سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت حيدرآباد.

۱۷ـ علامه آءِ آءِ قاضي "شاهه جو رسالو" جلد ٻيو ڇاپو ٻيو صفحو ۲۱۲ سال ۱۹۸٦ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

۱۸ـ غلام محمد شهواڻي "شاهه جو رسالو" صفحو ۱۰۷۳ ڇاپو ٻيو سال ٦۱ - ۱۹٦۰ع آر ايڇ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد.

۱۹ـ ايضاً صفحو ۱۰۷۲.

۲۰ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "شاه جو رسالو" سُر سسئي ڪان شروع ٿيندڙ صفحو ۲۱۵ سال ۱۹۷۷ع دفعو ٻهريون ـ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه.

## مددي ڪتاب


۱ـ سُر ڏهر، نواز علي شوق.

۲ـ لغات لطيفي، مرزا قليچ بيگ.

۳ـ شاهه جو رسالو، ڪلياڻ آڏواڻي.

۴ـ شاهه جو رسالو، غلام محمد شهواڻي.

۵ـ شاهه جو رسالو، علامه آءِ آءِ قاضي


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٦۔ شاھ جو رسالو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سُر سسئي کان شروع ٿيندڙ.
٧۔ شاھ جو رسالو، برٽش ميوزيم جي قلمي نسخي سان ڀيٽي تيار ڪيل.
٨۔ شاھ جو رسالو، محمد عثمان ڏيپلائي.
٩۔ جامع سنڌي لغات، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ،
١٠۔ تحقيق لغات سنڌي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو،
١١۔ شاھ جو رسالو، ڊاڪٽر گربخشاڻي
١٢۔ شاھ جو رسالو، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

# ڪاھوڙي ڪَرا...

لطيف سائين جو سڄو ڪلام انساني جدوجھد ۽ اڳتي وڌڻ جو اھڃاڻي درس آھي. ڪٿي بہ ڪا اھڙي واردات نظر نہ ٿي اچي جنھن مان اھو نتيجو ڪڍي سگھجي تہ لطيف پنھنجي وقت جي تيز گذري ويندڙ واقعن ۽ حادثن سان ڪا دلچسپي نہ رکي ھجي ۽ نہ وري اھو درست آھي تہ ھن پنھنجي دور جي ڪنھن سماجي يا سياسي تحريڪ ۾ حصو ڪونہ ورتو (١).

بقول ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي تہ ڪانٽ ۽ هيگل پنھنجي دور ۾ سياسي عمل کان بلڪل پري رهيا (٢)، ۽ انهي بنياد تي شاهہ کي بہ سماجي، سياسي ۽ نفسياتي مامرن تي سوچڻ ۽ عملي زندگي اختيار ڪرڻ وارو شاعر نہ سمجھڻ صحيح نہ آھي. دراصل شاھہ جو شعر اسان وٽ قومي شعور ۽ سماجي قدرن جي بحالي جو زنده ثبوت آھي. سائين محمد ابراهيم جويو لکي ٿو تہ شاھہ جي حساس ذھن ۾ سنڌ ۽ سنڌي سماج جي غلامي جي جھنم جي خلاف ڪنھن پُر بھار ۽ روح پرور مسرت جي بھشت جو خواب جلوه گر ٿيو ھو (٣).

مانواري ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي جو اِهو چوڻ درست آھي تہ ڪانٽ ۽ هيگل جيتوڻيڪ پنھنجي سڄي حياتي سياسي گھوٽالي واري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دور ۾ گذاري پر پوءِ بہ مٿن ڪو اثر ڪونہ پيو. در اصل ان جو بنيادي سبب اِھو ھو تہ شاھہ سائين جي دور (يعني ارڙھين صدي جي وچ) تائين مغربي ادب ۾ پڻ عام ماڻھو جي ٻولي ۾ شعر چوڻ يا عام ماڻھو جي باري ۾ لکڻ جو تصور اڃا پيدا ئي ڪونہ ٿيو ھو. مغربي شاعري ۾ عام ماڻھو جي ٻولي ۾ لکڻ ۽ شعر ۾ عام ماڻھو جي جذبن جي اپٽار ڪرڻ جو تصور شاھہ لطيف کان اڌ صدي پوءِ پيدا ٿيو (۴).

جيئن تہ لطيف سائين حليم طبيعت ۽ اعليٰ سڀاءُ وارو انسان ھو. ھن ۾ جلد بازي ۽ ڪٽرپڻو ڪونہ ھو ۽ نہ وري منجھس ڪنھن ڪم نہ ٿيڻ ڪري بي صبري يا مايوسي پيدا ٿيندي ھئي. شايد سندس ميٺ محبت ۽ صبر ڏسندي ڊاڪٽر سورلي جھڙي مدبر بہ ڪيس روز مره جي واقعن کان بي خبر سمجھيو ھجي.

پر ان جي ابتڙ لطيف سائين پنھنجي دور جي مڙني واقعن کان باخبر، سياسي ۽ سماجي تبديلين تي نگاھ رکندڙ ۽ انھن قوتن جو ڀانھن ٻيلي رھيو جن سنڌ جي بقا ۽ خوشحالي لاءِ جتن ڪيا. سائين محمد ابراھيم جويو چواڻي ھن جي عمر جا ٦٣ سال ئي سنڌ جي اتحاد ۽ آزادي جي جدوجھد جا سال ھئا.

تاريخ جي شاگردن کي بخوبي ڄاڻ ھوندي تہ سنڌ ۽ سنڌي سماج لڳ ڀڳ پنج سئو سال غلامي ۾ گذاريا. انھي دوران سنڌ ۾ آزادي ۽ خوشحالي جون تحريڪون بہ ھليون ھونديون. جن ۾ ڀڳت ميڪڻ بدين واري جي جوڳ جي تحريڪ، شاھہ عنايت شھيد جي ڪيڙو فقيرن جي تحريڪ ۽ شھيد بلاول جي مريدن جي بلاولي تحريڪ ڪافي مشھور ٿيون. انھن سڀني تحريڪن جا روح روان ۽ سرواڻ وقت جا وڏا عالم، درويش ۽ روحاني رھبر ھئا. جن ۾ محمد معين ٺٽوي، خواجہ

محمد زمان لنواري وارو، شاهه عنايت شهيد، مخدوم بلاول، مخدوم ميان دين محمد سيوهاڻي، ميان پير محمد اڳهم ڪوٽي، ڪوٽڙي ڪبير جو ميان محمد، روهڙي جو ميان جان الله شاهه رضوي، گهوٽڪي جو ميان موسيٰ شاهه جيلاني ۽ سندن ٻيا سوين ساٿياري هئا جن سڄي سنڌي سماج جي قومي بحالي ۽ قومي بقا لاءِ سنڌي ماڻهن جو قومي اتحاد قائم ڪرڻ تي گهريو (٥).

انهن مقصدي ماڻهن وٽ ٻيا به ڪيترائي ماڻهو قومي بقا جي تحريڪ ۾ شموليت لاءِ ايندا رهندا هئا. جيڪي ماڻهو انهن وڏن جي معيار مطابق هوندا هئا انهن کي ڪاهوڙي سڏيو ويندو هو ۽ پوءِ انهن کي ٽن ڪاهوڙي تربيت جي مرڪزن مان ڪنهن به هڪ تي عملي تربيت لاءِ موڪليو ويندو هو. جن مان هڪ گنجي ٽڪر تي، ٻيو پٻ پهاڙ جي وادي ۾ ۽ ٽيون بدين جي گرو ميگهداس جو اوتارو هو (٦). هن پاڻ به انهن مرڪزن تي عملي تربيت حاصل ڪئي آهي.

شاهه سائين انهن مرڪزن جو ذڪر هِن سُر ۾ ڪيو آهي.

پيو جن پرو گنجي ڏونگر گام جو،
چڙي ڪيٽ ڪرو، لوچي لاهوتي ٿيا.

---

ويئون پٻ پيهي، ڪيرون ڪاهوڙين جون.

انهن مرڪزن مان جيڪي ڪاهوڙي ڪامياب سڪيا وٺي موٽندا هئا. اهي سچا قومي ڪارڪن ٿي پوندا هئا. اهي پنهنجا ذاتي مسئلا ڦٽا ڪري صرف ديس جي آزادي ۽ خوشحالي لاءِ لوچيندا هئا. انهن کي اهڙن اٺانگن پنڌن ۽ پيچرن تان گذرڻو پوندو هو جتي جيڪر سونهان به ويندي ڪيٻائين. ڪاهوڙين جو اصل ڪم لوڪان لڪائي، آزادي جي علامتن کي عام ڪرڻ هو. وقت جا حاڪم ۽ انهن جا ڪارندا ۽ چاڙتا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سندن خفيہ مهر ڪان ڊنل هئا. پر ڪاهوڙي پنهنجي قول توڙي عمل سان اهڙو ڪو بہ ثبوت ڪونہ ڇڏيندا هئا جنهن سان سندن شخصيت جي سڃاڻ ٿئي. پر هو ماٺ ميٺ ۾، تن ڪي تسيا ڏيئي، پيرين ۽ لڱين اُگهاڙي قومي ساڃهہ جو ڪم ڪندا رهندا هئا. انهن کي مرڪز ڪان جيڪي بہ ڪم سپرد ڪيل هئا، تن کي همت حوصلي ۽ ڳجهہ ڳوہ ۾ ڪندا رهندا هئا.

يَڪَليا يُوٺن، ڏڙ ڪي ڳڏيو ڏوڙ ۾،
ڳالهيون ڳهلي لوڪ سين، پڌر پئي نہ ڪن،
ڪامَلِ آهي تن، مون پريان جي ڳالهڙي.
(١-١١)

شاهہ صاحب ڪاهوڙين جي صبر، جاکوڙ، قوت ۽ ڪم جي طريقي کي ڏسي ڪانئن ڏاڍو متاثر ٿيو هو. اهوئي سبب هو جو رسالي ۾ ڪاهوڙين جي باري ۾ تن داستانن تي مشتمل سچو سارو سُر لکي، انهن جي ڳڻ ڪٿا ڪيائين.

ڪاهوڙي بڻجڻ لاءِ بہ اهم اصول اپنائڻا پون ٿا. انهن جي نشاندهي ڪندي لطيف چيو:

ويجهو ونءُ مَ واٽ کي، ڪهج ڏانهن ڪُوات،
اُجهي منجهان آٽ، آديسي ٿي آءُ تون.
(٣-٢)

ٻيو اصول هيٺين بيت ۾ واضح ڪيل آهي:

مون ڪاهوڙي لکيا، آين نہ آرام،
ڪيائون تن تمام، جيئن ڏوٽي ڏٽ ڳڏ ٿيا.
(١-١٨)

مٿين ٻنهي بيتن ۾ لطيف سائين ڪاموڙي تيڻ لاءِ جيڪي اهم اصول ٻڌايا آهن، انهن ۾ ڪُوات اختيار ڪرڻ ۽ تن کي تسيا ڏيئي، آرام ۽ سک ڦٽا ڪري، سرلو تي هلڻ آهي.

ڪاموڙي انهن جي ٽولي هئي جيڪا سنڌ جي آزادي ۽ بقا واري ويڙهه ۾ هر اول دستي طور ڪم ڪندي رهي. اهي اهڙا ته سچا ۽ حساس قومي درد رکندڙ انسان هئا جن کي پنهنجي سماج ڏکن ۽ امنگن جي بخوبي ڄاڻ هئي. هنن کي صرف اِهائي چنتا هئي ته سنڌي سماج کي هڪ آزاد ۽ خوشحال سماج بڻائي پيش ڪجي. اهڙن قدرن جي حاصلات لاءِ سماج مان ڪينو، ڪترپڻو ۽ ڪانئر پڻو ختم ڪري، يگانگت، پيار ۽ محنت جو تسلو سندن دلين ۾ اپارڻو هو. سچ، سونهن ۽ نيڪي جي فلسفي کي عام ڪرڻو هو. انفرادي سوچ بدران اجتماعي شعور کي اجاگر ڪرڻو هو. انهن مقصدن جي حصول لاءِ ڪاموڙين، پنهنجي وجود کي وساري، انساني ڀلائي ۽ ڀائيچاري واري فضا بحال ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون. لطيف اهڙن درد رکندڙ ڪاموڙين جا پار پتا هيٺين بيت ۾ ٻڌائي ٿو.

سُڪا سنڌ ڪڇن ۾، ڪِرڪٽا پيرين،
ٿمندي نيٽين، آن کي ڪاموڙي ڳڌيا؟
(١-٢٧)

لطيف جا ڪاموڙي سماج ۾ نون قدرن کي روشناس ڪرائڻ لاءِ ماضي جون تلخ يادون، حال جون اڻ وڻندڙ حالتون ميسارڻ لاءِ ڏينهن رات سونهري مستقبل لاءِ ڪم ڪند رهيا. ڪين ايندڙ وقت جي روشني ۽ خوبصورتي حاصل ڪرڻ لاءِ عقل، همت ۽ حوصلي سان ڪم ڪرڻو هو. جو ته بلند ترين مقصد ۽ اجتماعي مفاد لاءِ، وقتي خوشين ۽ انفرادي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مفادن تان هٿ ڪڍڻو پوي ٿو. ڪاهوڙي اهڙين ئي عادتن تي هريل هئا.

ڪپيري ۾ پير ڪنهين پاتو پيريين،
جيان مُنجهڻ ماڻهين، سجڻ تيان ئي سير،
اَنِ پيونءِ سندو پير، ڪوڙن منجهان ڪولهي.
(٣-٤)

اصل ۾ ڪاهوڙي واري علامت، لطيف سائين روحاني رهبر، راهه حق جي پانڌيئڙي، قومي آزادي ۽ خوشحالي لاءِ جستجو ڪندڙ انسانن لاءِ اختيار ڪئي آهي.

حاصل ڪلام ته لطيف جي ڪاهوڙين جي ڪير، هر سماجي روحاني ۽ سياسي گهٽ ڪانپوءِ ايندي رهندي. پوءِ ڪڏهن سندن واسو گنجي ۽ پب پهاڙن تي هوندو ته ڪڏهن ڪارونجهر چوٽي ۽ ٿر جي پٽن ۾ هوندو. ڪڏهن اتر هوندو ته ڪڏهن لاڙ. ڪڏهن منگهي پير تي پڙاءُ هوندو ته ڪڏهن منهوڙي تي مېڙاڪو. مطلب ته لطيف جو رسالو جيسين اسان وٽ امانت طور موجود رهندو تيسين ڪاهوڙي به پيدا ٿيندا رهندا ۽ سنڌي سماج جي مُرڪ ۽ ممتا به قائم رهندي. بس اهو اسان جو اعتقاد آهي ته ڪاهوڙي هر دور ۾ نون ويسن ۽ ورنن ۾ ايندا رهندا ۽ ديس واسين جا ڏمر ڏور ڪندا رهندا.

ڪاهوڙي ڪرا، سنوڌي خبر پڪيا،
سوجهي جن ڏٺيا، مٿي اگڻ آهرا.
(٣-١٩)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# حوالا

(١) سورلي ايچ ـ ٽي (ڊاڪٽر) "پٽ جو شاھ" (ترجمو) سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي ١٩٩٢ع ـ ص ـ ٢٣١.

(٢) ايضاً ـ ص ٢٣١.

(٣) جويو محمد ابراهيم: "شاھ سچل سامي" سنڌي ادبين جي سوسائٽي حيدرآباد ١٩٢٨ع ـ ص ـ٥٣.

(٤) عباسي تنوير: "شاھ لطيف جي شاعري" شاھ لطيف ثقافتي سوسائٽي ڪراچي. ١٩٧٦ع ـ ص ـ١٤.

(٥) جويو محمد ابراهيم: "شاھ سچل سامي" ـ ص ـ ٧٥.

(٦) شيخ سومار : "لطيف سائين جا لاڙ تان پيرا" تنظيم فڪر و نظر سکر ١٩٨٦ع. ص ـ ٩٣.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خادم عباسي

## "سک نہ ستا کڏهين"

ڪاهوڙيءَ جي لفظي معنيٰ آهي ڏٿ تي گذران ڪندڙ، ڏٿ ڏوريندڙ، جبلن تي ڏٿ ڳوليندڙ، ڪيتيءَ وارا، مال وارا، محنتي، اورچ، منتر باز ۽ منڊ رکندڙ ۽ ڏٿ جو مطلب ۽ مقصد آهي جهنگلي اَن يا ميوو سائون، مانڌاٽو، مڪڻي گاهن مان اَنُ ڪري ٽري ماڻهو ماني پچائي يا پيٽ رڍي ڪائيندا آهن.

ڪاهوڙيءَ نالي ڪابہ راڳڻي نہ آهي تنهنڪري پانئجي ٽر تہ اِهو نالو مضمون جي مطابقت ۽ مناسبت سان انهيءَ سُرَ تي پيو آهي.

ڪاهوڙيءَ جو مطلب آهي ڏک سک ۾ ڏونگر ڏورڻ، جبل جهاڳڻ، ورچي نہ ويهڻ ۽ جهڙي تهڙي حال سان ڪشالا ڪڍڻ اهوئي سبب آهي جو شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ سسئيءَ جي ڪاهوڙين سان ڀيٽ ڪئي آهي ڇو تہ سسئي بہ ڪا عام رواجي عورت نہ هئي جيڪا ڏونگر ڏسي ڏڪي وڃي. سسئيءَ جو بہ پنهنجي پرينءَ سان ازل جو پيچ پيل هئو.

شاهہ لطيف تنهنڪري چيو آهي تہ:

منڌ نہ منجهان تن، پسي لڪ لڏن جي
جاپر ڪاهوڙين، ساپر سڪي سسئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪاهوڙين جي لاءِ محترم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو تہ "سر ڪاهوڙيءَ جي روحاني معنيٰ کي نظر ۾ رکڻ سان گڏ ظاهري مضمون موجب بہ شاهہ صاحب غريبن جي ڪشٽ ۽ جدوجهد جو جيڪو نقشو لفظن ۾ ڪڍي ٿو سو هڪ انسان دوست ئي ڪڍي سگهي ٿو (١).

شاهہ لطيف ڪاهوڙين جي اڻٿڪ جدوجهد ۽ محنت ۽ سادگيءَ جو نقشو هن طرح چٽيو آهي:

سڪا منهن سندن، پيرين پراٽا ڪيترا
سا جوءِ ڏوري آيا سونهان جت منجهن
ڳجها ڳجهيون ڪن، تهان پراهين پنڌ جون

ڪاهوڙي نهايت سادا عام انسان آهن جن جا بک ڏک تي منهن بہ سڪي ويا آهن ۽ پيرن ۾ پراٽيون جتيون پر اهي سادا ڪاهوڙي اهڙا باشعور باهمت ۽ پر عزم پانڌيئڙا آهن جو اهو ڏيهہ ڏورن جتي سونهان بہ منجهيو ٿا پون پر ڪاهوڙي اڃا بہ پراهين پنڌ جا احوال ٿا ڪن.

لطيف جي سموري شاعري علامت نگاريءَ جوشاهڪار آهي. ڪاهوڙي علامت آهي محنتي شخصيت جي جنهن جو پنهنجي محنت ۾ ايمان آهي. هو ڏک سک، سردي گرمي ۾ پنهنجي منزل مقصود ماڻڻ جي لاءِ ڪوشان ۽ سرگردان آهي.

ڪاهوڙين ڪٿي، ساجهر ٻڌا سندرا
ڏوريندي ۾ ڏونگرين، ڪيائون پاڻ پٽي
ڏکن ڏيل هٽي، ڇيهہ لڌائون ڇيرين.

ڇو تہ هنن جو محنت ۽ پورهيئي ۾ ايمان آهي. ڪاهوڙي ڏونگر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏوري ڇاڻڻ ۽ گهر ويٺي پاڻ گهرڻ وارن مان نہ آهن.

جي ڪو ڏٽ ڪري، تہ ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو
ڇپر ڪين ڏئي، سوڪڙيون سٽن ڪي.

عام سنڌي ماڻهو آسائش طلب ۽ سهل پسند آهي تنهنڪري انهن عام ماڻهن لاءِ اهو رستو جوکائتو آهي پر جن جي جاکوڙ ۽ جدوجهد ۾ يقين ڪامل آهي تہ انهن لاءِ ٻيلو ٻہ ورانگهون آهي. اهي جتان وڃن اتان رستو آهي:

ويجهو وڃ ۾ واٽ جي کهج ڏنهن کُوات
اجهي منجهان آٽ، آديسي ٿي آءُ تون.

جيڪي گهيڙ ڏسي ۽ پوءِ گهرن تہ انهن جو عشق عام رواجي آهي پر جن ڪي عشق جو اصلي آزار آهي تہ اهي جتان بہ اچن اتان رستو کليو پوي:

گهڙن جي گهيڙاءُ، تانگهو عشق تن جو
ايندي ون اوتڙاءُ، جن ڪي عشق عليل ڪيو.

۽ انهن ڪاهوڙين جو پنهنجي ڏٽ ڏورڻ ۽ جبل جهاڳڻ سان دل جو لڳاءُ آهي ڏوراهين منزل ڏورڻ لاءِ ڪو بہ وهٽ نہ ٿا ڪٺن.

ڪٺن نہ ڪيڪان، پنڌ پراهين هليا
ڏوتيئڙا ڪنهن ڏٽ ڪي جنبيا ڏنهن جابان
ڪاهوڙين اهڃاڻ، انگ نہ سڄي اڱڙي.

شاهہ جي سورمن ۽ سرزمين ۾ هڪ ڳالهہ عام آهي، اها آهي ارادي جي پختگي جيڪو ڪاهوڙين جو دستور آهي هر پنهنجي عمل ۾ سچا ۽ عزم جا پڪا ۽ اٽل آهن.

مون ڪاهوڙي لکيا، گهرين نہ گهارين
واحد لڳ ولهن ۾ رويو جر هارين
گوندر گذارين، جيئن ڏوتي ڏت گڏ ٿيا.

شاهہ لطيف جي سورمن ۽ سورمين جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ هڪ نئين نقطي ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي تہ، "شاهہ لطيف وٽ اجتماعي سورما بہ آهن. اجتماعي سورمن مان منهنجو مقصد آهي تہ ڪو بہ هڪ شخص سورمو نہ آهي جيئن پنهون يا ٻيجل آهي پر ان جي بجاءِ هڪ گروهہ يا هڪڙو ٽولو ڪن خاص عادتن، خاصيتن، لاڙن وارن ماڻهن جي ٽولي يا گروهہ کي گڏي مجموعي طور تي شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ سورمي جي حيثيت ڏني آهي. مثلاً ڪو بہ ماڻهو انڪار نہ ڪندو تہ سر ڪاهوڙيءَ جا "ڪاهوڙي" سورمن جي حيثيت ۾ نہ ٿا رکن. ان سر ۾ ڪاهوڙي هڪ فرد نہ آهي پر هڪ گروهہ آهي جيڪو ڏٺ جي تلاش ۾ آهي سڀ ڪاهوڙي سورما آهن" (٢).

ڪاهوڙي اهي عظيم پورهيت آهن. جو جتي پڪيءَ جو پير بہ نہ ٿو پهچي پر اتي هي جاکوڙي دونهين دکايون ويٺا عام کي دڳ لائين.

جت پڪيءَ نہ پير، تت تمڪي باهڙي
ٻيو ٻاريندو ڪير، ڪاهوڙي ڪير ري.

پورهيت اها پلاري ۽ اهم هستي آهي جنهن جي هٿن کي شاهہ لطيف "سون سريکا هٿڙا" سڏيو آهي. انهن هٿن جي هاڃ جي طفيل ئي انسان ترقيءَ جون سڀ منزلون طئي ڪيون آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# مددي ڪتاب

(١) ڪلياڻ آڏواڻي، "شاھ جو رسالو" مڪتبہ برهان اردو بازار، ڪراچي.

(٢) تنوير عباسي، "شاھ لطيف جي شاعري" جلد ٻيو نيو فيلڊ پبليڪيشن، حيدرآباد ١٩٨٥.

(٣) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، "سنڌي اَدب جي مختصر تاريخ" زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ١٩٨٣.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر

# شاهہ جو ڪاهوڙي

مون ڪاهوڙي لکيا، ويھي مَ ويرم ڪن،
ڏينهن تتي جو ڏونگرين، ڪارڻ قوت ڪهن،
جهنگن ۾ جهٽڪن، جه ڏوتي ڏٽ گڏئا.

ڪاهوڙي، شاهہ صاحب جي رسالي ۾ هڪڙي سر جو نالو آهي. رسالي جي اڪثر سرن جا نالا راڳڻين ۽ سر سنگيت جي نالن سان رکيل آهن. مگر ڪاهوڙي نالي هندستان توڙي سنڌ ۾ ڪابہ راڳڻي ڪانهي. هن جو نالو هڪ سنڌي پورهيت يعني ڪاهوڙي ڏانهن منسوب ڪيل آهي. هونءَ ڪاهوڙي ”ڪيه“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”مٽي“

ڏوري ڏوري ڏيهہ، ماء ڪاهوڙي آئيا،
مين پيرين ڪيه، ڪه ڄاڻا ڪنهن پاربي!

ڪاهوڙي، ڪهو، ڪٽنڌڙ کي چئبو آهي. جنهن جو اُچار ”ڳهو“ تي پيو آهي. ”ڳهو“ واهہ يا نياڻ مان مٽي ڪڍڻ لاءِ ڀن يا ٽن ڪانن جي ماپ کي چئبو آهي. واهن ۾ گڏ ٽيل مٽي هاري يا پورهيت ڳهن جي صورت ۾ ٺوري اجرت سان ڪڍندا آهن. جنهن کي ڪاٽي ٺو سڏجي. اصل ۾ سنڌودرياهہ پنهنجي پاٽيءَ ۾ لتاسي مٽي جام آڻيندو آهي،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪا واهن يا نياڻن ۾ ٺمجي ويندي آهي. سنڌ جي زرعي زمين جو دارو مدار گهڻو ڪري درياهہ جي انهن واهن ۽ نياڻن تي رهيو آهي. انڪري هر سال واهن جي ڪاٽي ضروري هوندي آهي. ڪاٽي اڄ بہ ٻڙاج واري نظام ۾ ٿئي ٿي. مگر اڄ وڏن واهن جي ڪاٽي حڪومت پنهنجي خرچ سان ڪڍائيندي آهي. جڏهن تہ ننڍن ننڍن واهن جي ڪاٽي زميندار يا ڪاتيدار ڪڍائيندا آهن. مغل دور حڪومت ۾ ان جو طريقڪار ڪجهہ ٻئي قسم جو هوندو هو. مغلن سنڌ جي سموري زرعي زمين خالصن، جاگيرن ۽ زميندارين ۾ ورهائي ڇڏي هئي. نواب يا صوبيدار پنهنجون جاگيرون ۽ خالصن ٺيڪي تي ڏئي ڇڏيندا هئا. ٺيڪيدار وري اها زمين هارين ۽ پورهيتن کي ڪٽي تي ڏيندا هئا. ڪاٽي ڪڍائڻ جو ڪو اصولي طريقو ڪو نہ هوندو هو. واهن جي ڪاٽي يا نہ هاري پاڻ وانگارون ڪري ڪڍندا هئا يا ٺيڪيدار هارين کي بيگرون هٿي ڇيڙون وهائي ڪڍائيندا هئا. ستم ظريفي اها هوندي هئي جو ڪٽي جي رقم هاريءَ کان زوريءَ ورتي ويندي هئي. جيڪڏهن فصل مان رقم جي پورت نہ ٿيندي هئي، تہ هاريءَ جا ڍور ڍڳا ۽ ننگ بہ نيلام ڪري ڪانئس رقم وصول ڪئي ويندي هئي. مطلب تہ هاري ويچارو مغل حاڪميت جي دور ۾ ٻئي چڪيءَ ۾ پيسبو رهندو هو. هن جو نہ ڪو سڏ ٻڌڻ وارو هو ۽ نہ واڪو-ساڻس سورو ڪاريدار هو.

شاهہ صاحب انهيءَ کي هاريءَ کي ڪاهوڙي سڏيو آهي. سر ڪاهوڙيءَ جي مطالعي مان پتو پوي ٿو تہ ڪن سببن جي ڪري ڪاهوڙين پنهنجو پورهيو ڇڏي وڃي ڏٺ تي گذران ڪيو هو. جيتوڻيڪ ڪاهوڙين جي پورهئي کان نابري وارڻ جي سببن ڏسڻ کان مغل دور جون تاريخون گونگيون آهن. تاهم شاهہ صاحب هڪ اهڙو عظيم مفڪر آهي، جنهن جي بيان ڪيل اهڃاڻن مان ڪافي اهڙو مواد ملي ٿو جنهن جي آڌار تي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اسان واقعن جا اسباب ڳولهي سگهون ٿا.

ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته سنڌ جي اعليٰ ڪردارن کي شاهه صاحب پنهنجي صوفيانه مضمون کي پيش ڪرڻ لاءِ تمثيلي طور ڪنيون آهي. پر هتي عرض اهو آهي ته انهن ڪردارن جي پنهنجي اصليت به هئي. ڪاهوڙيءَ کي سالڪ، پير ۽ مريد ڪري پيش ڪرڻ ۾ ڪو به عيب ڪونهي. پر جن سعوبتن ڪان هن پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي ۽ ڏٿ جهڙي ڪڻن پورهئي کي پنهنجي معاش جو ذريعو بنايو هو. انهن حالتن تان پردو نه کڻڻ به منهنجو خيال آهي ته ڪاهوڙيءَ جي وجود ۽ سندس جدوجهد سان زيادتي ٿيندي!

ڪاهوڙيءَ جي جدوجهد کي سمجهڻ ڪان اڳ۾ ضروري ٿو سمجهان ته ٿورو سنڌ جي ان دور جي سياسي، سماجي معاشي صورت حال کي اڳيان رکجي. سنڌ هزارن سالن ڪان هڪ خوشحال، زرعي ۽ تجارتي ملڪ رهيو آهي. اَنُ ۽ ابڪر هتي اصل ڪان جام پئي رهيو آهي. بک بيروزگاري، نفرت ۽ ڪدورت جهڙن عملن ڪان سنڌي ماڻهو هميشه محفوظ رهيو آهي. هزارن سالن ڪان فطرت جي طرف ڪان ملبل نعمتن هتي جي انسان کي خالق ـ ڪائنات ۽ ان جي مخلوق سان محبت ۽ پيار ڪرڻ لاءِ هميشه پئي هرڪايو آهي. انڪري بنيادي طرح سنڌي انسان جي فطرت نرم ۽ ويساهه واري رهي آهي. حالانڪ انهيءَ سندس صلح واري صلاحيت مان ڪيس ڪيئي جوکم به رسيا آهن.

هونءَ به ڏٺو وڃي ته انساني حيات لاءِ لاها چاڙها ته اصل ڪان موجود پئي رهيا آهن ۽ اهڙن لاهن چاڙهن ڪان نه رڳو اڪيلو انسان متاثر ٿيندو رهيو آهي، پر قومن جي قسمت کي به هزارين ڀيرا تڪليف جا لوڏا ايندا رهيا آهن. نينوا، يونان، روم، مصر ۽ سنڌ جي تهذيبن تي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جن رولو ٽولن حملا ڪري ۽ انھن جي وجود سان مذاقون ڪيون، اھي ڪي سڌريل قومون ڪونہ ھيون. بلڪ تاريخ ۾ انھن کي وحشي ٽولن ۽ ڳنوارن جي نالن سان سڏيو ويو آھي. اجا بہ يقين آھي تہ جيئن جيئن انسانيت ظلم ۽ وحشت کان نفرت ڪندي ويندي، تيئن تيئن اھڙن وحشي ٽولن جي مٿان ڦٽڪار وڌندي ويندي.

سنڌ جي دولت ۽ خوش حاليءَ جي ڪري آرين کان وٺي انگريزن تائين ھزارين ڀيرا مختلف طرفن کان ھن خوشحال ملڪ تي حملا ٿيندا رھيا آھن. ۽ اھي حملي آور قومون ھتي ڪنھن ديني تبليغ لاءِ ڪونہ ايندڙيون رھيون آھن. بلڪ سنڌ جي دولت ۽ ثروت کي لٽڻ ۽ ڦرڻ لاءِ ايندڙيون رھيون آھن. تاريخ جن قومن جي وحشي ۽ ظالمانہ رويي جو پورو پتو ڏئي ٿي انھن ۾ ارغون، مغل، ايراني ۽ چنگيزي مڙني کان وک اڳيري رھيون آھن. انھن قومن نہ رڳو ملڪي معيشت کي ڀنھي ھٿن سان لٽيو، پر انساني وقار ۽ عزت کي بہ وڏو ڇيھو رسايو. سنڌ جي اڀوجھہ ۽ صلح پسند انسانن کي حوصلن جيترو انھن وحشي قبيلن نقصان پھچايو، ايترو ٻئي ڪنھن بہ حملي آور کان نقصان نہ پھتو آھي. مرزا باقي ترخان جي حاڪميت واري ڏينھن جي تاريخ شاھدي ٿي ڏئي تہ اھو ڏينھن ڪونہ ھيو، جنھن ڏينھن ڪنھن مظلوم انسان کي ھاٿيءَ جي پيرن ۾ ٻڌي ٿني جي گھٽين ۾ گھليو نہ ويو ھجي. ھن درند صفت انسان جي لاءِ سيد حسام الدين راشدي لکي ٿو تہ ”ھن جي ڏينھن ۾ ڪنھن جو انگ سلامت ھو ۽ نہ ننگ محفوظ... رات جي سمھيل کي صبح جو جيئري اٿڻ جي اميد ڪانہ ھئي ۽ صبح جو جيئري جاڳندي کي شام تائين زنده رھڻ جو ڀروسو ڪونہ ھيو.“

مغل حاڪميت جي دور ۾ شاھہ عنايت جھڙي صوفي بزرگ کي قرآن شريف تي صلح جو وعدو ڪري ۽ قتل ڪيو ويو. ھن جو محض

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قصور اهو هيو، تہ هن هارين نارين کي سڌي پنهنجي زمين ۾ برابر جو ڀائيوار ڪيو هو. انڪري هزارن جي تعداد ۾ هاري ناري جهوڪ طرف وڃڻ لڳا ۽ اها روش مغل حاڪمن کي پسند ڪانہ آئي. جنهن ڪري مغلن هن عظيم انسان کي قتل ڪندي ڪو بہ شرم محسوس نہ ڪيو! مختلف واقعن ۽ وارداتن مان پتو پوي ٿو تہ اهڙيون هزارين ٻيون بہ دهشتگرديءَ جون وارداتون انڪري مغل حاڪمن ڪيون تہ جيئن سنڌي ماڻهو غلاميءَ جي ڳٽ کي پنهنجي لاءِ نجات تصور ڪري ۽ غلامانہ زندگيءَ کي خوشيءَ سان قبول ڪري. پر تاريخ خواهہ سنڌي معاشرت شاهدي ٿي ڏئي تہ سنڌي انسان جي خمير ۾ اهڙو ڪو بہ جز ڪونهي، جو هو غلاميءَ کي خوشيءَ سان قبول ڪري وجهي!

شاهہ صاحب جو ڪاهوڙي بہ اهو غيرت مند پورهيت هيو، جنهن غلامانہ زندگيءَ کي نفرت سان ڏٺو "پلي پک پرم جي، شال م وڃي شان!" ڪاهوڙيءَ ظالم جي غلاميءَ کان نجات ان ۾ سمجهي تہ هن "ڪيت ڪرو" ٿي ڪٽي ڦٽو ڪيو. هڪ نہ هزارن جي تعداد ۾ ڪاهوڙين جون ڪيرون ڏٺ تي گذر ڪرڻ لڳيون:

ويبون پب پئي، ڪيرون ڪاهوڙين جون،
آئون تن ڏوٿين جو پڇان پير پهي،
رڃن رات رهي، ڏونگر جن ڏوريا.

ڏٺ قدرت جي اهڙي نعمت آهي، جنهن تي ڪنهن خاص طبقي جي اجاره داري نہ هوندي هئي. برساتن پوڻ سان جابلو ۽ ٿر جي علائقن ۾ خود بخود جهنگلي اَن ۽ ميوا اپري نروار ٿيندا هئا. هزارين هاري هارپ ڇڏي وڃي اهڙي قسم جي ڏٺ تي گذران ڪرڻ لڳا ۽ هيڏانهن سنڌ جون جاگيرون ۽ خالصا ويران ٿيڻ لڳا. گويا ڪاهوڙين جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏت ميڙڻ وارو قدم نوابن جي ڏاڍ ۽ جاگيردارانه اڏنگين روشن خلاف هڪ عدم تعاون جي تحريڪ هئي. اگرچ هن تحريڪ جي مرڪزي قيادت نظر نه ٿي اچي. پر هن تحريڪ اهو ڪري ڏيکاريو ته ١٧٣٦ع ۾ نواب صادق علي خان کي ٺٽي جي چئن سرڪارين جي ٺيڪي ۾ وڏو نقصان پهتو. هن ٿي نقصان جي ڪري بعد ۾ ٺٽي پرڳڻي جو ٺيڪو ميان يار محمد ڪلهوڙي کي مليو ۽ اهوئي قدم اڳتي هلي سنڌ جي آزاديءَ جو سبب بڻيون.

ڏيهه ڏيهائي ناهه، جتي پير نه پکيان،
تتي ڪاهوڙيان، ور ڏٺي وڻ چوندئيا.

سيد اسد الله بخاري

# سُر ڪاهوڙيءِ ۾ لاهوت جو سيرُ

سُر ڪاهوڙيءَ، رسالي ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي ترتيب مطابق ۳۰ سُرَن مان ۲۲ سُرُ آهي. هن سُرَ ۾ ڏونگر ڏوريندڙ لاهوتي لعل لطيف جو، لاهوت ـ لامڪان جي سير جو ذڪر آهي. ساڳي نموني جو سير، سامين جي پير، سُرَ رامڪليءَ ۾ گذريل ميلي جي ادبي ڪانفرنس مورخ ۱۳ آگسٽ ۱۹۹۲ع تي ٿي گذريو آهي. سامين جي سير جي ابتدا ڪالي ديوي ماتا، هاٿوڪي، سائيت ٺاٺي لڳ گنجي ٽڪر جي پير کان شروع ٿي وڃي ڪيچ مڪران جي علائقي ۾ نانيءَ جي زيارت وٽ پوري ٿئي ٿي. جڏهن ته لاهوتين جا پيچرا گنجي ٽڪر کان هڪ قدم يا ٻه قدم اولهه ديهه گدو تعلقو ۽ سب ڊويزن حيدرآباد جي ڳوٺ نالي ٽنڊومير غلام حسين خان ٽالپر جي بستي کان شروع ٿين ٿا. هت لطيف سائين جي دونهي جا نشان اڄ به عيان آهي.

۲ـ لاهوتين جي پيچرن جون ڪجهه روايتون موجود آهن. پر مستند خبر سنه ۱۱۸۸هه ڌاري لاهوتي لال لطيف جي ملاقات بدين جي لنواري شريف جي لال محمد زمان شاهه مان ملي ٿي. اُن موسم ۾ لطيف لال جَوان هو جڏهن لنواريءَ جو لال عمر رسيده هو. هو پنهنجي حجري اندر مراقبي ۾ وينا هئا. لطيف سائين سندن حجري ۾ گهڙي وڃي ۽ فرمايائون ته:

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”سامي سفر هليا، ڪو پروڙي پنڌ،
جن هيڏان ڪنڌ، آءُ نہ جيئندس اُنهن ري ءَ.“

خواجہ لنواريءَ جي لال هڪدم ڪنڌ مٿي ڪٽي جواب ۾ چيو
تہ:

”ڪين آهين ڪين ٿئين، وڃي ڪين ڪماءِ،
لاڳاپا لوڪ جا، لا سين سڀ لهراءِ،
سامي پوءِ سليندا، ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي“

لنواريءَ لال جي هدايت لطيف لال جي دل تي گهرو گاءُ ڪيو ۽
فرمايائون تہ:

”مون سي ڏٺا ماءُ! جنين ڏٺو پرينءَ کي،
رهي اَچجي راتڙي، تن جُنگُنِ سندي جاءِ،
تنين جي ساڃاءِ، ٿرهو ٿي تار ۾.“

شاهہ لطيف جي خوديءَ جا ورق وري ويا پر لوڪ جي لاڳاپن
کان آجي ٿيڻ لاءِ سائين لطيف ميان محمد معين ٺٽوي سان اڪثر ملندا
رهيا ۽ هن جي صحبت ۾ انوار اِلاهي جو اولڙو سندن دل تي پيو ۽
سندس نفس جي جهنگ کي جلائي ڇڏيو ۽ مٿن روحاني واٽ روشن
ٿي. جيئن پاڻ داستان ـ٢ بيت ـ٦ ۾ اظهار ڪندي فرمايو آهين تہ:

”پيئي جا پَرڪَ، گنجي ڏونگر گام جي،
واري سڀ ورق، لوچي لاهوتي ٿيا.“

حضرت ميان محمد زمان ۽ حضرت ميان محمد معين ٺٽويءَ جي
صحبت ۾ نفس جي جهنگ جلڻ کان پوءِ صرف اِلاهي جو سمنڊ موج
۾ آچي ويو ۽ لاهوت ۽ لامڪان جون راهون عيان ٿي پيون. سچ تہ هيءُ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بيت سورة شوريٰ ٤٢ جي آيت ١٣ جي ترجماني آهي. وحي ٿيو تہ:

اَللہ يَجتَبِي اِلَيہِ مَن يَشَآءُ معنيٰ آهي تہ:

جنهن کي الله گهري ٿو تنهن کي پاڻ ڏي سڏي ٿو.

پوءِ لطيف سائين کي الله گهريو ۽ رستو ڏيکاريو. شهر ٺٽي ۾ عبدالله شاهہ اصحابي ناڪي ڪان رستو وجي بابا منگهي يا لطيفي دونهي وٽ نڪتو. لاهوتين جي نيڪ نظر سببان منگهو بابا مشرف بہ اسلام ٿيو ۽ پير منگهو سلطان الاولياءُ ٿيو.

منگهوپير ناڪي ڪان پوءِ حب ندي ناڪو ۽ بلوچستان جو صنعتي علائقو شروع ٿئي ٿو. تنهن ڪان پوءِ قلات پرڳڻي ۾ پير پائنجي ٿو ۽ اِهو جبروتي علائقو پُر خوف گذري ٿو. فقراءِ "نوراني نور - هر بلا دور" جون تڪبيرون بلند ڪندي وجي محبت جي ميدان ۾ لهي ٿو. هت محبت فقير جي مرقد ۽ مسجد آهي. هڪ راشن جو دوڪان بہ آهي. هت فقراء لهندي سج تائين پهچي وجي ٿو ۽ پنهنجون پاٿريون لڳائي سولا ٿين ٿا. راشن پاڻي هر ڪو پنهنجي پنهنجي قدر پچائي ٿو ۽ پوءِ ڪي قدر هڪ ٻئي سان اور - جهور ٿئي ٿي ۽ ڪي قدر هڪ ٻئي سان ننگر ۽ پاڻيءَ جو ونڊ بہ ٿئي ٿو. پوءِ رات جا ٻہ پهر هر ڪو آرامي ٿئي ٿو ۽ پوءِ آخري پهر ۾ اُٿي الله سان وسيلي ڳنڍڻ جي تنوار تن ۾ جَورِ جي ٿي محبت الله سان ڪرڻ واسطي ٻيا سڀ واسطا فقط هڪ رسول جي واسطي کان سواءِ ٽوڙي ڇڏجن ٿا. جيئن لنواريءَ جي لال چيو تہ "وڃي ڪين ڪماءِ".

يا جيئن سائين لطيف تہ ۾ سُرُ رامڪليءَ ۾ پاڻ فرمايو تہ:

"جي ڇاوا نہ ڇاپندا، جيءُ تنين سين جوڙ،
تہ تون پُهچين توڙِ، محبت جي ميدان ۾."

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

يا جيئن خدا پاڪ خود قرآن جي سورة آلِعمِران ۳ جي آيت ۳۱ ۾ فرمايو تہ:

قُل اِن كُنتُم تُحِبُونَ اللهَ فَاتَبِعُونَ يُحبِبكُم

”اي محمد! چؤ تہ جيڪڏهن اوهان الله سان محبت ڪيو ٿا تہ پوءِ منهنجي اتباع ڪريو.“ اهڙي ذڪر ـ فڪر کان پوءِ صبح جي نماز ادا ڪرڻ بعد فقراء جو سفر محبت جي ميدان کان نوراني ماڙي ڏانهن ٿئي ٿو.

۳ـ پهرين منزل وٽ رستي جي ساڄي پاسي، جيئن قديم کان مروج آهي تہ قدم مبارڪ موليٰ علي ڪرم الله وجہ جا ۽ دلدل جي پيرن جا نشان آهن. ساڳيءَ منزل تي کاٻي پاسي کان هڪ نندي وره جي جَهت آهي ۽ مروج آهي تہ اِهو موليٰ جو منجيل ڏندڻ آهي. هن جهت جي کاٻي کان نوراني واهي وهي ٿي جيڪا اُن جي آس ـ پاس آباديءَ جي زرعي ضرورتون پوريون ڪري ٿي. معجزي جهڙي ڳالهہ آهي تہ پاڻي ڏسڻ ۾ کير رنگ آهي. پر جي ہڪ ٻيري مٿي کڻبو تہ صاف ۽ شفاف رنگ تي پئي ٿو پيئڻ ۾ ٿڌو ۽ مٺو آهي. باقي ڪجهہ قدم کڻندي ”نوراني نور ـ هر بلا دور“ جون تڪبيرون چوندي فقراء وڃي نوراني ماڙيءَ پيڙو ٿئي ٿو ۽ پنهنجي قبيلي يا ساٿ سان ڪنڌي ڪري پاٽري لڳائين ٿا.

نوراني ماڙي جي ساڄي ۽ کاٻي هٿ تي کير ٿر جبل جون ديوار نما قطارون آهن. ماڙ جي وچولي ۾ ٽني دار ٽلها ۽ بلڪل گهاٽا وڻ آهن. جانورو اُس جي ڪرڻ کان پاڪ آهي. فقراء ۽ ٻيا زائرين ۹ رمضان جي لهنديءَ مهل تائين منزل انداز ٿين ٿا ۽ پنهنجون جماعتي يا ساٿ مطابق ڪلهو ـ ڪلهي سان ڪنڌي ڪن ٿا. ساڄي هٿ تي درگاهہ شاهہ بلاول نوراني ۽ نوراني چلو آهي جاتي صبح اشراق بعد ٻہ گهڙيون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حاجي عنايت الله زنگيجو

# کاهوڙکي کير

بلاشڪ اسان جو سھڻو لطيف رحہ مولانا رومي رحہ کان متاثر هو. بلاشڪ مولانا رومي پنهنجي جڳ مشهور مثنوي ۾ مختلف حڪايتن ذريعي وڏا روحاني راز ۽ دانائيءَ جا سبق سيکاريا آهن. مگر مولانا رومي جي مڙني حڪايتن جو ڪنهن بہ سرزمين سان واسطو ڪونهي. جڏهن تہ لطيف کي هيءَ فوقيت حاصل آهي جو لطيف جي هر حڪايت ۽ هر قصي جون پاڙون ڌرتيءَ ۾ کتل آهن. اها ڌرتي، جنهن مان اسان جو خمير جڙيو آهي، جنهن مان اسان کي رزق ملي ٿو، جنهن جي سيني تي تلي هلون ٿا ۽ نيٺ جنهن جي هنج ۾ وڃي آرامي ٿينداسين. باري تعاليٰ جي فرمان موجب منها خلقنکم وفيها نعيدکم و منها نخرجکم تارة اخريٰ يعني "انهيءَ مٽيءَ مان اسان ارهان کي پيدا ڪيو آهي، انهيءَ مٽيءَ ڏانهن اوهان کي موٽايون ٿا ۽ وري ٻيهر انهيءَ مٽيءَ مان اوهان کي اٿارينداسين." انهي ازلي ابدي ناتن واري زمين سان ڀٽائي جي نينهن جو ناتو آهي. سر ڪاهوڙيءَ ۾ لطيف سائين، جنهن جهنگل جو ذڪر ڪيو آهي، اهو جهنگل بہ اسان جي ڳوٺن ۽ شهرن وانگر اسان جي سرزمين جو حصو آهي. جهنگل جي پنهنجي دنيا آهي ۽ ان جو پنهنجو وايو منڊل آهي. ان جي وسندي وٽڪار ۽ جانور آهن. ماڻهو شڪار ڪرڻ لاءِ جهنگ جو رخ ڪن ٿا. شڪاري، ڪتا ۽ ڪوڪارون اسان جي ٻهراڙيءَ

جي تمدني زندگي جو حصو آھن. پٽ ڏٺي، جيڪو بلاشبہ اسان جي تاريخ، جاگرافي، ثقافت ۽ تهذيب جو پاسبان آھي، تنھن ھن سَر ۾ جھنگل جي ماحول کي بہ محفوظ ڪري ڇڏيو آھي. واڍن، لوھارن ۽ ڪورين موچين سان گڏ ڪتن ۽ شڪارين جي ڪرت بہ رسالي ۾ حفاظت ھيٺ اچي ويئي آھي.

انسان جسم ۽ روح جو مرڪب آھي. جسم مرئي (Visible) ۽ روح غير مرئي (In visible) آھي. تنھنڪري عام ماڻھن جي نظر فقط جسم تي ٿي پوي، اھي روحاني لطافت کان نا آشنا آھن. سلطان الاولياءَ حضرت خواجہ محمد زمان قدس سره ان حقيقت جو ذڪر ھن ريت ڪيو آھي.

سڪ روحاني سامين جسمي جاھلن،
ٻڳھن ميچي من، پارس پسن ڪينڪي
(خواجہ محمد زمان)

جسم جي طلب گارن کي ڪھڙي خبر تہ اخلاقي ۽ روحاني عظمت وارا انسان ڪھڙي مقام جا مالڪ آھن! ھو تہ انھن کي بہ پاڻ جھڙوئي ٿا سمجھن مگر مولانا رومي خبردار ڪيو تہ:

ڪار پاڪان راقياس، از خود مگير
گرچہ باشد در نوشتن شير شير.
(مولانا رومي رحہ)

يعني پاڪباز انسان کي پاڻ جھڙو نہ سمجھہ. شير ۽ شير لکڻ ۾ تہ ھڪ جھڙا آھن، مگر معنيٰ ۾ گھڻو مختلف آھن. شير يعني کير انسان جي خوراڪ بنائي ٿو. ٻي سمجھہ ماڻھن کي تہ فقط سھڻي صورت ۽ سڊول جسم وارا ماڻھو وڻن ٿا. مگر الله وٽ قدر ۽ شان انھن جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بلند آهي، جيڪي روحاني ۽ اخلاقي طور تي مٿانهين منزل جا مالڪ آهن. پوءِ ظاهري طور ڇو نہ ڪٿي انهن جا منهن سڪل ۽ لٽا ليڙون ليڙ ٿيل هجن. سر ڪاموڙيءَ جو هي بيت انهن معنوي طور مٿانهن ماڻهن جو ڏس ٿو ڏئي:

سُڪا منهن سندن، پيرين پراٺا ڪيتڙا
سا جَوءِ ڏوري آئيا، سونهان جت مَنجهن
ڳجها ڳجهيون ڪن، تِهان پرانهين پنڌ جون

يعني ظاهري حالت اها اٿن، جو اکيون ڏرا ڏيئي ۽ منهن سڪي ويا اٿن ۽ پيرن ۾ پراڻا ڪيتڙا پيل اٿن، مگر پرواز ايڏي بلند جو جت سُونها مُنجهي ٿا پون، هي اتي جا حال محرم ۽ رازدان آهن. اتي سندن منزل ختم نٿي ٿئي ان کان بہ اڳيري مقام جون خبرون ڏيئي سگهن ٿا. لطيف سائين جي انهي بيت ۽ هن حديث پاڪ ۾ ڪهڙو فرق آهي، اها ڳالهہ ڪي عالم سمجهائي سگهن ٿا، مون کي تہ انهن ٻنهي ۾ ڪو فرق ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي حديث گرامي هيءَ آهي.

رُبَ اَشعَثَ مُغْبر مَدفُوع بِالابوابِ لو اقسم علي اللهِ لاَبَرَهَ

ترجمو: ڪيترا ماڻهو اهڙا آهن. جن جا وار وکريل ۽ بدن مٽيءَ ۾ ٻيوت، تو وٽ اچن تہ جيڪر تون انهن کي ڌڪا ڏيئي در تان موٽائي ڇڏين. مگر الله وٽ انهن جو ايڏو قدر آهي، جو جيڪڏهن هو چون تہ هي ڪم هيئن ٿيندو تہ الله تعاليٰ تقدير کي بدلائي، انهن جي ڳالهہ رکڻ لاءِ اهو ڪم ائين ڪري ڏيکاريندو.

سونهپ ۾ سَپ گهٽا منجهڻ ماڪي هوءِ
پرو تنهين پوءِ، جو اجهي پوءِ ان تان

هن بيت ۾ لطيف سائين سونهپ يا ڄاڻ جي ٻيٽ ۾ مونجهہ يا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڻ ڇاڻائي ڪي واڪاڻي ٿو. ڇاڪاڻ تہ جڏھن ماڻھو سمجھندو تہ آءٌ سڀ ڪجھہ ڄاڻان ٿو تہ سندس اندر ۾ تڪبر پيدا ٿيندو پيو تہ ھو ڪنھن ڪان پڇڻ سکڻ جي ضرورت بہ محسوس نہ ڪندو، تنھن ڪري سندس تعليم جي راھ روڪجي ويندي پر جيڪڏھن پاڻ کي اڻ ڄاڻ سمجھيائين تہ پوءِ ھڪ طرف غرور کان بچندو ٻئي طرف معلومات لاءِ ٻين کان پڇندو ۽ سندس علمي واڌارو جاري رھندو.

انسان جتي وقت گذاري ٿو. انھي ھنڌ يا جاءِ سان ڪيس نسبت ۽ محبت ٿيو ٿي وڃي. يعني مڪين کي مڪان سان محبت ٿئي ٿي. مگر لطيف سائين جو ھي بيت ٻڌائي ٿو تہ مڪان کي بہ پنھنجي مڪين سان لڳاءُ ۽ نسبت ٿئي ٿي.

نہ ڪتا نہ ڪوڪار نہ سي سڏ شڪارين،
پٽيو ڪٽي پار، جھنگل آھيڙين کي.

ڪُتا، شڪاري ۽ ڪوڪارون جھنگل جي آباديءَ جو باعث ھئا. جڏھن اُھي باقي نہ رھيا تہ جھنگل انھن جي جدائي ۾ پار ڪيڏي روئي ٿو. ڪتا ۽ شڪاري تہ ڳالھائين ٿا. مگر لطيف ھن بيت ۾ بي جان جھنگل کي متڪلم، پٽيندڙ ۽ پار ڪيندڙ ڏيکاريو آھي. جنھن کي علم ڪلام موجب مجاز مرسل جو بھترين نمونو سڏي سگھجي ٿو تہ ٻئي طرف ھن بيت ۾ رقت الفاظ ۽ بلاغت ڪلام بہ عروج تي نظر ٿا اچن. ھي اھوئي تصور آھي، جنھن کي علامہ اقبال ھنن لفظن ۾ بيان ڪيو آھي.

مسجدين مرثيہ خوان ھين کہ نمازي نہ رھي
يعني وہ صاحب اوصاف حجازي نہ رھي.
(اقبال رحمہ)

آھيڙي سنڌ جي ھڪ ڪمتر ذات سمجھي وڃي ٿي. جنھن جا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماٺهو جهنگ سان گڏ ٻلا ماري کائيندا آهن. اسين انهن کي ڏيڍ چئي ڪائڻ نفرت ٿا ڪريون مگر ڀٽائي جي نظر ۾ اهڙي ذات وارا اهي انسان به محبت ۽ قدر لائق آهن. جن جي فراق ۾ جهنگل روئي رهيو آهي. آهيڙي تہ آخر انسان آهن، مگر لطيف جي نظر ۾ تہ سنڌ جو گاهہ گند ۽ ڪک ڪانا بہ موتين جي ملهہ ٿا وڪامن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پروفيسر الهڏنو سومرو

# سُر ڪاهوڙيءَ ۾ الله لوڪ فقيرن جا اوصاف

”تحقيق جي تون پري، متي رِيءَ ڪنيج،
ٻانهون ٻيئي لاهي ڏيئي، ڪُشتِي ڪمائيج،
جا حاج هتن رِيءَ نہ ٿئي، سا نونئو تي ڪريج،
ٿنگٿان ٿاري، سنڌٿان ساري، ڇنگهن رِيءَ ڇليج،
هڪل حقيقت جي، ٻوڙو ٿي ٻڌيج،
اندو ٿي پسيج، مشاهدو محبوب جو.“

لطيف سائين جي رسالي ۾ جيڪي بہ ”سُر“ آهن، اُنهن مان ”سُر ڪاهوڙي“ هڪڙو ننڍڙو سُر آهي، جنهن ۾ ٣ داستان ۴ وايون آهن. شاهہ صاحب جي جوڙيل رسالن ۾ سڀ کان وڌيڪ بيت بمبئي واري ابوالحسن جي سنڌي ڇاپي ۾ آهن جن جو تعداد ٦٧ آهي. ٻئي نمبر تي محمد بخش واصف جي جوڙيل رسالي ۾ ٦٥، ڏيپلائيءَ ٦۴ بيتن، سيوهاڻي صاحب ٦١ ۽ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي جوڙيل رسالي ۾ ٥٩ بيتن جو تعداد ڏنل آهي.

ڪاهوڙي لفظ جو مطلب ڪلياڻ آڏواڻيءَ جبلن ۾ ڏٿ لاءِ ڏوريندڙ لکيو آهي، شهواڻيءَ ڏوٿي يا مارو ماڻهوءَ جو واڌارو ڪيو، جڏهن تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جي جوڙيل سنڌي لغات ۾ ڪاهوڙي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لفظ جي معنيٰ ارادي جا پڪا يا اٽل فيصلو ڪندڙ به ڄاڻايو ويو آهي. پر حقيقت ۾ لطيف سائينءَ هن سُرَ ۾ ڪاهوڙي اهڙن درويشن کي سڏيو آهي، جيڪي مخفي ذڪر ۾ سُبحان کي ڳولي لهڻ لاءِ جاڪوڙيءَ ۾ محو آهن. اُنهن کي سواءِ سُبحان جي ٻيو ڪي ڪين ٿو نظر اچي. اُهي عشق اِلاهيءَ ۾ اهڙو پچن ٿا جيئن گوشت کي ٿانڊن تي پچائي برياني ڪبو آهي. لطيف سائين اهڙن جوڌن جو ديدار ڪيو جن پرينءَ کي ڏٺو جن جي ساڃاهه سان زندگيءَ جو ٿرهو وچ سير ۾ پهتو. پاڻ فرمائين ٿا:

”ڪاهوڙين خفيءَ سين، سوجهي لڌو سُبحان،
عاشق اهڙين اکرين، لنگهيا لا مڪان،
هُوءِ ۾ گڏجا هوءِ ٿيا، بابو سي بريان،
سيوئي سبُحان، آيو نظر اُن جي.“

اِڪتي فرمائين ٿا:

”مون سي ڏٺا ماءُ! جيئن ڏٺو پرينءَ کي،
رهي اچجي راتڙي، تن جُنگن سندي جاءِ،
تنين جي ساڃاءِ، ٿرهو ٿئي تار ۾.“

هن سُرَ ۾ ذات ڪمائڻ جو مطلب روحاني رمز حاصل ڪرڻ آهي، روحاني خزاني هٿ ڪرڻ جي منزل ڏاڍي اٽانگي آهي، ڇو ته هن راه ۾ پير پائڻ وارن کي مشڪلاتن جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. تن کي تسيا ڏيئي من کي ماري محبوب سان ملڻ جي پاڻ ۾ طاقت پيدا ڪرڻي پوي ٿي. محبوب جي ملڻ جي جاءِ لامڪان آهي، جتي پرندا به نٿا پير پائي سگهن پر هي الله لوڪ وَرَ وَرَ ڏيئي وِصال ماڻين ٿا. اِها صوفيانه منزل آهي، جتي جڏهن سالم، سالڪ ۽ صالح پاڻها پهچن ٿا، ته پرينءَ جي پيار جي پالوت پائن ٿا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لطيف سائين شاهدي ٿو ڏئي تہ:

”ڏيھہ ڏيهائِي ناھ، جتي پير نہ پکيان
تتي ڪاهوڙيان، ور ڏيئي وڻ چوندیا.“

ڪاهوڙي اُها جوءِ تا جهاڳين، جتي سُونهان بہ منجهن تا. اُهي پنهنجون وحشياڻيون خواهشون ختم ڪري، حقيقت جي هڪل ٻڌن ٿا. هنن جي اندر ۾ جيڪي پرينءَ جون ڳجهيون ڳالهيون ساھ سان سانديل آهن، سي ڪڏهن ٻڌر پٽ نٿا ڪن. اُهي تہ رڳو واحد جي وصال لاءِ وجهلندا ۽ اُنهيءَ جهوريءَ ۾ جهڄندا رهن.

پٽ ڏٺي فرمائي ٿو:

”دلق ڳڏيو ڏوڙ ۾، پڪليا پٽن،
ڳالهيون ڳهلي لوڪ سين، ٻڌر پئي نہ ڪن،

---

ڪا من آهي تن، مون پريان جي ڳالهڙي
يا ڪامل آهي تن (مَلِ - املھہ)

لطيف سائينءَ هن سُرَ جي ٻئي داستان ۾ ڳنجي ٽڪر جو نہ صرف ذڪر ڪيو آهي بلڪ گهڻي واکاڻ ڪئي آهي. ڇاڪاڻ تہ هنگلاج جي تيرٿ ڏانهن ويندي جوڳين سان گڏ هن ٽڪر رستي سفر ڪيو، جتي روحاني اسرار ڏٺائون. اُن ڪري هتي ڳنجي ٽڪر جي معنيٰ روحاني راھ يا ديس ورتي ويئي آهي. اُن ڏس ۾ فرمائين ٿا:

”کهڙو اتئي ڪامُ، ڳنجي ڏونگر ڳام ۾؟
پسي تنهن پاهڻ کي، اچي نہ آرامُ،
متان ڏونگر ڏورئين، اُجهين ڪہ عوامُ،
هرا (هئڻ) ڪري حرامُ، ڪامُ تہ ڪاهوڙي ٿئين.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تئين داستان ۾ لطيف سائينءَ اُنهن سچن ڪاهوڙين جاڪوڙين (درويشن) جون وصفون بيان ڪيون آهن، جيڪي دنيا کي ترڪ ڪري جهنگن ۽ جبلن ۾ اڪيلائي اختيار ڪري فقط پنهنجي پالڻهار جي خفي ذڪر ۾ رڌل رهن ٿا. اُهي هن جهانَ ۾ جتي رڳي سَچ نظر اچي ٿي، اُتي اڪيون، ڪن ۽ چپ پوتي گهمن ٿا ۽ رات ڏينهن اُنهيءَ تات ۾ سُتي توڙي جاڳندي پرينءَ جي ڳولا ۾ پنهنجي پريتم جي درشن لاءِ جهوريءَ ۾ ٿا جهڄن. اُهي تارڪ دنيا فقراءَ ٻنهي جهانن کي ترڪ پرينءَ ڪاڻ پنهنجي مٿان خاڪ جا وسڪارا پيا ڪن. دنيا جي نظرن ۾ هو گمراه راه تي آهن. پر حقيقت ۾ جنهن راه تي سُونهان مُنجهن ٿا، اُتي اُهي انگ نہ سڄيءَ اڳڙي وارا اُمناڪ پرينءَ جو پيچرو ٿا لهن ۽ مراد ٿا ماڻن. انهيءَ راه جي ڪروڙن مان ورلي ڪنهن ٻئي کي پروڙ پوي ٿي. سائين فرمائي ٿو:

"کُپيريءَ ۾ پير، ڪنهن پاتو پيرئين،
جيان مُنجهڻ ماڻهين، سچڻ تهائين سير،
اِن پُونءِ سندو پير، ڪوڙين منجهان ڪولهي."

هن سُر ۾ لطيف سائين سالڪ کي سنجهي سعيد ڪيو سنڌ سنواري سبحان ساري، سپرين ڏانهن سفر ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو. پر جيڪڏهن ڪو ويسرو ٿي وهندو تہ واحد جو مشاهدو ماڻي نہ سگهندو. پر جيڪو هن سفر لاءِ سويرو سنيرندو تنهن کي دولت ۽ ٻيا دنيا جا تعلق ترڪ ڪري ڳهيلي لوڪ جون ڳالهيون نظر انداز ڪري ڪامل ڪشتيان جو پلاند پڪڙي ساجهر سندرا ٻڌي پراهين پنڌ تي پرڻو پوندو. کُپيري اُها واٽ آهي جا عام رواجي انسان گمراهيءَ جو گس ڪري ليکين ٿا جنهن تي هلڻ وارن کي مادي پرست انهن الله لوڪن جي طور طريقن کي خاصو نٽا سمجهن. لطيف سائين اُنهن ماڻهن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪي هدايت ٿو ڪري ته اُنهن تي ننوليون نه ڪن ڇو ته اُنهن (الله لوڪن) اهڙي ڪنن واڻ ونڻ سان محبوب جو مشاهدو ماٺيو آهي. پاڻ فرمائين ٿا:

”ڪاموڙي ڪَرا، سُوڌي خبر پڪيا،
سُوجهي جن ڪيا، مٿي اڳڻ آهِرا.“

ڪاموڙي اهڙي سچي ويڙهه کي وڌيڪ پسند ڪن ٿا، جنهن ۾ پرين هجي بنسبت اهڙي ماڳ ڪان جتي ڪروڙين ڪوڙا ماٺهو هجن پر ساجن نه هجي.

”ورسا سچي ويڙهه، جنهن ۾ سجڻ هيڪڙو،
سو ماڳ ٿي ڦير، جتي ڪوڙين ڪماڙ هيئن“

ڪاموڙي اهڙيءَ سچيءَ ويڙه کي وڌيڪ بهتر سمجهن ٿا جتي ”هُو“ ۽ ”هي“ هجڻ بجاءِ اهڙي دنيا هجي جتي سندن عبادت ۾ رخنو پوي ۽ دنيا جا وسوسا کين تنگ ڪن.

يا اهڙي اونداري رات کي وڌيڪ ترجيح ڏين ٿا جتي کين ڪوئي نه ڏسي ۽ هو اُن ڪاري رات ۾ پنهنجي قادر سان مشغول ڪلام رهن ڇو ته اُنهن کي سواءِ رب جليل جي ٻيو ڪجهه به ڪونه ٿو نظر اچي ۽ ٻي دنيا جي سموري ڳالهه وسري وڃين ٿي. راتيون ڏينهن، روشني يا اونده ۽ رنگ روپ صرف دنيا جون وصفون آهن. ڪاموڙين ته اهڙو ديس ڏٺو آهي جتي نه رنگ آهي نه روپ، سواءِ سائينءَ جي ٻيو ڪي ڪين ٿو سُجهي.

لطيف سائين فرمائي ٿو:

”ڪاري رات اڇو ڏينهن، اِيءَ صفتان نُورَ،
جتي پرين حضور، تتي رنگ نه رُوپ ڪو.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڀِٽائي لطيف اهڙن اپوجهه انگ نه سهيءَ اکڙيءَ وارن الله لوڪن کي اويسي سڏيو آهي، جيڪي حضرت اويس ڪرنيءَ وانگر جهنگ ۾ رهي پنهنجي پالڻهار جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ مخفيءَ طرح سندن ذڪر ۾ مستغرق رهندا هئا ۽ اهڙيءَ پَرِ مسڪيني، مجاهدي ۽ نبار نينهن سان هو سبحان جا ساجارا ۽ سيڪڙو جي سند حاصل ڪري دنيا مان ڪٽ ڪٽيائون.

اهڙا عاشق صادق محبوب مدنيءَ جي مهر ۽ نظر ڪرم هيٺ رهن ٿا ۽ انهن جي رهنمائي پاڻ ڪريم صلعم جن ڪن ٿا، جن جو درجو اهو آهي ته هنن جي هر دعا مستجاب آهي جهڙي پر حضرت اويس ڪرنيءَ جي دعا لاءِ حديثن ۾ ذڪر آهي.

انهن درويشن کي حضرت لطيف سائين انهيءَ ڪري به ترجيح ڏني آهي جتو هو باشريعت آهن. انهن درويشن جي منزل تمام متاهين ۽ بلند آهي جتي هو خفيءَ جي برڪت ۽ محمدي (صلعم) محبت سان پهچن ٿا، اُتي ٻئي جي مجال نه آهي. اُنهن لاءِ لطيف سائين هن طرح شاهدي ڏني ٿو:

”جت نه پکيان پَرُ، تِتِ تمڪي باهڙي،
تِهان پري وَرُ، ڏوٿِين ڏنو ڏُٺ کي.“

ڀِٽ ڌڻيءَ هيءُ سُر اهڙن ڪاملن ۽ متوڪلن سان ڏيٺ ڪندي صحبت وندينيدي لکيو آهي، جنهن جي شاهدي هن سِٽ مان ملي ٿي:

”جي گهميا حق گهٽيون، تن ڏسڻ ٿيو ڏوٿئين.“

---

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”مون سي ڏٺا ماءُ!، جنين ڏٺو پرينءَ ڪي،
رهي اڇجي راتڙي، تن جنگن سندي جاءِ،
تنين جي ساجاءِ، ٽُرهو ٽئي تار ۾.“

---

ور سا سجي ويڙهه، جنهن ۾ سڄڻ هيڪڙو،
سو ماڳ ٿي ڦير، جتي ڪوڙين ڪُماڙ هئين.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جڏهن، تپي، هَجِي جنهن وقت سمهي ٿو تہ اها بہ سندس عبادت ٿيو وڃي.

مثال (٢) جيڪو ڏُٿ ڪري، ڏونگر ڏورڻ ڏاڪِڙو،
ڇَپَر ڪِينَ ڏيئي، سوڪڙيو سُٽن ڪي

ڪڏهن بہ آسمان، سُتل ڪي ڪو نہ ڏيندو، هِت ڇَپَر مان مُراد، اولحَيَل. جبل مٿي آهِ، ۽ مٿي آسمان آ. آسمان مان مراد مٿانهون خدا پاڪ آهي. خدا پاڪ بہ فرمان فرمايو، تہ فَاذاقَ........ الصّلواةِ فَاانتشِرُ وفي الارضِ وابتغو مِن فضل اللهO خدا جي فرض ڪان پوءِ ڌرتيءَ تي پکڙجي وڃو، ۽ اتي خدا جي فضل کي ڳوليو. هِن مان ثابت آهي تہ ٻانهي کي ڌرتيءَ تي ئي سڀ ڪجهہ حاصل ٿيندو. ڌرتيءَ تي ئي ڏُٿ حاصل ٿيندو. يعني مقصد ملندو. ڌرتيءَ جو منڪر خدا جو اِنڪاري آ.

مثال (٣) لاٻ حاصل جي ڳالهہ ـ تہ ڏُٿ نہ کٽو ڏوٿئين، جيڪي ڏُٿ ڪَرِين.

اُهي ـ اهيڃاٿيون عالم جون، اوريائين آٿين،
تهان پَري ڏَسِينِ، پِريان سندي ڳالهڙي.

اُهي ڏوٿي يعني پورهيت جن ڏُٿ لاءِ لاءِ ڏاڪڙا ڪٽيا. انهن وٽ ڏُٿ جي ڪمي نہ هوندي نہ تہ هر پيداوار جو سرچشمو پورهيت ئي آهي ۽ سڀني ڪائنات جي سک جون اهيڃاٿون پورهئي ۾ سمايل آهن ۽ اهو پورهيو هت ڪرٿو آ. جنهن هت پورهيو ڪيو اهو پورهيت ئي پرئين پار جي ڳالهہ ڏسيندو. اهو پريون پارئي منزل آهي. خُدا جو فرمان آهي تہ جيڪي هتي دنيا ۾ انڌا، اهي وَهُوفي الاخِرَة اِعميٰ O اهي مستقبل ۾ (آخرة) بہ انڌا هوندا ۽ پرينءَ جي ڳالهہ نہ سمجهندا.

هِن سُر ۾ ٽي داستان آهن. جن مان هر هڪ جي جوڙجڪ جُدا جدا آهي ۽ پڙهٽيون بہ مختلف، بيتن، توڙي وائيءَ ۾ گهٽ واڌ آهي. مون ڏيکهہ ڪي ڇڏي رکو ٽي بيت مثال ۾ آندا. هن سُر ۾ ٢٢٦ لفظ سمايل آهن. جن جي شارحن اچا اتفاق سان معنيٰ ٺي نہ ٻڌائي آ. ان تي ويچار ڪيو وجي. جيئن لفظ ڪاهوڙي آ. ڏسجي تہ هِت ڪاهوڙي لفظ جي معنيٰ ڇا ٿي ٻڌائي وڃي.

آخر ۾، هن ڪان وڌيڪ ٻنائي گهوٽ اسانکي ٻين لفظن ۾ کهڙو ڏوراپو ڏئي ها جو اسان سجاڳ ٿيون ها.

تون هڏ ڪچاڙئا، سَنجهي سعيو نہ ڪرين،
سَوارا سَنڌَ ڪٿي، ڪاهوڙي ويا،
پوءِ، آٽيندين ڪيا، ڏ٘ٿ ڏوراٽي ڏيهہ جو.

۽ روحاني راز سيکو پنهنجي روح جي ڪاڍي ڪان ان پُڇي، اگهِ ۾ ظاهر جي ضرورت آ. حق موجود.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رضيہ شيخ

# سُر ڪاهوڙيءَ ۾ زندگي گذارڻ جا روحاني راز

هر ڪنهن ملڪ کي، ڪنهن اهم دؤر ۾ هڪ غيبي زبان عطا ڪئي ويندي آهي، جيئن جرمنيءَ ۾ ”گوئٽي“ جي حيثيت آهي. انگلينڊ ۾ شيڪسپيئر جي، هندستان ۾ امير خسرو جي، تہ اهڙيءَ طرح سنڌ لاءِ حضرت شاهہ عبداللطيف رحمة الله عليه آهي. شاهہ لطيف انهن عظيم شاعرن مان آهي جنهن زندگيءَ کي تمام گهڻو ويجهو ڏٺو آهي. شاهہ لطيف رحہ انساني فطرت جي جذباتن ۽ احساسن جي ترجماني ڪئي آهي ۽ انسان ذات جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ جو پيغام ڏنو آهي. جنهن مان اهڙي تہ روحاني دنيا جي تعمير جي خواهش ۽ حسرت ملي ٿي، جيڪا زندگي جي حقيقتن کي سمجهي معرفت الاهيءَ کي پنهنجو مطمع نظر بنايو ڇڏي.

شاهہ عبداللطيف رحہ ڪنهن بہ تعارف جو محتاج نہ آهي. ڪيس پوري دنيا ڄاڻي ٿي ۽ سندس رسالو اهڙن اهڃاڻن سان مالا مال آهي جنهن ۾ فقط هڪ سنڌي فرد جي حيثيت سان نہ! پر هن دنيا جي واسيءَ جي حيثيت سان مخاطب ٿيو آهي تہ پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ سان گڏوگڏ فطرت جو مشاهدو ماڻڻ ۽ ان تي غور ۽ فڪر ڪرڻ بہ ضروري آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪلياڻ آڏواڻيءَ جو لکيل شاهه جو رسالو، جنهن ۾ ڪُل ٣٠ سُر آهن جيڪي ٻن حصن تي مشتمل آهن. هڪ سُر راڳڻيون ۽ ٻيو سُر داستان. سُر داستان ۾ رامڪلي ۽ ڪاهوڙي، پورب وغيره آهن.

سُر ڪاهوڙي ۽ رامڪليءَ کي گڏي پڙهڻ گهرجي. ڇو جو انهن سُرن ۾ مستن، فقيرن ۽ درويشن، ڪاپڙين جوڳين، بيراڳين ۽ سنياسين جو ذڪر مليل ٿو. اهي سالڪ فقير جيڪي پنهنجي حقيقي محبوب جي چاهه ۾ تڪليفون سهي جسم کي ڳاري، خداوند ڪريم کي حاصل ڪن ٿا.

هن سُر ۾ شاهه صاحب هٺ ۽ وڏائيءَ، خودي ۽ خود غرضيءَ کي ماري نابود ڪرڻ لاءِ تلقين ڪري چوي ٿو تہ پنهنجي جذبي کان اسير ٿي، مخلوق خدا جي خدمت کي عبادت سمجهن ٿا.

سُر ڪاهوڙي لفظ جي معنيٰ آهي ”جبل ۾ ڏٿ ڏوريندڙ“ هن سُر ۾ انهن سنياسين جو ذڪر آهي جيڪي ڏيهہ کان ڏور ڏونگرن ۾ آتڪ پيا ڏورين تن کي تسيا ڏيندا وتن.

شاهه صاحب هڪ ڏينهن اوچتوئي اوچتو، مائٽن جي موڪل بنا جهنگ منهن ڏيئي اٿي هليو. گهمندي ڦرندي هڪ سنياسين جي ٽولي ملي ويس پوءِ گنجي ٽڪر ڏانهن رخ ڪيائون. ڪن جو خيال آهي وطن جي وستين ۾ مجاهدن کي ڇڏي پرديس وسائڻ جو هي ڪارڻ ٿي سگهي ٿو تہ ڪوٽڙي جي مغل مرزا بيگ جي معصومہ جو شاهه صاحب جي دل ۾ عشق موجود هو انهيءَ حسين صورت سندس جان ۾ عجيب بيقراري ۽ بيتابي آندي ۽ انهيءَ مجازي معشوق جي عشق منجهس نئين قسم جي سجاڳي آندي ويتر سنگ نہ ملڻ ڪري مجازي محبت جي مهميز لڳس تہ گهر گهاٽ تان دل ئي کڃي ويس، جنهن ڪري پنهنجي دل کي

عاشِقَ اهڙي اَکَرين، لَنگهيا لا مڪانُ
هُوءَ مِ ڳڌجي هُوءَ ٿِيا بابُو جي بِريانُ
سيوئي سُبحانُ آيو نَظَرُ اُنَنِ جي.

يعني ربَّ پاڪ جو اهڙو ڳجهو لفظ چؤ جنهن سان رب پاڪ اوهان کي ملي وڃي. هن بيت جي نسبت سان چيائين تہ:

ساري رات سُبحانُ، جاڳي جِنِ ياد ڪيو،
اُن جي عبداللطيف چئي، مِٺي لَڌو مانُ،
ڪوڙين ڪَنِ سَلام، اَچِي آسڻ اُن جي.

يعني اهڙا فقير جيڪي دنيا کان پاسو ڪري الله کي ياد پيا ڪن ۽ سبحان جو اسم پيا چون اهڙا تہ الاهي عشق جي نشي ۾ غرق ٿيو وڃن جو پنهنجي خبر نٿي پوين تنهن تي شاهہ صاحب فرمايو:

يادِ ڪرو ڪن ڪودَڙِيا، پَر بازار بِيٺا
پَڙهنِ سورَ سُبحانَ جي، پَين تنهن پيٺا
جيلانَ مُنهن مِيٺا تيلان نشا چاڙهيائون نينهن جا.

شاهہ سائين جي شاعري ۾ خيالات جي بلندي، فڪر جي خوبصورتي، عمده ۽ حسين احساسات جي زيادتي ۽ هڪ عام انساني زندگي جي ترجماني سان گڏوگڏ مادي دنيا کان الڳ ٿي ڪري ۽ ان مان هڪ اهڙي روحاني زندگي ملي ٿي جنهن ۾ زندگي جي حقيقت کي سمجهڻ ۽ رب پاڪ سان پيار ڪرڻ جو مقصد ملي ٿو ۽ ڏتڙيل انسانن جي درد ۽ غم جي صحيح ترجماني ٿئي ٿي.

شاهہ صاحب اها بہ تلقين ڪئي آهي تہ محبوب ڪڏهن بہ آساني سان نٿو ملي يعني سالڪ فقير پنهنجي رب کي ڳولڻ لاءِ پيا پچائون ڪن ۽ رستا پيا ڳولين ان تي شاهہ صاحب فرمايو:

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويئون ڀَبَ ڀَٽي ڪيرون ڪاهوڙِيُنِ جون
آئون تن ڏوٽين جو، ڀُڃان پيرُ ڀَهي.
رُڃُنِ راتِ رهي ڏونگر جنين ڏوريا.

يعني ڪاهوڙين جون ٽوليون ڀپ جبل تي ويهي پانڌيئڙن ڪان پيا پنهنجي محبوب جو رستو پڇن ۽ اها به تلقين ڪيائين ته اي انسان تو پنهنجو وقت اجايو وڃائي ڇڏيو ۽ اهي فقير (زندگي) هليا ويا هن بيت ۾ اهو مقصد زندگي جو نڪري ٿو ۽ هاڻ تون پنهنجي ابدي زندگي جو رستو ڪٿان هٿ ڪندين بيت ۾ هن طرح چيائين ته:

تون هَڏِ ڪچاڙِيا، سَنجهي سعيو نه ڪرين؟
سَوارا سَنڌَ ڪٽي ڪاهوڙي ويا
آٿيندين ڪيا، ڏٿُ دوراٿي ڏيهه جا.

شاهه صاحب اهو به آسرو ڏنو ته اي انسان ته تون نااميد نه ٿي ۽ پنهنجي روحاني زندگي ڳولڻ لاءِ ڪشالا ڪڍ. ڇو جو حياتي تي ڀروسو ناهي.

تتي ٿڌي ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اوندهه، پير نه لهين پرين جو.

سک هجي يا تڪليف، گرمي هجي يا سردي ماٺ ڪري نه ويهو ۽ سستي ڪان منع فرمائي اٿن. خدا کي حاصل ڪرڻ جو مفهوم اهو آهي ته رب پاڪ جيڪي احڪام ڏنايا آهن انهي تي مڪمل عمل ڪري ته پنهنجي محبوب جو ديدار ڪندو.

شاهه صاحب جو اهو مطلب آهي ته انسان جو نفس به ان مچ وانگر آهي جيڪو دنيا جي شين جي موهه ۾ ڦاسجي، ڪاهل ۽ ڪريتو ٿيو وڃي. اهو انهي ڳالهه ڪان غافل رهي ٿو ته جن شين جي لوڀ ۽ لالچ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ قاتل آهي اهي آخر فنا ٿيڻ واريون آهن ۽ انهي غفلت ۾ مون اڇي سلامي پيري.

سُر ڪاهوڙي ۾ فرمائي ٿو:

جي ڪو ڏُڪُ ڪَري، تہ ڏونگرُ ڏورڻ ڏاڪِڙو
ڇَپَرُ ڪين ڏِيُ سوڪڙيون سُتَنِ کي.

جبل جهاڳڻ وڏو ڪشالو آهي هتي جبل مان مراد منهنجي خيال ۾ محبوب کي ڳولڻ آهي. غافل انسان کي ٻڌائي ٿو تہ خدا جي احڪامن تي نہ هلڻ سان سوکڙي (بهشت) نٿو ڏئي.

ڪاهوڙي فقيرن ۾ اها تمنا ڏٺائين تہ جبل جهاڳڻ سان گڏ رب کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي اکين مان نير ٿا وهائين ۽ افسوس ۾ ٿا رهن تہ اسان اجايو وقت وڃائي ڇڏيو.

جيئن شاهہ صاحب سر سسئي ۾ سسئي جي معمولي غفلت کيس ڪھڙن بيابانن ۽ پهاڙن تي رلائي ٿي. بک ۽ اڃ ۾ بيقرار ۽ لاچار ٻڄي پوي ٿي تڏهن بہ تلاش جاري اٿس.

سندس جا نثاري، قرباني، صبر ۽ استقلال. ثابت قدمي ۽ بلندي منزلِ مقصود تي پهچائي ٿي.

ڪرڪو واڪو وَسُ، وِهُ مَ منت پنيور ۾،
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، پير پنهو جو پَسُ،
ڏورڻ منجهان ڏس، پونده هوت پنهو جو.

سسئي وانگر ڪاهوڙين سويرئي سندرا ساڻ ڪئي ٻڌا. جبلن ۾ ڏٺ ڏوريندي پاڻ کي خاڪ هٽي ڇڏيائون ۽ پنهنجي جيءُ کي ڏاڪڙين ۾ وجهي پهاڙن جي آخري منزل لڌائون شاهہ صاحب فرمايو تہ:

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪاهوڙيُنِ ڪٿي ساجهُر ڀڏا سَندرِا
ڏوريند مِ ڏونگرين ڪيائون پاڻ پٽي
ڏکن ڏيلُ هَٽي ڇيهه لَڏائون ڇپَرين

هن بيت جي مناسبت سان سر ليلا چنيسر ۾ فرمائين ٿا تہ:

ليلا! حيلا ڇڏ، جي تون! سوبي! ليکئِين
پائي پاند ڳچي ۾، پاڻ غريبي گڏ
هَڏِ نہ ڇوَندءِ لڏ جي ڪارو آٽئين ڪانڌ ڪي.

يعني: نياز نوڙت سان پنهنجي پيتار وٺ ويندين تہ ڪڏهن بہ توکي پاڻ کان نہ ڏڪاريندو.

محبوب کي حاصل ڪرڻ جي اميد هوندي بہ سچا سالڪ ڏونگرن ۾ رجن ۾ رات ڏينهن ڏٺ پيا ڏورين. اهو اهڙي درجا سنوريل آهن جو لڪن توڙي ولهن ۾ وتن ڇپر ڇلندا.

سندن اهيڃاڻ اها آهي جو بت تي پوري طرح اگهڙي بہ ڪانهي سندن منهن بہ مرڪيا پيا آهن ۽ سارو وقت اکين مان جُر جاري اٿن. ظاهر ۾ ميرا آهن پر اندر ۾ نوراني آهن. هو اهي جنگ آهن جن جو قدم لامڪان ۾ آهي هو اها جوءِ جهاڳيو اچن جتي جيڪر روحاني رهبر بہ منجهيو پون.

جيڪر ڪاهوڙي ٽيڻ جي طاقت رکين ٿو تہ سنساري لاڳاپا لاهي گنجي ۾ پير پروڙي ڪڻ ڇو جو گنجي ۾ (جبل) اهنج گهڻا آهن، پر لاهوتي فقير انهن تي پوري طرح اطميان سان غالب پئجو وڃن.

پيو جن پَرو گنجي ڏونگر گام جو
ڇڏي ڪيٽُ ڪَرو، لوڇي لاهوتي ٿيا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

---

گنجو ڏونگر گام، پيھي جن پروڙيو،
ڪري تن تمام، لوچي لاھوتي ٿيا.

مطلب تہ جن ڪي گنجي ٽڪر جي جوءِ جي خبر پئي. ھتي جوءِ جو مطلب تہ خدائي راھہ حاصل ڪرڻ وارا.

ڪھڙي نموني سان دنيا جون سيئي لذتون ۽ عيش آرام ڇڏجي ڪھڙي طريقي سان نفس کي مارجي تڏھن اھي فقيرن (انسان) لاھوتي (امر) بنجي وڃن ٿا.

سونھپَ ۾ سَپَ گھٽا منجھڻ ماڪي ھوءِ
پَرو تنھين پوءِ، جو اجھي پوءِ ان تان

حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جو فرمان آھي تہ خدا وٽ اھي انسان پيارا آھن جن خدا جي وحدانيت کي قبوليو ۽ قالو بلا ۾ وعدو ڪيو ھو تہ بيشڪ تون اسان جو رب آھين ۽ محمد صلي الله عليہ وسلم تنھن جو رسول آھي.

الست بربڪم جڏھن ڪن پيو م،
قالو بلا قرب سين، جڏھن تِتِ چيوم.

حضور اڪرم جن فرمايو تہ مسلمان پاڻ ۾ پائر آھن. عربي کي عجمي تي ۽ گوري کي ڪاري تي ڪابہ فوقيت نصيب نہ آھي.

ھِن دنيا ۾ ابدي زندگي حاصل ڪرڻ لاءِ رات ڏينھن ھڪ خدا جي عبادت ڪجي جنھن سان رب پاڪ راضي ٿئي شاھہ صاحب فرمايو.

ڪتين جي ھارائين ھنڌ تنھنجو ھيءُ
پاٺين چوندءِ پيءُ پيري جام جنت جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ساڳي بيت جي نسبت سان ڪاهوڙي ۾ فرمائين ٿا تہ:

ڪاري رات اچو ڏينهن اي صِفتان نور
جتي پرين حضورُ تِتي رنگ، نہ روپ ڪو.

اڳتي فرمائين ٿا:

ڪاهوڙي ڪرا سوڍي خَبرَ پڪيا،
سوجهي جن ڪيا متي اگڻ آهِرا.

يعني سچا فقير (مؤمن) اهي آهن جن جي پوري پروڙ روحاني اڏام وارن کي آهي ۽ وجي پنهنجو مقام حاصل ڪيو ۽ اتي پنهنجا آکيرا ناهيائون.

اهڙا سچا سالڪ جن کي ٻنهي جهانن جي پرواهہ نہ آهي فقط پنهنجي محبوب جي ملڻ جي ڳڻتي اٿن جنهن لاءِ جهنگلن کي ڏورين ٿا.

جهڙي طرح سسئي جهنگل جهاڳيا، ڪِشالا تڪليفون سٺيون پوءِ وجي پنهنجي پنهل سان ملي. اهڙي طرح سچا سالڪ بہ ائين آهن - فرمايائين:

جهنگل هَليا سي نہ پليا، راهہ هَليا ڦرِجن
اَوَجهڙ سي نہ پوَنِ ٻيئي جنين ڇڏيون

رام ڪلي ۾ فرمايائين ٿا تہ:

ڪيهي ڪام ڪاپڙي، ٿا اَهڙي رَوَشِ رَوَنِ؟
نڪا دِلِ دوزَخَ ڏي، نڪي بهشت گهُرِن
نڪو ڪَمُ ڪُفارُسِن، نڪا مسلماني مَنِ
اُيا ائين چَونِ تہ برين ڪجو پانهنجو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاهه صاحب تصور ۾ چئن مرحلن يعني شريعت، طريقيت، معرفت ۽ حقيقت کي هڪ سپني سالڪ فقير ۽ طالب جدا جدا مرحلن ناسوط، ملڪوط، جبروط ۽ هاٿوط جي حيثيت ۾ پيش ڪيو آهي. معرفت حاصل ڪرڻ لاءِ اٿي لٿي ۽ اَجهي کي مقصد ۽ وسيلو نه بنايو.

نماڻي نوري به ته پٽ جي راڻي ٿي پاڻ کي پڏائڻ پسند نه ڪيو. سسئي ويچاري پنهور جو عيش ۽ آرام ڇڏي هاڙهي پٻ ۽ هالار جي هوڏ ۾ هَٺَ سان منهن ڏنو هيو. اهڙي طرح لطيف رحه جي جوڳين فقيرن جي اڳيان مادي اسباب ۽ دنيائي لذتون ڪا حيثيت نٿا رکن هو ڪِبُر ۽ شاهي شان شوڪت کان بالاتر ٿي معرفت ماڻڻ ڏاڍي ڏونگر جي پر واري پنڌ کي پسند ڪري ٿو.

شاهه صاحب جي نظر ۾ زندگي هڪ امانت آهي جنهن کي رب تعاليٰ مختصر وقت ڏنو آهي. انسان جي رهنمائي ۽ هدايت لاءِ، شاهه صاحب سسئي جو هڪ ننڍو مثال ڏنو آهي ته سسئيءَ هڪ عظيم شيءِ آهي جنهن تان بادشاهي قربان ڪري سگهجي ٿي. ڇاڪاڻ ته سسئي سڄي جهان جا ڪپڙا سبي ڪروڙين انسانن جي اوگهڙ کي ڍڪي ٿي، جنهن تي سڄي دنيا جي شرافت، پاڪ دامني تي پڙدو وجهي ٿي مطلب ته انسان پاڻ کي تڪليفون ڏئي ٻئي کي سُک جي راهه ڏيکاري جيڪا راهه هي آهي ته عمل پيهم جو سبق يا نياز نوڙت جي نينڍ هجي، محبت جي مهر هجي، تصوف جي ترز هجي رندي رمز هجي، جيڪي چار گهڙيون انسان کي گهارڻ لاءِ مليون آهن تن ۾ ڪيس اڳانڊو به ڪرڻو آهي ۽ آرام کي به ترڪ ڪرڻو آهي ورنه وقت ويندو هليو ۽ چپاتا چڙهي ويندا پوءِ افسوس ۾ هٿ مهٽڻ کان سواءِ چارو نه رهندو.

ستا اٿي جاڳُ ننڊ نه ڪجي ايتري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سلطاني سهاڳ نندڻ ڪندي نه ملي.

ڪاموڙي ۾ فرمايائين ته:

ڏيهه ڏيهائي ناهه، جتي پير نه پکيان
تِتي ڪاموڙيان وَرَ ڏيئي وَڻَ چوندِيا.

هي ديس جهاني نه آهي جتي پکين جي پير جو نشان نظر نٿو اچي پر اتي سچن سالڪن تڪليفون ۽ بکون ڪاٽي ڳولي قولهي هن دنيا کي فاني ڇڏي وڃي محبوب جو رستو ڳولي لڌو.

شاهه صاحب اهو به ظاهر ڪيو آهي ته انسان ڪو فطري گنهگار نه آهي بلڪ فطراً معصوم ۽ گناهه کان پاڪ آهي. مؤمن دنيا جي گندي ماحول ۾ اچي پنهنجي اصليت وساري ڇڏي ٿو. جنهن تي هن سُرَ ۾ فرمايائين ته:

آئون تن ڏوتين جو پُڄان پيرُ پَهي!
رُڄَنِ رات رَهي ڏونگر جنين ڏورِيا.

شاهه صاحب اها نصيحت فرمائي ٿو ته انسان کي گهرجي ته هو هر حالت ۾ پنهنجي اصل حالت نه وساري، گندي ماحول کان پنهنجو دامن پاڪ رکندو اچي متان پنهنجي حقيقي معبود ۽ مالڪ جي اڳيان شرمندو نه ٿيڻو پوي ڇو جو هي دنيا فاني آهي تڏهن به بي معنيٰ نه آهي.

هي دنيا آخرت جي کيتي آهي پر اهو ڪي ڪجي جو جيڪي ايندڙ حياتي ۾ ڪم اچي.

آخر ۾ آءٌ هن سُر جي نسبت سان اها ڳالهه واضح ڪندس ته شاهه صاحب انسان جي روحاني زندگي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻڌائي ٿو ته:

١ـ محنت جفاڪشي ڪرڻ کپي.

۲ـ دنيا وارن کان پاسو ڪري.

۳ـ هَٺَ وڏائي نہ ڪري.

۴ـ نياز ۾ نوڙت سان هلي.

۵ـ الله مان آسرو نہ لاهي.

۶ـ شريعت جو پابند رهي.

۷ـ ذات پات ڪي فوقيت نہ ڏي.

۸ـ پنهنجو اجايو وقت نہ وڃائي.

ڪاهوڙين بہ جبل جهاڳيا. اڙهانگا رستا ورتا، نہ بک جي اون نہ پاڻ جو فڪر نہ دنيا جو فڪر ۾ نفسا نفسي واري واٽ ۾ مشغول آهن. خدا جي اهڙن عاشقن جو بيان هن طرح ڏنو آهي.

نہ ڪتينِ نہ تنبينِ، نہ ڪدِنِ ڪورين جي ڪاڻ،
جن جي رب سان رهاڻ، تن ڪي الڪو نہ اوگهڙ جو.

اهڙي طرح ٻين سرن ۾ بہ اها واٽ ڏني آهي تہ الله پاڪ ۾ هر اميد رکڻ گهرجي تہ پنهنجي منزل مقصود تي پهچي وڃي.

الله جئن نالوءِ، تيئن مون وڏو آسرو،
خالق! تنهنجي ڪاند جو، پرو پاند نَہ ڪوءِ،
نالو رب سندوءِ رهيو آهِرِ روح ۾.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# حوالا

۱. نئين زندگي جنوري سال ۱۹۷۸ ياد شاھ عبداللطيف رحه.

۲. نئين زندگي نومبر سال ۱۹۸۳ ياد شاھ عبداللطيف رحه.

۳. اخبار تعليم جولاءِ، آگسٽ ۱۹۸۹ بيورو آف ڪريڪيوليم.

۴. لطف اللطيف مولانا دين محمد وفائي.

۵. شاھ جو رسالو ۱۹۷٦ ڪلياڻ آڏواڻي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نصرت حسين ابڙو

# سُر ڪاموڏي ۽ شاهه جي منزل

سنڌ جي هر هڪ ماڻهوءَ کي حضرت شاهه عبدالطيف ڀٽائي سان عقيدت ۽ محبت آهي. ان لاءِ تہ شاهه ڀٽائي انسانيت جو شاعر آهي، شاهه لطيف اسانجو رهبر آهي ۽ پنهنجي ڪلام جي ذريعي اسانجي زندگي جي هر عنوان جي رهنمائي ڪري ٿو.

شاهه جو رسالو علم جو ڀنڊار ۽ اڻ کوٽ خزانو آهي جنهن ۾ ڏک سک، موت ملاقات، عزت عظمت، غيرت عصمت، محنت، لڳن پنهنجن سان پيار، وطن سان محبت، قرباني ۽ قناعت مطلب تہ زندگي جي هر عنوان جو ذڪر ملي ٿو.

دل کي ڪو مونجهارو ٿئي يا ڪو ڏکيو وقت اچي تہ ان وقت حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي مان ڪا رهنمائي وٺجي تہ شاهه جي رسالي مان اهڙو شعر نڪري ايندو جيڪو اسانجي لاءِ رهنما شڪر هوندو ۽ اسانجي مونجهاري جي لاءِ دڳ ۽ پيچرو ڏيکاريندو. پر ان کان اڳ ۾ اهو ضروري اهي تہ شاهه جي ڪلام سان سچي عقيدت ۽ محبت هجي ۽ دل ۾ پورو پورو احترام هجي تہ پوءِ شاهه بہ عظيم آ تہ شاهه جو ڪلام بہ عظيم آهي.

شاهه پنهنجي رسالي کي مختلف موضوعن سان نوازيو آهي ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خاص طرح سان شاهه جون سورميون شاهه جي ڪلام جو سينگار آهن ۽ هرهڪ سورميءَ ۾ جدا جدا ڏک، هدايت ۽ عمل جو درس ملي ٿو.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي انهن ماڻهن مان نہ آهي يا انهن شاعرن مان نہ آهي جيڪي هڪ جڳهہ تي ويهي شعر لکن يا شعر ٺاهين پر شاهه جي نظر ۾ هڪ دنيا آهي "اندر جي دنيا" جنهن ۾ ليئو پائي وڏو جهان نظر ٿو اچي ۽ ٻي آهي اها دنيا جيڪا "خلقڻهار جي ڪائنات آهي"- جيڪا وسيع ڪائنات آهي، اڻ کٽ ڪائنات آهي.

شاهه ڀٽائي مشاهدي ۽ عملي زندگيءَ جو ماڻهو آهي جيڪو گهر کان نڪري ڪائنات جي سين نظارن کي ڏسڻ ٿو چاهي، هو پيرين پيادو هلي جهر جهنگ جهاڳي ٿو. جبلن ۽ پهاڙن جا پيچرا لتاڙي ٿو. تيرٿ ۽ ٽڪين جو سير ڪري ٿو. اڃ ۽ بک جو مزو ماڻي ٿو. من کي مارڻ ۽ تن کي تسيا ڏي ٿو. هو اتر ۽ گهمي ٿو تہ لاڙ بہ گهمي ٿو تہ لاهوت لا مڪان بہ ڏسي ٿو. حقيقي منزل جي تلاش ۾ ڏونگر بہ ڏاري ٿو، سڪن کي پاسيرو ڪري ڏکن کي ساڻ کڻي ٿو.

شاهه جو سُر ڪاهوڙي بہ شاهه جي عملي زندگي جو هڪ رڪارڊ ۽ هڪ جائزو آهي، جنهن ۾ لاهوتي ٻڻجي حقيقت جي تلاش ۾ انسان اڳتي وڌي ٿو ۽ وڌندو رهي ٿي. سسئي بہ پنهل جي لاءِ ڪاهوڙي ٻڻجي نڪتي هئي. پوءِ سندس جستجو رنگ لاتو ۽ ان کي پروردگار پنهل پرچائي ڏنو.

سسئي هڪ انسان هئي، هڪ فرد هئي ۽ اڪيلي سر نڪتي هئي تہ ان کي منزل ملي پر ڪاهوڙي ۾ اجتماعيت جو تصور آهي. هڪ طبقو يا جماعت آهي. انهن جي پنهنجي هڪ جستجو هڪ منزل آهي. ان ڪري شاهه جي ٻين سرن مان سر ڪاهوڙي هڪ منفرد سر آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاهه جي هن سر مطابق ڪاموڙي اهي جنگ جوان آهن، محنت ڪشش ۽ سخت جوان آهن. اهڙن گسن تي پيچرن تي بنا خوف خطري جي هلن ٿا جتي ڪو به نٿو وڃي. هو هلندا هلن ٿا پر غافل نہ آهن. هو هوشيار ۽ خبردار آهن. انهن کي خبر آهي تہ جيڪڏهن سمهي رهيا يا ڪا غفلت ڪئي تہ ڪين ڏونگرن وٽان ڪابہ سوکڙي ڪانہ ملندي. سندن منزل اڃا اڳيري رهي ٿي. هي اتي پهچن ٿا جتي پکي جو پير بہ نٿو پوي. ڪاموڙي جڏهن پنهنجي منزل لاءِ نڪرن ٿا تہ هو صبح سوير ئي سندرا ساڻ کڻي ٻڌن ٿا. هو آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ جبلن تي پنهنجا پير گهمائن ٿا. هو جستجو ۽ ڪاوش ۾ پاڻ کي خاڪ ڪري ڇڏين ٿا ۽ پنهنجي جيءَ ۽ جسي کي ڏاکڙن ۾ وجهي ڪري پهاڙ جي ان منزل تي پهچن ٿا، جيڪا انهن جي دل جي مراد آهي. جيئن شاهه لطيف فرمايو تہ:

ڏوريندي ۾ ڏونگرين، ڪَيائون پاڻُ پَٽي
ڏُکن ڏِيلُ هَٽي، ڇيهُ لَڌائون ڇپرين.

ڪاموڙي پنهنجي عقيدي ۽ محبت ۾ جبل جيترو سخت عزم رکن ٿا. هو پاڻ پيرين پيادو اڳتي وڌن ٿا. هو پنهنجي سهوليت ۽ آسائش جي خاطر ڪو بہ جانور يا سواري پاڻ سان نٿا کڻن. انهن جي مطابق تہ اهڙي سواري سندن منزل ۾ رڪاوٽ ثابت ٿيندي. تنهن ڪري پنڌ ئي پنڌ ڏورانهين منزل ڏانهن ٿا وڃن. ڪاموڙي ڪنهن خاص ذات ۾ ڳولا ۾ اڳتي هلندا هلن ٿا. رڻ لتاڙن ٿا، جبل جهاڳن ٿا. اهڙن ڪاموڙين جي لاءِ ۽ انهن جي نشاني ٻڌائڻ جي لاءِ شاهه لطيف فرمايو تہ:

ڪاموڙين اُهڃاڻَ، اَنگ تہ سَڄي اَڪِڙي

ظاهر آهي تہ ڪاموڙي پنهنجي جسم کي تڪليف ڏئي پهاڙن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مان پيچرا ڪيڏي بک ڏک تي اڪتي وڌندا وڃن ٿا. هو هڪ ٽولو آهي، هو هڪ منزل کي سامهون رکي هڪ ئي قطار ۾ قدم قدم سان ملائي اڳتي هلن ٿا. سيني جي دلين ۾ ساڳي اڻ تڻ، محبت، جذبو ۽ محنت لڪل آهي. آهن تہ ظاهر ۾ انسان پر جبلن سان مقابلو ڪرڻ ڪري انهن جون نشانيون ۽ مهانڊا ٻين انسانن جي مقابلي ۾ الڳ آهن. ڪاهوڙين جا مهانڊا سڪل آهن. پيرن ۾ پراڻا ڪلتر پيا اٿن. هو اها منزل لهي آيا جتي سونها رهبر بہ منجهيو پون. هي ڳجها فقير انهيءَ ڪان بہ ڏورانهين منزل جون ڳجهيون وارتائون پيا ڪن. جيئن شهنشاهہ لطيف لکيو تہ:

سُڪا مُنهن سَندِنِ، پيرين پُراڻا ڪيٽڙا
ساجُوءِ ڏوري آئِيا، سونهان جِتِ مُنجهَن
ڳجها ڳجهيون ڪَنِ، تِهان پَراهين پَنڌَ جون

شاهہ ڀٽائي حضرت انسان سان مخاطب ٿي فرمائي ٿو تہ جي تون منزل ماڻڻ چاهين ٿو تہ پاڻ کي قربان ڪرڻ جي سگهہ ڏار ۽ اڪيلو منزل ماڻڻ لاءِ نہ نڪر پر انهن ڪاهوڙين جي اڳڻ تي وڃ. انهن جي صحبت ۽ محبت ۾ شريڪ ٿيءُ. انهن جيڪي پنهنجي تن کي تسيا ڏنا آهن ۽ هنن لوڪ کان پاڻ لڪائي پنهنجي جسم ۾ برهہ جي باهہ مچائي آهي. اهي منزل جا پڪا آهن. ڏوٿي ڏوٿين ڪنهن جهوريءَ کان سُمهي آرام نہ ڪيو. ڪاهوڙي پنهنجي عقيدي جا پڪا آهن. هو ان منزل جي تلاش ۾ آهن. جيڪا نہ ڪنهن ڊٺي نہ ڏٺي. هو پهاڙن سان پنهنجو پاسو اٽڪائي ويهن ٿا يا پهاڙن جي مٿان ليٽي پون ٿا. پهاڙن جي سختي انهن جي منزل کي لوڏي نٿي سگهي.

سسئي جيتوڻيڪ پنهنجي منزل ماڻڻ جي لاءِ اڪيلي نڪتي هئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پر سندس عزم ۽ منزل جي تلاش ڪنهن به طرح سان ڪاهوڙين ڪان گهٽ نه آهي. هو پنهنجي محبت ۾ ايتري ته پڪي ۽ پختي آهي جو ان جي سڪ ۽ قرب کي جبل شڪست ڏيئي نٿو سگهي. ڪاهوڙي ته پاڻ ۾ ٽولو يا جماعت ناهي اڳتي وڌن ٿا پر سسئي پنهنجي سرتين سان اڳواٽ ئي معاملو صفا ٿي ڪري. جيئن شاهه لطيف فرمايو ته:

سرتيون سيجي سڄ، متان ڪا مونسان هلي
پاٽي ناهي پنڌ گهٽو، اڳيان راڻو رڃ
متان مري اڄ، ڪا ڏي پاراتو پرين کي.

سسئي جي لاءِ جبل ۽ پهڻ ڪابه حيثيت نٿا رکن پر انهن سان جيڪا پنهنجائپ ۽ قرب ٻڌائي ٿي اها هن طرح آهي.

ڇپون ڇپر ڪٽ، پهڻ پٽراٽيون پانئيان
جتي رهان راتڙي، مِرون منهنجا مٽ
سيڻن جيءَ سهٽ، ڏونگر مون ڏولي ٿيو.

جناب شمشيرالحيدري شاهه جي بيت جي شرح جي حوالي سان سر ڪاهوڙي جي هڪ بيت جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته ڪاهوڙين جي ڪا منزل يا مڪان ڪانهي. شاهه صاحب جو تصور ڪائنات ۾ انسان ذات جي ارتقائي سفر جو تصور آهي. جنهن مان روحاني، جسماني ۽ ذهني طرح اڳتي وڌيل طبقي جي همت ۽ حوصلي، محنت ۽ ڪشالي، سجاڳي ۽ اڻ ڏنل راهن ڏانهن پيش قدمن جون صفتون سمايل آهن.

ڏيهہُ ڏيهائي ناهِہ، جتي پيرُ نہ پکيان
تِتي ڪاهوڙِيان، وَرَ ڏيئ وَڻَ چوندِيا

جيڪو ڏيهيان ملڪ عام ڏيهيان ملڪ جهڙو ڪونهي. جتي جي ڏرتي ان جو ماحول هن ڌرتي يا ماحول جهڙو ڪونهي، جتي انسان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ گهوريو پکي جو پاڇو بہ ڪونهي، اتي ڪاهوڙي جي پهچ آهي جيڪو بار بار نت نوان ثمر سهيڙيندو رهي ٿو.

اهو ڪهڙو ڏيهہ آهي، اهي ڪهڙي ڌرتي آهي جتي ڪاهوڙي جو وجود پهچي ٿو ۽ اهي ڪهڙا ثمردار وڻ آهن جيڪي ڪاهوڙي ور ڏيئي چونڊي ٿو. ڪائنات جي سفر ۾ انسان ذات جي ايندڙ زمانن ۾ جيڪي بہ اڻ ڏٺيون ڌريون ۽ انهن جا نواڻ نظارا سامهون اچڻا آهن تن کي اسين شاهہ صاحب جي فڪري دائري ۾ آڻي سگهون ٿا.

ڪاهوڙي جو اهو ڪائنات تي تصور شاهہ صاحب جي شاعري کي آفاقي عظمت بخشي ٿو جنهن سان نئين نسل کي نون جهانن جو لامڪاني شعور حاصل ٿئي ٿو.

محمد حسين ڪاشف

# ڪاهوڙبن خفي سان

انسان جي شعور ۽ لاشعور جي تاريخ ايترو پراڻي آهي، جيترو خود حضرت انسان جو وجود. پنهنجي تاريخ جي لاشعوري دور مان گذرندي اوهام پرستي جي تند ۽ تلخ تجربن ۾ مشاهدي جي عمل ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ رد عمل تي سوچ جي ڏات ڪيس شعور جي مقام تي پهچايو ۽ هن پنهنجي حياتي جي ضابطي لاءِ مختلف دورن ۾ مختلف مذهبي تصورن کي وجود ڏنو. تاريخ ۾ مذهب جو تصور انسان جي عقلي ۽ فڪري ترقي جو غماز آهي. واهمه مان ڇوٽڪاري لاءِ انهيءَ ڪان سواءِ ٻي ڪا به راهه ۽ واهه ڪانه هئي ته هو پنهنجي انهن منتشر ۽ بي لگام خيالن، جذبن ۽ ذهن جي روين کي هڪ اهڙي فارم ۾ آڻي جيئن، هن جي طبعي زندگي ۾ ربط ۽ خيال ۾ يڪ سوئي پيدا ٿئي. انساني تاريخ ۾ اهو عمل ڪو هڪدم ۽ سولو نه آيو آهي. پر حضرت انسان ان لاءِ ڏاڍا پاپڙا پِٽيا آهن. ان جو سهرو انهن برگزيده ۽ صالح انسانن تي آهي، جن ان دور جي ماڻهن جي مزاج ۽ تصورات کي احساس ۾ آڻي نهايت ئي غور و فڪر جي منزل تي پهچي هنن لاءِ راهه عمل پيدا ڪئي اهو هنن نيڪ انسانن جو انسان ذات تي وڏو احسان رهيو آهي. انسان پنهنجي اخلاقي، ذهني ۽ تمدني جياپي لاءِ اڄ تائين جيڪي به تصور يا نظريا يا آئيڊيالوجيز پيدا ڪيون آهن. انهن ۾ ”تصوف“ به هن جو

هڪ تصور ۽ رويہ رهيو آهي. جنهن انهن آئيڊيالوجيز سان گڏوگڏ ترقي ڪئي آهي. تاريخ ۾ اسان کي قديم دور کان ان جو پتو پوي ٿو. دنيا جي هر مذهبي فڪر جي دور ۾ ان جو عڪس عيان آهي. ڪٿي هو يوناني تصوف سان منسوب آهي. ڪٿي ويدانت جي نالي سان مشهور آهي، تہ ڪٿي عيسائي رهبانيت جي صورت ۾ آهي تہ ڪٿي ايراني تصوف جي پيرهن ۾ ڪٿي اسلامي تصوف جي نالي سان عيان آهي. بهرحال ”تصوف“، ”تصوف“ آهي پوءِ اهو تاريخ جي ڪهڙي ئي دور ۾ ڇو نہ هجي.

تاريخ ۾ مختلف دورن ۾ آيل منهنجي فلاسافي، اصولن ۽ آئيڊيالوجي جو جڏهن مطالعو ڪجي ٿو تہ ڪيترائي قدر سڀني مذهبن ۾ هڪ جهڙا نظر اچن ٿا. جيڪي مذهبن جي وحدت فڪر ڏانهن رهنمائي ڪن ٿا. مولانا ”عبيدالله سنڌي“ انهن قدرن جي فڪر يگانگت کي ”وحدت اديان“ جو نالو ڏين ٿا. اهڙي ساڳي ريت تصوف جي تاريخ جو اڀياس اهو واضح ڪري ٿو تہ مي فڪر جدا، جدا دورن ۾ هڪ جي صورت سان پنهنجي جملي خاصيتن رمز شناساين جي باوجود هڪ تسلسل رکي ٿو، جنهن جي جامع صورت اسان کي اسلامي تصوف ۾ ملي ٿي.

لطيف رحہ تصوف جي فڪري تاريخ جو هڪ اهڙو بي بها هيرو ۽ گوهر شناس آهي جنهن تصوف جي انهن باريڪ نڪتن کي جيتوڻيڪ ڪنهن منطقي ۽ فلسفيانہ انداز ۾ بيان نہ ڪيو آهي. پر بجاءِ ان جي هن تصوف جي ڳوڙهن خيالن، ان جي مقامات، مشاهدات، روحاني ڪيفيات، قلبي واردات کي، واقعاتي ڪردارن وسيلي ٻوليءَ جي نهايت سهڻي صورتگري سان پنهنجي شعر ۾ بهتر کان بهتر انداز ۾ پيش ڪيو آهي، اهو هن شخص جي ذات جي، سماجي مطالعي ۽ بصيرت جو عمل آهي،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو هن انهن رازن ۽ رمزن کي نهايت سهاجهائي ۽ سيتلت سان اهڙي تہ دلنشين ۽ لطيف پيرايہ ۾ بيان ڪيو آهي. جو انسان جي روح کي ڇڪيو وٺي ۽ جهوڙيو ڏيو وجهي. ۽ روح رڙيون ڪريو اٿي تہ

" آئون نہ جيئندي ان رِيءَ"

لطيف رحہ جي ڪلام توڙي احساس جي اها جمالي ڪيفيت آهي جنهن ۾ سپنڌ ۽ ساءُ، دارفتگي ۽ پاڻ ارپڻ جي ڪيفيت آهي. مون هيڏي ساري تمهيد "سُر ڪاهوڙي"جي سلسلي ۾ انهيءَ ڪري ٻڌي آهي تہ اسان هن وقت تائين لطيف رحہ کي صرف هڪ شاعر جي حيثيت سان بيان ڪندا آيا آهيون ۽ اسان جو سڄو زور قلم هن جي شاعرانہ خوبين، ٻوليءَ تي سرن، مهارت، واقعات ۽ انهن جي سماجي تناظر سان گڏوگڏ هن کي صوفيانہ خيال جو خدشہ چيو، مخدوم معين الدين ٺٽوي جو محبتي ۽ وحدت الوجود جا خيال رکندڙ وغيره سان بيان ڪندا آيا آهيون. ليڪن ڪنهن بہ ڏاهي ۽ ليکڪ اهو نہ چيو آهي تہ لطيف رحہ هڪ " صاحب حال صوفي هو جنهن وٽ تصوف جي مشاهدات ۽ ان جي مقامات ۽ عرفان جي ڪيفيت جو ڀرپور اظهار آهي." اسان جي ڪن صاحبن تہ لطيف کي شاعر جي عيوض ماڳهين وچي سگهڙ جي منزل تي بيهاريو ۽ ڪن تہ لطيف رحہ جي ڪلام جا ٻانڪائي ڪيڏي ڇڏيا. بهرحال هي هڪ وڏو بحث آهي تہ لطيف اسان کي ڇا ڏنو ۽ اسان هن سان ڇا ڪيو؟ سنڌي ادب ۽ فڪر جي تاريخ ۾ صوفيانہ نقطئہ نظر سان لطيف جو ڪيڏو ۽ ڪهڙو مقام آهي ان لاءِ اڄ تائين اسان وٽ ڪنهن بہ سلسلي سان ڪم نہ ٿيو آهي. ٻيو تہ ٺهيو پر رسالي جي شرح کي بہ هڪ اهڙي پيرايہ ۾ بيان ڪيو ويو آهي. جيڪا گربخشاڻي جي شرح کان ڪو وڏو قدم اڳتي نہ آهي ۽ لطيف رحہ جي صوفيانہ فڪر ۽ مقام جي مقابلي ۾ ڪا خاص اهميت نٿي رکي. ڊاڪٽر گربخشاڻي يا ٻين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صاحبن لطيف جي ڪلام ۽ فڪر جي سلسلي ۾ جيڪا به گوهر افشاني ڪئي آهي. اها سندن نقطئہ نظر کان تہ صحيح چئي سگهجي ٿي. پر تصوف جي نظريہ ۽ فڪر جي روشني ۾ ان جي ڪا ايڏي وڏي علمي ۽ فلسفيانہ حيثيت نہ آهي، جو ان کي مثالي چئي سگهجي. ڪاش علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ مرحوم گرامي صاحب جن حيات هجن ها تہ شايد ايئن مورهين نہ ٿئي ها. هڻڻ تہ ايئن گهربو هو تہ لطيف جي ڪلام کي جتي هو سُر وار آهي. اتي ان کي علمي ۽ فڪري تحقيق جي روشني ۾ مختلف طريقن سان پيش ڪرڻ جي، ادارن کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ها. اهو عمل ڪو معبود نہ آهي. پر اهڙي قسم جو عمل تحقيق جي ميدان ۾ وسعت پيدا ڪندو تہ ٻئي طرف فڪري طور اسان کي گهڻو ڪجهہ پلئہ پوندو مثلاً:

(الف): لطيف جي ڪلام ۾ تاريخي واقعن جو پس منظر ۽ انهن جي اظهاري ڪندڙ ڪلام

(ب): سنڌجي ماڳن، مڪانن، نڪاڻن ۽ واقعن کي ظاهر ڪرڻ وارو ڪلام ۽ ان جا رويہ

(ت): لطيف وٽ جماليّاتي عنصر رکندڙ ڪلام، ان جون خوبيون، ان جو فلسفو ۽ لطيف وٽ حسن ۽ عشق جو تصور

(ث): لطيف وٽ سماجي معروضات سان ٺهڪندڙ ۽ انهن کي انقلابي صورت سان وٺي وڃڻ وارو ڪلام

(ج): لطيف وٽ تصوف، ان جي تعليم، ان جا مقامات ۽ مشاهدي جا عنصر لکندڙ ڪلام.

(د): لطيف سنڌي ٻولي جو ٻنڌار ان ۾ مختلف لهجا لفظ انهن جون معنائون وغيره.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(و): لطيف تي پشورو شاعرن جو اثر ۽ لطيف جو بعد جي شاعرن تي فني ۽ فڪري اثر وغيره.

انهيءَ نقطئہ نظر سان جيڪڏهن لطيف جي ڪلام تي ڪم ڪيو وڃي ها تہ آئون ڀانيان ٿو تہ اسان لطيف کي فڪري ۽ معنوي طور تي تمام اڳتي وٺي ويون ها. ادب جي تاريخ ۾ هن مهان شاعر کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ملي ها. ۽ اسان جي نئين ٽهي کي "تصوف" جي فڪر کي سمجهڻ ۾ ڪا ڏکيائي ڪانہ ٿئي ها. پر افسوس جو ايئن نہ ٿيو آهي، بهرحال نہ هئڻ جي صورت ۾ منتشر يا منضبط طور اڄ تائين جو ڪجهہ ٿيو آهي اهو غنيمت آهي.

سرڪار لطيف جو "سُر ڪاهوڙي" اصل ۾ سُر رامڪلي کان فڪري طور تي مقدم آهي. سُر رامڪلي جي مزاج کي تڏهين سمجهي سگهبو جڏهين ڪاهوڙي جي "خفي" جي پروڙ هوندي. ٻنهين سُرن ۾ هڪ قسم جو فڪري ڳانڍاپو آهي. سُر رامڪلي، ڪاهوڙي کان ٻہ قدم اڳتي آهي. لطيف رحہ سُر ڪاهوڙي ۾ "مقام لاهوت" جي ماڻڻ ۽ ان جي ڪيفيت ۽ ڪميت کي بيان ڪيو آهي. ۽ رامڪلي ۾ هن ڪان ڪي قدم اڳتي انهيءَ راز جي راز افشائي ڪئي آهي. لطيف رحہ ان مقام حاصل ڪرڻ وارن کي "لاهوتي" جي لقب سان نوازيو آهي. سُر ڪاهوڙي ۾ داستان پهرين جي ٻئي ۽ ٽئين بيت لاءِ اها مصدقہ راءِ آهي تہ اهي بيت مخدوم محمد زمان لنواري واري جن لاءِ چيل آهن. جن سان ملاقات لاءِ پاڻ لنواري ڪهي ويا ۽ مخدوم محمد زمان جن سان ملاقات ڪيائون ۽ سندن روحاني منزل ۽ صوفيانہ مقام جو متن القاء ٿيو. ان مشاهدي بعد اهي بيت چيائون، جيڪو مخدوم صاحب جن جي روحاني منزل جي وڏي پذرائي ۽ پذيرائي ڪندڙ آهن. جنهن لاءِ لطيف جهڙو صاحب حال صوفي ايئن فرمائي ٿو:

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”مون سي ڏٺا ماءِ، جيئن ڏٺو پرين کي،
تنين سندي ڪاءِ، ڪڏي سگھان نہ ڳالھڙي.

لطيف رحہ پنھنجي چوائي ۾ مخدوم صاحب جي جلوه حق کي ماڻڻ واري مقام جو اظھار فرمايو آھي ۽ انھيءَ عالم نھايت جي پاليدگي ۽ سرور جيڪو مخدوم صاحب جن کي ميسر آيو. ان جي کھڙي ڳالھہ ڪجي. ان جو بيان ڪيو آھي. سُر ڪاھوڙي جي بيتن جي اڀياس مان ھيٺيون ڳالھيون ظاھر ٿين ٿيون.

۱ـمقام خفي.

۲ـلامڪان.

۳ـ ھُوَ ۾ گڏجي ھُوَ ٿيڻ.

۴ـسڀ پاسي سبحان جو نظر اچڻ.

۵ـ گنجي ڏونگر گام جو ذڪر (گج مخفي جي صورت ۾)

٦ـاويسي طريقو.

۷ـصفتان نور.

جيئن ھن بيت ۾ اسان کي واضح نظر اچي ٿو جنھن کي سُر ڪاھوڙي جو تت چئجي تہ بجا آھي.

ڪاھوڙين ”خفي“ سان سوجھي لڌو ”سبحان“
عاشق اھڙين اڪرين، لنگھيا ”لامڪان“
ھُوَ گڏجي ھُوَ ٿيا، بابو سي بريان،
سيوئي سبحان آيو نظر ان جي،

خفي: دل ۾ ڳجھي طور لڪل

هن بيت ۾ "خفي" جو لفظ ٻن صورتن ۾ بيان ٿيل آهي. ١ـ ذڪر جي صورت ۾، ٢ـ مقام خفي يا گنج مخفي يا هويت مطلقه جي صورت ۾.

صوفين وٽ ذڪر جا اڪثر ٻه مشهور طريقا آهن.

الف:ـ جلي.

ب:ـ خفي.

فڪر جلي ۾ زبان سان ڏاڍيان اسلم الاهي جو ورد ڪيو ويندو آهي. ٻيو طريقو آهي ذڪر خفي جو هن ۾ اسم انهيءَ زبان سان چيو ويندو آهي. پر آواز نه ڪڍيو ويندو آهي. هن ذڪر جون وري ٻه صورتون آهن. ٻهرين زبان سان بنا آواز جي ذڪر ٻيو ساه جي اشارت سان اسم الاهي اورڻ ۽ قلب ۾ توجه سان ان ڪي سمائڻ لطيف ان لاءِ ئي فرمايو ته :

"چرخو ايئن چور جيئن پونء پٽڪو نه ٿئي."

جامع سنڌي لغات ۾ "ڪاهوڙي" لفظ جي معنيٰ هن ريت ڄاڻايل آهي.

ڪاهوڙي: ڦيٽائي، منتر باز، منتري، منڊ رکندڙ. (نانگ جي چڪ تي) جهاڙ رکندڙ، جهاڙائي، ماندو، ڏٽ تي گذران ڪندڙ. ڏٽ ڏوريندڙ. جبلن تي ڏٽ ڳوليندڙ، ڏوٽي (هڪڙا ڪيتي وارا ـ ٻيا مال وارا، ٽيان ڪاهوڙي چوتان بکياري) محنتي اورچ.

هت لفظ ڪاهوڙي ڪي ڏٽ ڳوليندڙ. محنتي ۽ اورچ جي حيثيت ۾ ورتو ويو آهي. معنيٰ ڳولائو. جاڪوڙي، پنهنجي مقصد جي حاصلات لاءِ اورچ تي لڳندڙ. لطيف رحه انهيءَ لفظ ڪي روحانيت جي ثمر تلاش

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪرڻ وارن درويشن ۽ فقيرن يا صوفين لاءِ استعمال ڪيو آهي. جيڪو انسان ۾ موجود هوندي به هو ان کان پري آهي. مادي ۽ جسماني طمانيت ۾ گم آهي. روحانيت جي انهيءَ ثمر کي ذات جي مام ۾ بيان ڪيو آهي. جيئن ذات اڻ لڀ شيءِ ۽ ڏورڻ ۽ ڳولڻ کان سواءِ نٿو ملي، تيئن روحانيت ان جي اسرار ۽ القاء، مشاهدي ۽ معرفت جو حاصل ٿيڻ سواءِ ووڙ ۽ جاکوڙ جي نهايت ڏکيو آهي. انهيءَ ثمر جي سيھڙ ڏانهن، جنهن جي هئڻ سان هي آهي. ان سان ناتي کي نروار ڪرڻ، انهيءَ ڏور کي ڏورڻ لاءِ سواءِ ڪاهوڙين جي ٻيو ڪو تيار نه آهي ۽ نه وري ان ڏانهن ڪنهن جو ڌيان ٿي وڃي ٿو ته هيءَ جو مون سان آهي ۽ ساهه ۾ سمايو پيو آهي. ”پاڻ ۾ پيهي روح رهاڻ ته ڪيان“ ”لطيف رح“ فڪر جي ڏور کي اوڏاهين وٺي وڃڻ ٿو گهري جنهن لاءِ پاڻ ”خفي“ جي خيالن ۾ جهاتي پائڻ ۽ ”خفي“ تي خيما کوڙڻ واري رمز ۽ راز کي معلوم ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهي.

انهيءَ سڄي مام جو مامرو قلب سان ڪڙيل آهي. ”جيڪو نفس ۽ روح جو مقام آهي.“ هتي قلب جي ماهيت جو ڪجهه ذڪر ضروري آهي. ”قلب“ ۾ ٽي اکر آهن، ق، لام ـ باء قلب جو (قاف) قدرت جي قوت ۽ قرار جو مسڪن آهي. (لام) لقاء لب و حول جي جاءِ آهي. (باءِ) بحرمعاني ۽ دُر اسرار آهي. قلب عالم اسماءُ ۾ قادر، جبار ۽ علم جي اشارت آهي. عالم انسان ۾ قلب آئينو آهي، منع حڪمت آهي، منشاءِ عُلوم آهي. محل سر مڪنُوم آهي. ڪنج مخفي جو مجمع معارف ۽ مخزن آهي، هي جواهرن جي کاڻ آهي، جنهن ۾ سپين ۽ موتين جي صفت آهي. هي روح جو محلات آهي. هي نور جو مشعل ۽ مصباح آهي جي فيض جي جاءِ ۽ فائق الاصباح آهي. قلب عليم آهي، حڪيم ۽ سليم آهي عظيم ۽ رحيم آهي. ڪريم ۽ جنات نعيم آهي، نبي، رسول، ولي...

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي تصديق ڪندڙ آهي. هي محقق ۽ مدقق، موفق ۽ مصدق، آهي عارف ۽ سارف آهي. ڪاشف ۽ خارق آهي، حاذق ۽ صادق آهي. ولاحق ۽ موافق آهي. هر اسمي جسمي ۾ شيخ جو قلب مبارڪ حقيقت ۾ بقع نور آهي. هو واديءِ مقدس جو فواد آهي. جڏهين هو ايري ٿو يا روشن ٿئي ٿو تہ ڪليم الله آهي. هي وحدت جي وڻ جو ٻوٽو آهي. ان جو ثمر اِنالله رب العلمين آهي. لطيف رحہ خفي جي انهيءَ خاني يعني قلب جي ان ماهيت جو مذڪور ٿو ڪري، تہ ڪاهوڙين نهايت ڳجهي طور تي ذڪر خفي سان سبحان جي انهيءَ سر مقام ڪي سوجهي وجي لڏو انهيءَ دؤر ۾ ڪهور ۾ هو "لامڪان" ڪان لنگهي، "هُوَ ۾ ڳڏجي هُو" تي ويا هت هُوَ ۽ لامڪان جي وضاحت ضروري آهي.

هن صاحب حال صوفي جو "هُوَ" مان اصل ۾ "هويت" ڏانهن اشارو ۽ اظهار آهي. "هُوَ"، هويت مان مشتق آهي. ۽ اشارو آهي غائب جي طرف. "هويت" مان مراد ڳنج مخفي هويت مطلقہ يا ان جو مرتبو يا حق تعاليٰ جي ذات ڪُنہ مراد آهي. جنهن ۾ اسم و رسم نعت و صفت تائين جو دخل نہ آهي. هي غيب جي انهيءَ مرتبي جو مقام آهي. جت ذات جو شعور محال آهي. صوفياء ڪرام جي اصطلاح ۾ غيب انهيءَ شيءِ جو نالو آهي. جنهن ڪي حق تعاليٰ پنهنجي بندن ڪان پوشيده رکي ٿو. هن جو تمام خاص لاهوت آهي. لطيف رحہ ان جو ذڪر فرمايو آهي جنهن جا لفظ تمام سادا آهن پر حقيقت تمام عميق آهي. جيئن سُر سامونڊي ۾ فرمايو اٿن:

اونهي ۾ عميق جي جڏهين جي ويا،
ساندراي سمونڊ جي نهوڙي نيا،
وڃي تت، پيا، جت نهايت ناه ڪا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهي ڪاهوڙي جيڪي، هُوَ ۾ گڏجي هُوَ ٿي ويا، جيئن پاڻي جو قطرو سمونڊ ۾ سمائجي ويو. تيئن ذات، ذات گنج مخفي يا هويت مطلق ۾ سمائجي وئي. هن جي ڪا به ظاهري خاصيت نه رهي. اهو مقام فنا في الله جو آهي. جتي نه اسم آهي نه جسم آهي، نه لڱ آهي نه لحم آهي. نه غم امروز نه فڪر فردا جنهن به سالڪ ڪي، جنهن به عارف ڪي، جنهن به اهل الله ڪي ان جو پرو پيو ته بقول لطيف جي، ڪيڏ ڪرو يعني اسباب جي علائقن ڪي انهن ونجهن ۽ واسطن ڪي هُنن ترڪ ڪري ڇڏيو، ان جي پرک پوڻ سان سڀ ورق واري ڇڏيائون جيئن فرمايائين ته:

"اکر پڙهه الف جو ٻيا ورق سڀ وسار"

جن ڪي اتان جي پٽي پنبڻين لڳي يا نور حق ڪي ڏٺائون ته نموزيندڙ ننڊ ڪي ڏڪي ڇڏيائون. مشاهدي ۾ محو ٿي ويا. عشق الاهي ۾ الوٽ ٿي ويا. متن ان جو ڪيف چڙهي ويو. انهيءَ نيه وٺي نظاري ۽ محبوبيت واري منظر جي سرڪار لطيف، هيئن وضاحت ٿو فرمائي:

وتن ويني آهيان، ڏِسيو ڪي ڏِسان،
جنهن جهوئي ناه ڪي، سا ڪا سونهن سنديا،
پسيو ڪي، پسان، آئون نه جيئندي ان ريءَ.

انهن ڪاهوڙين ڪي جڏهين تمام مخفي جي خاصي خوشبوءِ آئي ته اُنهيءَ جاندار جُوءِ "لامڪاني" ۾ وڃي مڪين ٿيا. لاحد ۾ وڃي پنهنجي حد ڪيائون. سڀ لباس ڇڏيائون جيڪي التباس جا اولڙو آهن. انهيءَ اسرار جي عالم ۾ دانهن ڪندي چيائون ته:.

"لوچيان ٿي لاحد ۾ هاري لهان نه حد"

هتي ته سيوئي سبحان آهي. ڪيڏانهن ڪري نيتيون "فاينما

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

توالو فثم وجه الله" آهي. انهن ڪاهوڙين ماڳ ۾ مقام تي پنهنجي تن کي تمام ڪري پاڻ ارپي ڇڏيو.

"هُوَ ۾ گڏجي هُوَ تي ويا"

هن صاحب حال صوفي انهيءَ مشاهدي ۾ ماڳ ماڻڻ وارن لاءِ چئي ڏنو ته:-

عاشق اهڙي اڪرين لنگهيا "لامڪان"

"لامڪان" هن ۾ ڪنهن به مڪان يا حد جو تعين نه آهي. لامڪان مان مراد قماءُ آهي. پاڻ ڪريم جن فرمايو ته "نِيِ ڪُماءُ" يعني هو عُماءُ ۾ هو. هي ڳالهه بلڪل ظاهر آهي مڪانيت ذات حق سان وابسته نٿي ٿي سگهي. هو تخليق خلق کان به اڳي مُنزه ۽ پاڪ هو، جيئن هينئر به هو منزه ۽ پاڪ آهي. هي ڳالهه چڱي ريت ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته "لامڪان" ڪنهن مڪان يا حدجو نالو نه آهي. جيئن اڪثر اسان وٽ سمجهيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته ان کي جيڪڏهن حد ۾ تصور ڪبو ته اهو ذات جي تعين ۽ تقيد جو تمام تي پوندو. جڏهين ته ذات حق انهيءَ تقيد ۽ تعين کان پاڪ آهي. "شيخ عبدالڪريم الجليلي" پنهنجي تصنيف "الانسان الڪامل" ۾ فرمائي ٿو ته:-

انالعما هو المحل الاول ـ فلڪ شموس الحسن فيہ افل،
هو لفس نفس اليہ ڪان له بها ـ ڪونہ ولم مخزح فلا يتبدل،
مثل له المثل العليٰ ڪمونه ـ ڪڪمون نار قد حواه الجندل،
مهما بدت نار من الاحجار ـ نهي بحڪمها اوڪمونها لاترحل،
والنارفي الاحجار ڪا منتہ وان ـ ظهرت فهذا الحڪم لايتحل.

"عماءُ اهو پهريون تمام آهي جنهن ۾ آفتاب هاءِ حسن جو فلڪ غروب ٿيو،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هو ذات الاهي جو بطون (ڳجهه يا منجهه) آهي، جنهن سان هن جو وجود آهي،

هو نه انهيءَ عماءَ مان نڪتو آهي ۽ نه وري متبدل ٿيندو آهي. ان لاءِ هڪڙو بلند پايه مثال آهي. جو انهيءَ لاءِ متمثل آهي. "عماء" جو راز انهيءَ باهه جهڙو آهي. جنهن کي پٿر يعني چقمق جي پٿر پنهنجي اندر سمائي رکيو آهي جڏهن باه پٿر مان ظاهر ٿئي ٿي ته اهو ان جو ظهور الاهي باه جو هڪ حڪم آهي ۽ انهيءَ جي ڳجهه ۾ هئڻ جو حڪم اهو آهي ته هو پنهنجي مقام کان ڪوچ نه ٿي ڪري يعني ظهور جي باوجود پوءِ به هو انهيءَ جي اندر ۾ رهي ٿي. "عماء" انا واحد تجلي آهي، جنهن کي حق تعاليٰ پنهنجي ذات لاءِ پسند ڪيو آهي، حق ته اهو ئي آهي ته "عماءَ" يعني لامڪان باعتبار اطلاق في البطون خود "ذات حق" ئي آهي. منهنجي خيال ۾ "هويت" ۽ "لامڪان" ۾ ڪو ايڏو فرق ڪونه آهي. جو انهيءَ کي ڪيفيت ۽ ڪميت جي لحاظ کان الڳ ڪري سگهجي. بقول "ابن العربي" هو ئي اول آهي هو ئي آخر آهي. هو ئي ظاهر آهي ۽ اهو ئي باطن آهي پنهنجي ظهور جي وقت عين ظاهر آهي پنهنجي بطون جي وقت عين باطن آهي. پنهنجي ظهور جي وقت وجود ۾ ان کان سواءِ ٻيو ڏسڻ وارو نه آهي ۽ ڪثرت ۾ جنهن ۾ هو مخفي آهي، ڪو ٻيو نه آهي."

مون ٻهريائين "خفي" جي سلسلي ۾ قلب جو ذڪر ڪيو آهي. هتي اهو واضح ڪندو هلان ته هي اهڙي ڪيفيت آهي. جنهن جو تعلق سڌو سنئون "وجدان" سان آهي.جيڪا عقل ڪامل جي صورت آهي، ان لاءِ ڪو چوي ته هي مقالو مون کي ڏيکار يا طريقت جي تشتيري ۾ .جيڪي رمزون رچيل آهن اهي مادي طور پسجن ته اها سوچيندڙ جي ڀُل آهي. هي انسان جي روح جي رمق آهي. هن جي نفس جي ارتقائي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

احساس ۽ توجھ ذات جي دنيا آھي، جنھن کي صرف عارف جو وجود وجداني طور تي محسوس ڪري سگھي ٿو. ھو ان مھل ان جي توجھ کان قاصر آھي. ھيءَ تہ اسان جي خوش نصيبي آھي. جو ھن "صاحب حال صوفي" پنھنجي ڪيف و جذب جي جھان ۾ اچي انھيءَ راز تان پردو کنيو آھي. ورنہ ھوندو ايئن آھي تہ جنھن بہ عارف کي انشراح قلب ٿيو القاء جي ڪيفيت جو متس نزول ٿيو ۽ "نور محمدي" جو نظارو ڏنائين بس چپ ٿي ويندو. زبان تي لھر لڳي ويندس، انھيءَ عشق ۾ پيو لڇندو ۽ ڦتڪندو نھائين مان پنھنجي ٻاڦ ٻاھر نہ ڪڍندو. ليڪن ڪي ڪي عاشق الله جا اٿلي پوندا آھن ۽ افشاءِ راز ڪڍي وجھندا آھن. ان ۾ سندن ارادي ۽ عقل کي ڪو دخل نہ ھوندو آھي. پر ذات حق پنھنجي اظھار جي ٻاڻ ٿي ٻولي پئي ٻوليندي آھي. اھو بيخودي جو عالم آھي، ان مان ڪي جمالي تہ ڪي جلالي ڪي سڌو سنئون حق جو ھوڪو ڏيو وجھن تہ ڪي وري نياز ۽ نمرتا سان انھيءَ سماءُ کي پيا سلين. اھڙا عارف جمالي جُوءِ جا نوازيل ھوندا آھن. لطيف سائين پڻ جمالي طبقي جي صاحب حال صوفين مان آھي. اھو ئي سبب آھي جو وٽن سڌو سنئون "بايزيد بسطامي" جنيد بغدادي يا حسين بن منصور جيان، اناالحق يا سبحاني مان اعظم الشاني جي پچار نہ آھي. پر ان جي عيوض نھايت سھڻي انداز سان التباس جي اوٽ ۾ حق جو ھوڪو ڏنل آھي.

لطيف رحہ ھن سُر ۾ "اويسي طريقي" جو پڻ ذڪر ڪري ٿو. جيڪو حضرت اويس قرني سان منسوب آھي. ھن طريقي وارن بزرگن کي فيض جي برڪت سڌو سنئون حضور ڪريم صہ جن کان عطا ٿئي ٿي. انھيءَ سلسلي سان فيض يافتہ صوفين کي "اويسي" ڪري ڪوٺيو ويندو آھي. لطيف انھيءَ طريقي کي بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ سالڪ کي ان جي حاصل ڪرڻ جو ڏس ڏئي ٿو ۽ فرمائي ٿو تہ انھيءَ

مقام محمود ماڻڻ لاءِ ٻي ڪنهن وٿ جي ويجهو نہ وڃ

ويجهو وڃ مَ واٽ ڪي، ڪهڄ ڏانهن ڪُواٽ،
اڄهي منجهان آٽ، اويسي ٿي آءُ تون،

---

ڏسي ڏوري ڏونگرين، واٽ وڃائي جن،
ڪُرندان ڪي پروڙيو، رندين سي نہ رڙهن
پٺي دار ديون ڪيِي، پيرت تان نہ پڇن،
ڏوڙ پريان لہءِ ڏار ڪيو، ويچارا وڃهن،
خبر ڪاهوڙين، آهي لِڪَ لاهوت جي.

لطيف سُر ڪاهوڙي ۾ ”ذات حق“ جي تلاش ڪرڻ وارن جي روحاني راز ۽ پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ لاءِ هو جيڪي جتن ڪن ٿا انهيءَ ڪيفيت جو پورو، پورو بيان ڪيو آهي. انهن جي ”ذات حق“ لاءِ ڪيجپ ۽ پاڻ کي لوڪان لڪائڻ، سمهي سُک نہ ماڻڻ عام لاهوت جون اهيڃاڻيون ڏيڻ مطلب تہ روحاني راهہ ۾عاشقن ۽ عارفن تي جيڪا بہ جسماني وارتا ۽ قلبي واردات گذري ٿي، ان جو ذڪر سُر ڪاهوڙي جي بيتن ۾ اسان کي ملي ٿو. انهيءَ قسم جو اظهار ڪتابي علم جي بنياد تي نهايت ئي ناممڪن آهي. ڪو پاڻ کي ڪيترو ۽ ڪيڏو بہ ڪويسر چوائي پر روحاني راهہ جي رمز شناسين ۽ رمز آفريني کي هو هرگز بيان ڪري نہ سگهندو ڇاڪاڻ تہ انهيءَ سڄي معاملي جو تعلق حال جي ڪيفيت، قلبي واردات ۽ وجداني ڪيفيات تي آهي. ان جو انهيءَ قسم سان اظهار صرف اهو ئي ڪري سگهي ٿو جيڪو انهيءَ مقام معرفت جو سيهوڳي ۽ سڃاڻ هوندو لطيف رحہ نہ صرف انهيءَ پنڌ جو پانڌيئڙو ۽ پيروڪار هو پر سندن بصيرت افروز نظر انهن لاهوتين کي پري کان ئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ايندي سندن لاڪيٽي لوڏ مان لکيو وئي. ان جو مثال هڪ شاندار مثال پاڻ مخدوم محمد زمان لواري واري جو پڻ ڏنو اٿن اهڙن ئي صاحب حال صوفين لاءِ پاڻ فرمائين ٿا:

مون ڪاهوڙي لکيا، سمهن ڪين پئي،
سمر ڪيائون سچ جو، ڏوري ڏٺ لهي،
ويا تت وهي، جت نهايت ناه ڪا.

پريان جي پند جا اهي ئي پانڌيئڙا آهن جن جو ثمر سچ ۽ ويهڪ "نهايت" جو نيهو اٿن، جنهن جي ديدار ۽ اسرار پسڻ ۾ اک پورڻ هنن لاءِ عيب آهي. لطيف رحه انهيءَ مقام جو بيان ٿو ڪري جنهن ۾ هو ميتجي ۽ ملي ويا. بصارت ۽ بصيرت وارن لاءِ اهو حيرت جو عالم آهي. عالم استغناء آهي. جتي دم، دم ديدار ۽ روح جي راحت آهي، جتي هنن کي پنهنجي هئڻ جو ڪو احساس نہ آهي. هو اسمي ۽ جسمي طور فنا في الله ۽ ثنا في الذات آهن. اهو مقام لاهوت جو خاصو آهي.

انهيءَ سچي حقيقت کي لوڇڻ ۽ لهڻ لاءِ، پاڻ پڇائڻ تن تسيا ۽ تن پَسيا جي مُجادلہ ۽ مُراقبہ جي، زُهد ۽ عبادت جي، ذڪر ۽ فڪرجي صدق ۽ توڪل جي غور ۽ خوض جي ضرورت آهي، جيستائين سالڪ پنهنجي ذات کي نٿو سڃاڻي تيستائين ذات حق کي سڃاڻڻ هن لاءِ محال ۽ مشڪل آهي. جڏهين بہ جنهن پنهنجو پاڻ کي سڃاتو ۽ ڪيس ان جو پَرو ۽ پروڙ پئي هو سُک نہ سمهيو. القاء جي اوازي رب جي عرفيت مٿس منڪشف ڪري وڌي. انهيءَ لاءِ تہ چيو ويو آهي تہ "من عرف نفسه فقد عرف ربه" جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو انهيءَ پنهنجي رب کي سڃاتو. "من عرف نفسه" جي مام پروڙ ڪان پوءِ هو محسوس ڪري ٿو تہ "منهنجي ذات ۾ عدم آهي ۽ حق تعاليٰ جي ذات

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪي وجود آھي عارف انھيءَ مقام تہ ”مؤتو قبل انت مواتو“ تي وڃي ٿو. ۽ حقيقت الحقايق جي بحر بيڪران ۾ غوط زن ٿي پنھنجي وجود کي وڃائي ڇڏي ٿو. سندس ھستي ۽ ھئڻ نسبي ۽ نابودي ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. لطيف چوائي تہ:

نابودي نيئي، عبد کي اعليٰ ڪيو
ڪبي ات ڪيلتي ڳالھہ پريان جي ڳجھہ جي.

ھي انھي خيال ۾ رھڻ گھرجي تہ جيئن انسان لاءِ وجود ذاتي نہ آھي تيئن حق تعاليٰ لاءِ عدم نہ آھي، قائم بالذات آھي. اِھا سُرت ۽ سمجھہ عارف کي ريڙھي ذات ربي جي ويجھو ڪري ٿي ۽ ھو پنھنجو پاڻ کي ان ۾ تحليل ڪري ڇڏي ٿو. جنھن بہ عارف ۾ پنھنجي نفس کي سمجھڻ جو جيترو ظرف آھي اوترو ان کي ربّ جي عرفيت جو ماڻ پلئہ پوي ٿو.

مٿي ڪجھہ اويسي طريقي جو ذڪر ڪيو ويو آھي. ھت ان جي سلسلي ۾ ڪجھہ وضاحت ضروري آھي. تہ جيئن اشباہ يا ابھام جي صورت ڪنھن کي نظر اچي تہ اھا باقي نہ رھي. اويسي طريقي وارن کي فيض جي برڪت سڌو سنئون حضور جن کان عطا ٿيل ھوندي آھي ۽ ھو پاڻ ڪريم جن جي ذات بابرڪات مان فيضياب ھوندا آھن. ليڪن ”مقام احديت“ گنج مخفي، يا ھويت مطلقہ جو تمام جنھن کي ”حقيقت محمدي“ بہ چئجي تہ بجا آھي اھو اجا بہ پراھون آھي. لطيف چوائي تہ:

”لوچيان ٿي لاحد ۾، ھاري لھان نہ حد“

يا صديق فقير فرمايو آھي تہ:

الله اوري ڇڏيائون، پراھون پنڌ پيا،
نالي مٿا سپرين، اجا کي ھيا
واڪيندا ويا ”صديق“ ھڏايو سندرا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ذات محمدي سان تومل ۽ انسان جي عنايت بعد عارف "حقيقت محمدي" جي مقام ماڻڻ لاءِ آتو هوندو آهي. جيڪا "ذات محمدي" جي اظهار جو مبنع ۽ مصدر آهي. "ذات محمدي" ۽ "حقيقت محمدي" ٻہ جدا جدا تمام ۽ حقايق آهن. جن جي مام ڪي پروڙڻ ضروري آهي. اويسي عارفن کي جيڪو فيض مليو ٿو اها ذات محمدي جي عطا ۽ عنايت، شفا ۽ شفقت آهي. ڄاڻڻ گهرجي تہ "ذات محمدي" معلوم، آهي ۽ "حقيقت محمدي" عالم، انهن ٻنهين کي هڪ ڪري تصور ڪرڻ معلوم کي عالم ۽ عالم کي معلوم، عبد کي رب ۽ رب کي عبد قرار ڏيڻ جي برابر آهي. ممڪن کي واجب ۽ واجب کي ممڪن ڪرڻ جي برابر آهي. ذات محمدي حضور ڪريم جن جو وجود مسعود آهي. جيڪو نور جي صفات سان منصف آهي ۽ مظهر وجود آهي. ليڪن "حقيقت محمدي" مرتبہ وحدت يا "مقام احديت" جو مقام آهي. صوفياءِ ڪرام جي اصطلاح ۾ "حقيقت محمدي" ذات احديت با عتبار تعين اول آهي، مظهر حقيقي احديت "حقيقت محمدي" آهي باقي موجودات مراتب حقيقي محمدي جو مظهر آهن. حقيقت محمدي کي عقل اول، روح اعظم چيو ويو ٿو. جيئن پاڻ ڪريم جن فرمايو آهي تہ:

"اِنَا مِن نُورالله وَڪُل شِيءِ مِن نُوري."

"آئون الله جي نور مان آهيان ۽ سيئي شيون منهنجي نور سان آهن."

لطيف رحہ اويسي طريقي ماڻڻ بعد سالڪ يا عارف کي مقام لاهوت ماڻڻ جي ترغيب ۽ تحصيل ڏني ٿو. جيڪو "حقيقت محمدي" جو مظهر ۽ ڪنج مخفي جو تمام آهي ۽ "فاينما تو الوفثم وجه الله"

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي. جتي صفتان نور آهي سيوئي سبحان آهي.

"اُڏامي ات ويوعقل ۽ عرفان، سيوئي سبحان ڪيڏانهن ڪري ينيتان."

مون هت جيڪي ڪجهه بيان ڪيو آهي، اهو پڻ اجا تشنهءِ تڪميل آهي، ڇاڪاڻ تہ وجودي فلسفي جنهن جو شاه شارح ۽ لقب آهي. ان جي انهيءَ رندي رمز کي سوکو ۽ سهنجو ڪري بيان ڪرڻ ضروري آهي. جنهن کان منهنجو قلم قاصر رهيو آهي. جنهن جو مون کي اعتراف آهي. "مون کي صرف اها ڄاڻ آهي تہ مون کي ڪا ڄاڻ نہ آهي" باوجود پنهنجي اڻ ڄاڻائي ۽ بي علمي جي منهنجي هي ڪوشش نا تمام آهي. هن سلسلي ۾ آئون هن ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان تہ تصوف جي نظريہ ان جي مقامات، مشاهدات کي، قلبي واردات ۽ وجداني ڪيفيات کي، سرڪار لطيف رحہ، سچل بادشاهہ يا اسان جي ٻين صوفي شاعرن مظهر حقيقي جو جيڪو اظهار ڪيو آهي. ان کي موجوده سائنسي دور ۾ جديد ۽ قديم فلسفي جي روشني ۾ ڪهڙي طريقي سان سهمت ڪجي ۽ مطابقت پيدا ڪجي جيئن هن دؤر جي فڪر ۽ فلسفي سان اهو بريچجي اچي ۽ نئين ٿهي کي اهي حقايق ۽ معارف سجهہ ۾ اچن ۽ اُها هِن مان لاڀ پرائي. اها اڄ جي دؤر جي وڏي ضرورت آهي ۽ اسان جي عالمن ۽ دانائن لاءِ چئلينج پڻ، جيستائين انهيءَ سلسلي ۾ علمي ۽ فڪري طور ڪم نہ ڪيو ويندو تيستائين هي سڀ ڳالهيون ڳجهارتون ۽ مجذوب جي ٻڙ وانگيان آهن. تاريخ جي معروضي حالتن جي تقاضا آهي تہ هن عالمي فڪر جي جديد ۽ قديم فڪر ۽ فلسفي سان سائنس جنهن جو بنياد تجربي ۽ مشاهدي تي آهي ان جي بنيادي اصولن سان تطبيق پيدا ڪئي وڃي؛ ان مان نتيجا اخذ ڪري نئين دور لاءِ بحث ۽ تمحيص جي تائيد ۽ ترغيب جي، تسلي ۽ تصديق جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

راهه پيدا ڪئي وجي.

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ توڙي سنڌ جي مادر علمي جي مرڪزن ۾ انهيءَ طرف عدم توجهي جو نتيجو اسان علمي طور گهٽو پوڄي چڪا آهيون. سواءِ ”سچل چيئر“ جي باقي صرف نالي ماتر چيئر آهن. انهن اڄ تائين انهيءَ سلسلي ۾ ڇا ڪيو آهي، اهو ظاهر آهي. ڪنهن هڪ يا ٻن فردن کي پي ايچ ڊي جي ڊگري ڪرائڻ ڪو وڏو ڪارنامو نہ آهي. ادب جي ترقي پسند نظر ۾ هيٺ شاهه رحہ ۽ سچل رحہ لاءِ جيڪي خيال قائم ڪيا ويا ۽ انهيءَ پڪ پيارڻ لاءِ ڏڍا جتن ڪيا ويا. ڪنهن کي مذهب جو باغي قرار ڏنو ويو تہ ڪنهن کي اشتمالي فڪر جي اڳواڻي ڪندڙ ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. اڄ اها حالت آهي تہ انهيءَ سلسلي جا پرچارڪ پاڻ تصوف جا قائل ۽ صوفي سڏائڻ ۾ فخر ڪن ٿا. دراصل اها سڄي فِڪري ماجرا ٻہ روپي جهنجهٽ ۽ ڪنهن مستحڪم فڪري نظريہ نہ هئڻ جي ڪري هئي. ان کان سواءِ ڪنهن بہ شاعر جي علامتي ڪردارن کي ان جي اشاريت ۽ ايمائيت کي ۽ ان جي فڪر جي ڦرهي کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ يا سمجهائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي وئي پر بجاءِ ان جي ان کي ذاتي وجود جي حيثيت ڏني وئي ۽ ان جي چوڌاري ڪوريئڙي جي ڄار وانگيان حصار بندي ڪئي وئي. مثلاً لطيف رحہ وٽ سسئي، سهڻي، مارئي، مومل وغيره ڪردارن جو ذڪر آهي. اهي ڪردار آهن، انهن جي سماجي حيثيت آهي، هو ڪن واقعن سان لاڳاپيل آهن. هو هن ڌرتي جي پيداوار آهن، هن جو تاريخي پس منظر آهي. ليڪن شاهه رحہ جتي انهن ڪردارن جي ڪيفيت، ڪميت ۽ سماجي حيثيت کي بيان ڪيو آهي، اُتي هن انهن سُرن يا ٻين سُرن ۾ انهن جملي حقيقتن سان گڏ هڪ مضبوط فڪر موجود آهي. اهي ڪردار جنهن مشاهداتي حيثيت سان موجود آهن اتي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انهن جي زباني لطيف رحہ هڪ فڪر جي ترغيب ڏيندڙ آهي، جيئن مارئي وٽ آزادي جو فڪر روحاني توڙي مادي ٻنهين حيثيتن سان موجود آهي. سسئي ۾ حق جي تلاش جو فڪر، سهڻي ۾ ذات ۾ سمائڻ ۽ خود سپردگي جو فڪر، مومل وٽ حسن وارا سونهن ۽ جمال جو فڪر موجود آهي اهڙي ريت لطيف رحہ فڪر جي انهيءَ فلسفي کي نهايت گهڻ رُخي صورت ۾ اوريو ۽ ڏوريو آهي. لطيف جو هر ڪردار جتي واقعاتي صورتحال جو سنبل آهي. اتي اهي ڪردار وحداني فڪر جا پڻ شاهڪار آهن. جن جي تاجي پيٽي ۾ هن صاحب حال صوفي حقايق و معارف جي، ذات جي اظهار ۽ ان جي مظهر جي سلسلي ۾ جيڪا گوهر افشاني ڪئي آهي. اها تصوف جي فڪر جو بيمثال اثاثو آهي، اهڙي ريت سُر ڪاهوڙي ۾ بہ هڪ فڪر آهي. ان جي روشني ۾ انهي مقام جي ماڻڻ لاءِ سبق سمايل آهي. اچو تہ اسان لطيف رحہ جي انهيءَ فڪر لطيف کي تلاش ڪريون ۽ انهيءَ محبت واري مقام کي ڳوليون جنهن ۾ روح جي راحت سمايل آهي. سلام آهي لطيف تي جنهن پنهنجي لطيفي لات ۾ مقامات لطيف جي اپٽار ۽ ان جي رمز و اسرار جو لطيف اظهار ڪيو آهي

## ڪتابيات

١ـ شاهہ جو رسالو
٢ـ فصوص الحكم "ابن العربي"
٣ـ المصباح المتصوف (فارسي) علامہ سعيد الدين حمودي.
٤ـ قرآن اور تصوف ـ ڊاڪٽر مير ولي الدين
٥ـ نور الحقيقت ـ حضرت شاهہ سيد اسماعيل حسين قادري
٦ـ اپياسي نوٽ وغيره.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book